

ABC
CERTIFIED

# مهراڻ

4/ 2011ع

سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات لطيف جي

**مُد ڏنائين ماڙهين، هِيُون ڏنائين هوت.**

راڳ تہ شاھ جي جان جو جياپو هو، ۽ ساھ بہ سماع ۾ ڏنائين. چوندو هو تہ ”منهنجي دل ۾ الاهي محبت جو هڪ وڻ آهي، جو راڳ بنا سُڪيو ٿو وڃي.“ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڏينهن جا ڏينهن، سماع ۽ سرود ۾ صرف ٿي ويندا هئس. اهڙي حالت ۾ پنهنجي وجود جو بہ سماءُ نہ رهندو هوس. بعضي تہ اکين مان اڇانڪ لڙڪ پيا وهندا هئس. جذبو ايندو هوس تہ پاڻ بہ ڳائڻ ۾ اچي ڇٽڪندو هو؛ ۽ شايد مولانا روميءَ وانگي، انهيءَ وجد ۽ رقص جي حالت ۾ وايون ۽ ڪافيون، بي اختيار سندس وات مان نڪرنديون هيون. مجازي عشق واري مضمون جي راڳن سان ڪين پوندي هيس، فقط حقيقي ۽ معرفتي راڳ، ۽ صوفين جي معنوي ڪلام مان فرحت ۽ مزو ايندو هوس. نڪو ڪو فاحش عورتن جي ڳائي ۽ناچ سان پوندي هيس. انهيءَ لاءِ تہ ڪيس بلڪل ڌڪار ۽ نفرت هوندي هئي؛ ۽ سمجهندو هو تہ اها شيطان جي ڇنڊبازي آهي. پنهنجن مريدن ۽ فقيرن کي فهمايش ڪندو هو تہ ”فاحش عورتن جي اوڏو ئي ئي نہ وڃو، متان ڪنهن مهل سندن شيرين زبانيءَ تي موهت ٿي، عزازيل جي ڇنبي ۾ ڦاسي، دين ۽ دنيا کان محروم نہ رهجي وڃو.“

**ـ ڊاڪٽر گربخشاڻي**

شاھ جو رسالو- مقدمہ ص 25

چپائيندڙ: شاھ عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاھ 1985ع

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار
عالم سڀ آباد ڪرين

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو



مخدوم جميل الزمان

چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 61 — آڪٽوبر- ڊسمبر 2011ع — نمبر 4

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي تعاون، سنڌ

چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏنو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

انچارج ايڊيٽر

**دين محمد ڪلهوڙو**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو، سنڌ




# ٽماهي مهراڻ

(Regd No. NS-20) سنڌي ادبي بورڊ چام شورو، سنڌ.

The "Mehran", Quarterly
Vol: 61 , No 4/2011
(Established in 1955)


* An ageold leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan and abroad.
* Contemporary creative writings, history, civilization, education, music, folklore, archaeology, lexicography, General culture of Sindh and translations from world literature are the main topics of material usually published in this periodical.
* Published by SINDHI ADABI BOARD for the promotion of Sindhi literature with the financial assistance of PAKISTAN ACADEMY OF LETTERS Islamabad.


• Publication contact:
Editor, Mehran Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro
Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
(E.mail: sindhiab@yahoo.com)
Website: www.sindhiab.com
www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ


ساليانو چندو: ٻي سو رپيا | فون نمبر: 022-2633679 | في پرچو: پنجهتر رپيا


Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, near Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh Pakistan.



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

مان ئي آهيان حسن ازل جو، مان ئي هان بدصورتي،
مان پوڄاري، مان ئي مندر، مان ئي پنهنجي مورتي،
- شيخ اياز



# سنڌي ٻوليءَ جو ٻيو ڀاڪ شاعر شيخ اياز

ولادت- 2- مارچ 1923ع

وفات- 28- ڊسمبر 1997ع

گذارش

# جنم جنم جي جيت اياز



هر سال، هن مهيني ۾، شيخ محمد مبارڪ المعروف شيخ اياز جي ورسي شايانِ شان نموني سان ملهائي ويندي آهي. هن عظيم شاعر جي وڇوڙي کي اڄ 14 سال وهامي ويا آهن، اهي 14 سال اڄ به ڪالهوڪو ڏينهن لڳن ٿا. اڄ به سنڌ جو علمي ۽ ادبي حلقو سوڳوار آهي ۽ مهان ڪوي شيخ اياز جو خال شدت سان محسوس ڪري ٿو. اداره "مهراڻ" سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور ۽ عظيم شاعر کي ورسيءَ جي موقعي تي خراج تحسين پيش ڪري ٿو ۽ گڏوگڏ ورسيءَ جي مناسبت سان لائق پڙهندڙن جي خدمت ۾ ٻه- چار ڳالهيون عرض رکي ٿو، جنهن ذريعي شيخ اياز جهڙي آفاقي شاعر کي ويجهڙائيءَ سان سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

شيخ اياز جي شاعريءَ جون سرحدون انسان دوستيءَ جي اعليٰ ترين قدرن سان ڳنڍيل آهن. هو سنڌ کي پنهنجو وطن تسليم ڪندي به سڄيءَ ڌرتيءَ کي پنهنجو ديس سمجهي ٿو. اهائي شاعراڻي خوبي سندس شعر کي عالمگيريت ۽ آفاقيت بخشي ٿي. انهيءَ احساساتي هم آهنگي ۽ هڪجهڙائيءَ سان گڏوگڏ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ عالمي سطح جي ڪيترن ئي مسئلن، واقعن، شخصيتن، تحريڪن ۽ انقلابن جا حوالا عام جام ملن ٿا، جن جو واسطو ادب، سياست ۽ فلسفي سان آهي. شيخ اياز جا نظم هيروشيما، چي گويرا جي موت تي، ويٽڪانگ جو سائگان تي حملو، مزدور جي ٻار جو گيت، پورهيت لاءِ پرديس ۾ ساڳيو وغيره خاص طرح ذڪر جوڳا آهن. انهيءَ کان علاوه شيخ اياز پنهنجي مختلف ڪتابن، جهڙوڪ: ڪُتين کر موڙيا جڏهن (3- ڀاڱا)، ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون ۽ خاص ڪري نثري شاعريءَ جي ڪتابن ۾ ادب، آرٽ، سياست، فلسفي ۽ مذهب سان تعلق رکندڙ ڪيترين ئي نامارن ۽ عظيم شخصيتن سان تخاطبي انداز پنهنجايو آهي، جن سان هو سندن ئي پيش ڪيل خيالن ۽ سوچن تي بحث ڪندو ۽ ويچار وندينڊو نظر اچي ٿو.

دنيا جي هر ڪنهن عظيم شاعر وانگر شيخ اياز جي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جا گوناگون ۽ ڳتيل پهلو آهن ۽ سندس شاعريءَ جون وسعتون ۽ سرحدون هڪ لحاظ کان ڇُهي نہ ٿيون سگهجن. هر عظيم تخليقڪار وانگر شيخ اياز جي فڪر ۽ فن جي پاتارن ۾ جيئن جيئن لهبو تيئن تيئن نوان نوان موتي ۽ ماڻڪ هٿ ايندا ۽ ان جي فن ۽ فڪر جي وسعتن ۾ جيئن جيئن پري پري تائين وجبو تيئن تيئن نوان گرهه ۽ سيارا هٿ ايندا رهندا. شيخ اياز جي شاعري جيتوڻيڪ پنهنجي موضوعاتي اعتبار کان گهڻي ورهايل آهي، پر انهيءَ هوندي به ان جا ڪي خاص ۽ نمايان پهلو آهن: (1) انسان دوستي، (2) وطن دوستي، (3) رومانويت، (4) فطرت پسندي ۽ (5) عالمگيريت.

شيخ اياز هڪ اهڙي علائقي ۾ جنم ورتو، جيڪو صدين کان وٺي ڌارين جي حملن ۽ قبضي هيٺ رهيو هو ۽ جنهن غلاميءَ جا ڏکيا دور ڏٺا هئا ۽ تاريخ جي ڏکهي غلامي، اتان جي ماڻهن ۾ محرومي ۽ مظلوميت جي احساس کي جنم ڏنو هو. شيخ اياز کي پڻ اهڙي محرومي ۽ مظلوميت ورثي ۾ ملي هئي، جنهن کان هن اڳتي هلي بغاوت جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجي ماڻهن جي عزتِ نفس، سماجي وقار، قومي سربلندي، ثقافتي سڄاڳي ۽ سياسي حقن جو آواز بلند ڪيو. هن مروج روايتن کان بغاوت ڪئي ۽ مقامي سطح جي استحصالي قوتن کان وٺي رياستي سطح تائين، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ ڏاڍ خلاف سگهارو آواز بلند ڪيو. اها مظلوميت جي پاسداري ئي هئي، جنهن جي ڪري هن جا شروعاتي ٽئي ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، "ڀونر ڀري آڪاس" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" ضبط ڪيا ويا ۽ هن کي ڪيترا ڀيرا زندان ڀيڙو ڪيو ويو.

غير معمولي ماڻهن سان ڪچهرين جا احوال پڙهون ٿا. ان لحاظ کان پڻ اسين اهو چئي سگهون ٿا ته شيخ اياز جي ذهني ۽ روحاني اٿا ويٺي سڄيءَ دنيا جي عظيم انسانن ۽ غير معمولي ڏاهن ماڻهن سان هئي.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ هڪ اهم پهلو فطرت پسندي به آهي، دنيا جي هر ڪنهن عظيم تخليقڪار وانگر شيخ اياز جي شاعريءَ جون موضوعاتي حدون- زندگي، سماج ۽ فطرت تائين پکڙيل آهن. شيخ اياز جي فطرت پسنديءَ جا ٻه حصا آهن. هڪ حصي ۾ هن پنهنجي ديس جي ندين، وڻن ٽڻن، فصلن، ماڳن مڪانن، ۽ لڳ ڀڳ هرهڪ شيءِ ۽ لقاءِ سان محبت جو اظهار ڪيو آهي. جڏهن ته سندس فطرت پسنديءَ جو ٻيون حصو هن جي سيرن ۽ سفرن جو تخليقي اظهار آهي ۽ هن جي تخيل جي آڌار جو نتيجو پڻ آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ اسان جو دنيا جي مختلف علائقن، شهرن ۽ ماڳن مڪانن ۾ موجود فطري حسن جو بيان پڻ جهجهو ملي ٿو، جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هن جي تخليقڪار اک صرف پنهنجي ديس ۾ فطري حسن ڪي ئي نه ٽٽي ڏٺو پر دنيا جهان جي خوبصورتي پڻ کيس متاثر ڪيو ۽ ان جو بيان هن پنهنجي شاعري توڙي نثر ۾ خوب ڪيو آهي. سندس اها فطرت پسندي سندس لاشعور ۽ تحت الشعور جو اهڙو حصو هئي، جيڪا سندس تخليقي عمل ۾ هر طرح سان دخلڪار ٿيندي هئي ۽ ان جي شاعريءَ کي وڏيڪ معنائون ۽ حساڪيت بخشيندي هئي.

شيخ اياز، پنهنجي تخليقن ۾ عالمگيريت ۽ انسانيت جو وڏو پاسدار ۽ علمبردار هو. تنهنڪري اها ضرورت هر وقت محسوس ڪئي وئي ته سندس شاعريءَ جا ترجما انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪيا وڃن ته جيئن اها جهڙيءَ طرح سنڌي ماڻهن لاءِ اتساهه جو ذريعو بڻي آهي ۽ جهڙيءَ ريت اها انهن جي ارادي جي مضبوطي ۽ عزم جي بلنديءَ جو ڪارڻ بڻي آهي ۽ جنهن نموني اها پنهنجي وطن ۽ وطن واسين لاءِ غلاميءَ سان نفرت ۽ آزاديءَ سان محبت جو وسيلو بڻي آهي، تهڙيءَ ريت اها سڄيءَ دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن لاءِ پڻ اتساهه، ارادي جي مضبوطي، عزم جي بلندي ۽ غلاميءَ مان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ مددگار ثابت ٿي سگهندي ۽ اهڙيءَ ريت اسان جي هن عظيم شاعر جو تعارف ٻين خطن ۽ ملڪن جي عظيم ۽ انسان دوست شاعرن ۾ ٿي سگهندو.

شيخ اياز، پنهنجي تخليقي جوهر ۾ وطن دوست ۽ انسان دوست شاعر هو ۽ انسان دوستيءَ جي تشريح، جديد ۽ عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جوڳن قدرن سان ممڪن آهي، ٻي معنيٰ ۾ انسان دوستيءَ جي اصلاح ترقي پسند فڪر سان ويجهو واسطو رکي ٿي. ترقي پسند فڪر جون مختلف ڌارائون آهن. يورپ جي سماج ۾ صدين جي اٿل پٿل ۽ ان جي نتيجي ۾ بهتريءَ جي امڪانن پيدا ٿيڻ سان گڏ دنيا جي تبديلين ۽ انقلابن جي ظهور پذير ٿيڻ واري عمل سان هن معاملي جو سڌو تعلق آهي. اسين ائين به چئي سگهون ٿا ته انسان دوستيءَ جو عمل ترقي پسند فڪر جي لاڳاپي کان سواءِ اڌورو آهي.

انسان جي دنيا پنهنجي داخلي ۽ خارجي اوسر جي عمل ۾ مختلف دورن مان گذري آهي، ان غلاميءَ جو دور به ڏٺو آهي ۽ جاگيرداريءَ جا ور به سٺا آهن ۽ جديد صنعتي دور جي اعمالن مان به گذري چڪي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ته انهن ٽنهي غلام داري، جاگيرداري ۽ صنعتي دورن مان پڻ گذري رهي آهي. تاريخ جي انهيءَ سڄي سفر ۾ انسان ذات تمام گهڻو سٺو ۽ ڀوڳيو به آهي، ته انهيءَ سان گڏ هڪ استحصال کان پرپري ۽ انڪاري سماجن جي تخليق جي لاءِ ڪن بنيادي نتيجن تي پڻ پهتي آهي. شيخ اياز جي شاعريءَ تي انهيءَ عالمگير فڪر جا اثر نمايان آهن، جن جا مثال سندس شاعريءَ ۾ گهڻن ئي هنڌن تي ملن ٿا.

شيخ اياز جيئن ته وڏي مطالعي وارو شاعر هو. هن دنيا جي ادب جا لڳ ڀڳ سڀ شاهڪار نظم توڙي نثر ۾ پڙهيا هئا ۽ انهيءَ مطالعي مان هن اهو ڏٺو هو ته شاعريءَ جي معاملي ۾ عالمي سطح تي نثري نظم (Blank verse)

## شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ۽ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جو جنم ڏهاڙو تقريب:




4- آڪٽوبر 2011ع تي سنڌي ادبي بورڊ طرفان بورڊ جي پارڪ ۾ شام جو 6:00 وڳي سنڌي ٻوليءَ جي ٻن نامور اديبن- شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ۽ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي يومِ پيدائش جي حوالي سان 'جنم ڏهاڙو' ملهايو ويو. تقريب جي صدارت بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ۽ بورڊ جي فنانس ڪاميٽيءَ جي چيئرمن جناب نظر محمد گاهي صاحب ڪئي، خاص مهمان ۾ بورڊ آف گورنرس جو ميمبر جناب سرفراز راڄڙ صاحب هو. تقريب ۾ سنڌي ادب جي ٻن محسنن جي علمي ڪارنامن تي تفصيلي روشني وڌي وئي. هن تقريب ۾ سنڌي ادبي سنگت جام شوري پڻ سهڪار ڪيو.

## بيگم نصرت ڀٽو صاحبه جو دکدائڪ وڇوڙو:



شهيد جناب ذوالفقار علي ڀٽو جي وني، شهيد محترمه بينظير ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد شاهنواز ڀٽو جي والده ماجده ۽ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر جناب آصف علي زرداري صاحب جي مشفق سَسُ بيگم نصرت ڀٽو صاحبه گهڻو عرصو بيمار رهڻ بعد 82 سالن جي ڄمار ۾ آچر جي ڏينهن 23- آڪٽوبر 2011ع تي دبئي ۾ هڪ اسپتال ۾ دم ڏنيءَ در حوالي ڪيو. (اناالله و انا اليه راجعون)

بيگم نصرت ڀٽو صاحبه بلند حوصلي ۽ مضبوط ارادن جي مشرقي عورت هئي، جا آمريت جي خلاف زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين جهيڙيندي رهي، ايستائين جو سنڌس بهادر ور جي شهادت کان پوءِ سنڌس ننڍو فرزند شاهنواز ڀٽو، پوءِ مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ آخر ۾ سنڌس وڏ ور نياڻي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه هڪبئي پنيان شهادت واريءَ مسند تي سرفراز ٿيا، ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي قرباني هوندي جا بيگم ڀٽو صاحبه نه ڏني هجي! ايڏين قربانين کان پوءِ به مضبوط ارادن واري مشرقي عورت آمريت جي آڏو هٿيار ڦٽا نه ڪيا ۽ ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي ۽ ملڪ جي استحڪام لاءِ جدوجهد جاري رکي. پاڪستان نه پر پوري دنيا ۾ اهڙي حوصلي واري خاتون شايد ئي پيدا ٿي هجي، جنهن ايڏين حالتن جو ڄمي مقابلو ڪيو هجي.

بيگم ڀٽو صاحبه جون ملڪ جي استحڪام ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ورتل ڪوششون بي مثال آهن. سنڌس وڇوڙو ملڪ، قوم ۽ جمهوريت جو وڏو نقصان آهي، ۽ ان جي تلافي ڪرڻ مشڪل آهي.

## شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 4 ورسي:



27- ڊسمبر تي، شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي 4 ورسي، سنڌس اباڻي ڳوٺ ڳڙهي خدابخش ڀٽو تعلقي رتي ديري ۾ نهايت شايانِ شان طريقي سان ملهائي وئي. تقريب ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي قاتلن کي وائکو ڪري انهن کي ڪيفر ڪردار تائين رسائڻ جا عزم ڪيا ويا، ۽ گڏوگڏ شهيد محترمه جي شاندار جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪئي وئي ۽ سنڌس انهي پيغام کي پڻ ورجايو ويو، جنهن بابت شهيد محترمه اڪثر پنهنجين تقريرن ۾ بار بار اظهار ڪندي هئي. اهو پيغام هو ملڪ ۾ جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ. شهيد محترمه جو ايمان هو ته هيءُ ملڪ جن قربانين ذريعي حاصل ڪيو ويو آهي، ان کي اهڙين ئي قربانين ذريعي مضبوط ۽ مستحڪم ڪري سگهجي ٿو. هن ملڪ ۾ جمهوريت جون پاڙون پُختيون ٿينديون ته هتان جا ادارا به مضبوط ٿيندا ۽ پنهنجي اصل جوهر ۾ ڪم ڪندا، ادارا مضبوط ٿيندا ته هتان جو غريب عوام به خوشحال ٿيندو.

شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جو خواب هو ته پاڪستان ۾ جمهوريت پنهنجي اصل جوهر ۾ قيام پذير ٿئي ۽ عوام کي ان جو حقيقي ميوو چکڻ لاءِ نصيب ٿئي. انهيءَ لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو رڳو پاڪستان جي ليڊر

نہ هئي پر هوءَ تہ هڪ وڏي عالمي ليبر هئي. محترمہ جي گھڻ رُخي شخصيت ۽ قيادت جا ڪئين پهلو هئا ۽ محترمہ هر پهلوءَ ۾ اڪيلي ۽ يڪتا هئي. اسان موجوده قيادت مان پُراميد آهيون تہ هو اهڙي عالمگير ۽ بهڄَي ليبر جي خون سان انصاف ڪندي قاتلن ۽ انهن جي گروهہ کي جلد بي نقاب ڪري انهن کي ڪيفر ڪردار تائين رسائيندي.

**سنڌي ٻوليءَ جي ناموَر ۽ بي باڪ شاعر شيخ اياز جي 14 ورسي:**

28- ڊسمبر تي شيخ اياز فائونڊيشن ۽ يادگار ڪميٽيءَ پاران سنڌي ٻوليءَ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي 14 ورسي سندس مزار ڀٽ شاهہ تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويئي. سنڌي ٻوليءَ جي برک اديب، دانشور، نقاد، ڏاهي ۽ شيخ اياز سان گھڻو عرصو ويجهو رهندڙ شخصيت سائين محمد ابراهيم جوئي صاحب جي سرواڻيءَ ۾ اديبن جي وڏي انگ برصغير جي وڏي شاعر جي مزار تي حاضري ڀري گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ فاتحہ پڙهي. ان موقعي تي هڪ ميڙاڪو بہ ٿيو، جنهن کي خطاب ڪندي سائين محمد ابراهيم جوئي صاحب چيو تہ شيخ اياز کي اسان کان وڇڙندي 14 سال ٿي ويا آهن، پر سندس شاعري، فڪر ۽ يادگيريون زندهہ ڪان زندهہ تر ٿينديون پيون وڃن ۽ اهو سچ آهي تہ شيخ اياز ۽ ڀٽائيءَ جهڙيون هستيون وسارڻ جهڙيون نہ آهن. سائين جوئي صاحب جن جو چوڻ هو تہ اڄ هتي گڏ ٿيڻ جو مقصد اهو آهي تہ هنن عظيم هستين پنهنجي ڪلام ۽ شاعريءَ ذريعي جيڪو پيغام ڏنو آهي، ان کي نہ صرف ياد ڪريون ۽ ويچاريون پر اُن کي وڌايون بہ. ميڙاڪي کي محترم علي قاضي، محترم نصير مرزا، محترم پروانو ڀٽي، محترمہ زيب نظاماڻي، محترم ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري، محترم پير عبيد راشدي، ۽ ٻين اديبن پڻ خطاب ڪيو.

**سنڌي ادبي بورڊ جي وفد جي شيخ اياز جي مزار تي حاضري:**

جناب مخدوم جميل الزمان صاحب، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جن جي خصوصي هدايتن تي 28- ڊسمبر تي بورڊ جي هڪ وفد جناب الهڏنو وڳهيو سيڪريٽري جي اڳواڻيءَ ۾ شيخ اياز جي مزار تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي فاتحہ پڙهي. وفد ۾ دين محمد ڪلهوڙو ايڊيٽر ٽماهي ”مهراڻ“، محترم سيد سڪندر علي شاهہ پبليڪيشن آفيسر، محترم حافظ احمد الدين انڊڙ پبلڪ رليشن آفيسر ۽ ٻيا شامل هئا.

**دين محمد ڪلهوڙو**

ايڊيٽر ”مهراڻ“



## غزل

جي ھانءُ نہ ھارين ڪوھيارل، ھي ڏينھن بہ گھاري ويندا سين،
چو ٻير پساري ويٺو آن، اُٺ! ڏونگر ڏاري ويندا سين.

ڪنھن لاءِ سڪين ٿو ڪنڌيءَ تان، ٻي ٻيڙي مُور نہ اچڻي آ،
جي تون بہ اچين او وڻجارا! توکي بہ اُڪاري ويندا سين.

درياھہ اندر جا دھشت آ، ڪنھن وقت قيامت ٿي ويندي،
تون مان تہ رڳو ھن سنتوءَ تي، ڪا لھر اُپاري ويندا سين.

ڪا جھرمر جھرمر جگنوءَ جي، ڪا ٽِمر ٽِمر ٽِمر ٽِمر تاري جي،
گھنگھور گھٽا جو گھيرو آ، ڪنھن جي تہ سھاري ويندا سين.

آ مرڻو ھر ڪنھن ماڻھوءَ کي، پر ھيئن نہ مرنداسين ساٿي!
ڪا آگ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

تون آءُ تہ اوريون اوراڻا، جو جيءُ سھي ھي جھوراڻا؟
تون ڇا ڪان چرڪين ٿو راڻا! اڄ ڪاڪ ڪناري ويندا سين.

جو گھبرائين ٿو ڪوٽ ڏسي، ھي اوچي اوچي اوٽ ڏسي،
زندانُ اُڏائي ويندا سين، زنجير پگھاري ويندا سين.

تنھن وقت بہ مون ھي ڄاتو ھو، ھي ڪاريھر سان ناتو ھو،
جي ھاٿي ساٿ سڃاتو ھو، ھي ماري ماري ويندا سين.

ـ شيخ اياز

# شاعري

# شيخ مبارڪ علي اياز

سنڌ جو عظيم شاعر ۽ نثر نويس شيخ محمد مبارڪ علي اياز ولد غلام حسين شيخ 2 مارچ 1923ع مطابق 12 رجب 1341هه، 19 ڦڳڻ 1979 وڪرمي جمعي جي ڏينهن شڪارپور ۾ تولد ٿيو. پنهنجي والدين کي نرينه اولاد ۾ هيءُ پهريون نينگر ڄائو هو. سندس جنم کان اڳ هو ڏاڍا آسائتا ۽ سڪائتا هئا. انهيءَ ڪري نرينه اولاد ٿيڻ جي اڪير ۽ اڪنڊ ۾ مالڪ سائينءَ کي پيا ٻاڏائيندا هئا. ڪيترن عارفن ۽ ولين وٽ يا درگاهن ۽ مزارن تي دعا طلبيءَ لاءِ ويندا هئا. مبارڪ علي اياز جو والد غلام حسين شيخ، راڻي پور جي بزرگ سيد صالح شاهه جو مريد ۽ خاص خليفو هو.

روايت آهي ته هڪ ڀيري غلام حسين پنهنجي مرشد کي دل جي حضور سان عرض ڪيو ته: ”قبلا! منهنجي غريب خاني تي هلي قدم گهمايو ۽ دعا ڪريو ته مالڪ حقيقي مون غريب جي ماڙ ۾ مهر جو مينهن وسائي ۽ نرينه اولاد عطا ڪري.“ اهو عرض ٻڌي سيد صالح شاهه ڪيس آٿت ڏيندي چيو ته: ”غلام حسين ’فقير‘! تون دلجاءِ ڪر. انشاءِ الله آءٌ جمعي جي ڏينهن توهان جي گهر هلندس ۽ اتي توهان جي آڏو باري تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندس.“ اقرار موجب، اولياء الله سيد صالح شاهه سندن گهر آيو ۽ غلام حسين فقير کي دعا ڪيائين. وڃڻ وقت، ولي الله وقت پنهنجي مريد ۽ خاص خليفي فقير غلام حسين کي آٿت ڏيندي چيو ته: ”انشاالله تعاليٰ مالڪ جي مهر ٿيندي ۽ توهان جي گهر ۾ نينگر جو جنم ٿيندو. جمڻ وقت مٿس نالو مبارڪ علي رکيو وڃي. هو بيحد ذهين ۽ خوشحال ٿيندو. سندس نالو دنيا ۾ سج وانگر چمڪندو رهندو. ٻالڪ جي تن تي ڪٿي ڪو ڪارو نشان به ضرور هوندو.“ (شيخ اياز جي پنيءَ تي ڪارو نشان هو) مرشد جي فرمان موجب غلام حسين فقير کي پٽ ڄائو. مٿس مبارڪ علي نالو رکيو ويو. سندس ولادت تي وڏيون خوشيون ملهايون ويون.

**ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**
مضمون- ”جنم جنم جي جيت اياز“ تان ورتل ٽڪرو
مهراڻ (شيخ اياز نمبر) 2-1998/1ع
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

# حسن درس کي پيتا

## سردار شاهه

وڏا وڻ ڳوٺ تنهنجي جا، ڏگها ٻاچا، مٺي ڇيڪي
وڏي کنهن وڻ جي ٻاڇي ۾، وڃي تون آن ستو سرکي
اها جيکا مٺي توتي، وڃي واري وريا جيکي
الائي پوءِ، ڪيئن ٿرندا سي، انهيءَ ٻارڻ ٻريا جيکي
اسان سمجهيو وصل تنهنجو جوانيءَ کي جڙيندو پيو
سدائين کي ڇتيون ڇوريون، ڇندي ڦوکي ڇڙيندو پيو
اسان ائين ڪونہ سمجهيو هو، وڇوڙو واٽ تنهنجي آ
سمورا سچ تنهنجا هِن، سموري ٻلٽ تنهنجي آ
محبت کي مشائخ ۾، دفن ٿيندي دليون ڏسنديون
ڪبوتر جي پرن کي ڪو، ڪفن ٿيندي دليون ڏسنديون
رکيا تو سنج ساهن جا، گهنٽئن جي تہ گهوڙي تي
پرانهين پار اُکري وئين، هوائن جي تہ هوڙي تي
شهر ۾ شينهن وانگي هو، شڪاري شوق تنهنجو هِي
ڳچيءَ کان ڪيئن ڪڇي سگهندو غمن جو طوق تنهنجو هي
پنهنجي ڏس نوٽ دلڙيءَ کان، ڪنوڻ وانگي ڪِلڻ تنهنجو
هٿيلي ٻار وانگي هو، اويلو سو ملڻ تنهنجو
فقيريءَ ۾ فراقن جو، الائي ڪيڏو فقر ميڙيو
ٻوهارو ڏئي تو ٻاهر کان، اسان جو پئي اندر ميڙيو
سموري سنڌ ٻاڇي جيان، سمائي پنهنجي نيڻن ۾
وطن کي ٻہ وجهي ويو آن، وڇوڙي جي تون ويڻن ۾
جلي ”جلمي“ ڪٿي جيئندو، اهو ”مسرور“ ڪيئن رهندو
”مجو“ جي من ۾ تنهنجو پروڪو پُورُ ڪيئن رهندو
رڳن ۾ رت ڪيئن ايندو، ڪنل تنهنجي قبيلي ۾
ڇڏي وئين تون سنگت سٽي، دلين جي پور ٻيلي ۾
ميجون ٿا پنهنجي ڌرتيءَ جي، ڳهرن ۾ ٻار پيا لڏندا
جنهين پينگهن ۾ لڏندو هئين، ڪري اوسار پيا لڏندا
اجل جي تيز گهوڙي تي، الائي ڪنهن ٻار نڪري وئين
اڃا مون هٿ وڌايو پئي، الهہ توهار نڪري وئين
ڪٿي ڪا ديد نڪتو هُئين، ڪرڻ ديدار نڪري وئين
حياتيءَ جي فقط هڪڙي، ڪري هٽڪار نڪري وئين.

## مظفر چانڊيو

وڏا وڻ ڳوٺ تنهنجي جا
ٿا ٻار ڪڍن ۽ وار پٽين
گهٽيون اڄ ڳوٺ تنهنجي جون
ٿيون گلڙن کي گهايل ڪن
ڏٺوسين ڳوٺ تنهنجي کي
قبرن جي ڪنارن کان
ستل آن ننڊ ۾ سهڻا
سنڌ جي سلامن سان
ڳوٺ جي شهسوارن سان
تڪن ٿيون تاڙيون ڪجيون
جهمپير جون توڏي
نوريءَ جي نگاهن سان
نہ ڪر تون ننڊ او سائين
نيڻن جي گلاسن سان
پيئڻ ڏي پيار پنهنجي کي
شاعريءَ جي ادائن سان
ڪيڏو اڄ ٿو مارين
موکيءَ ۽ متارن کي
ڪينجهر جي ڪنارن کي
هرهڪ هٿ ٿو تڙپي
هرهڪ دل ٿي ڌڙڪي
تنهنجي ڀَريل جام لئہ
۽ اجڙي ويل هر شام لئہ
سنڌ جون سموريون گهٽيون
۽ حيدرآباد جون هزارين مٺيون
ٿيون تڪن توڏي اڃا
هوءَ سمنڊ جي سار جهڙي ڇوڪري
سنهڙي تار جهڙي ڇوڪري
پرانهين پار جهڙي ڇوڪري
پکين جي ٻار جهڙي ڇوڪري
هر فون ڪال تي ٿي تڙپي پوي
ڇا اڄ نہ تو ان کي مس ڪال ڪرين؟
ڪا فلائنگ ڪِس ڪرين
۽ هڪ ننڍڙو ايس.ايم.ايس ڪرين

## خليل عارف سومرو



### تون!
(آزاد نظم)

ٿون حَسِين آهين مٺي!
خوبصورتِ اندلٺ جان،
رنگ ٿنهنجا ٿا وڻن،
سونهن تنهنجي جي اڳيان،
چندُ چاليهين پَتي پي ڪِين آ،
تنهنجن نيڻن کان وڌيڪ،
سمندُ پي گهرو ڪٿي!؟
رنگ پوپٽ جي پرن جا،
ناںءُ تنهنجو ٿا لڳن.
چندُ ٿنهنجي نڪ جي سُهڻي ڦُلِي،
۽ سِتارا!
ٿنهنجي چولي جُون ٽِڪُون،
سُونهن پي توکان وٺي ٿي دلڪشي،
واهُ هي توکي ڇُهي،
جسم جي هُٻڪار تي ٿي مست ٿئي،
ٽهڪ ڏين ٿا گُل ٽڙن ٿا،
ٿون جڏهن ڳالهيون ڪرين،
ساز ٿا منڙا ڇڙن،
خوبصورت گُل ڇڏي،
پؤنر ٿا توڏي اچن!
۽ جڏهن تنهنجو ٿهيو هو،
ڇا تہ انگوري بَدن،
جڻ تہ جنت جو چمن،
پنهنجي ان تخليق تي،
خود خُدا کي ٻِي خوشي هئي،
جت ڪٿا حورن پرين جي ختم ٿئي،
حسن تنهنجو ٿو شروع ٿئي،
اي پدمڻي، ڪامڻي!
عاشقي تون، شاعري تون،
مُنهنجي آهين زندگي تون.

### وائي

نہ تِي چاٽين تون،
ڪيڏي معنيٰ ٿي رکين.
تون جيون جا رنگ سڀ،
مان رڳو ريکون.
ڪيڏي معنيٰ ٿي رکين.
سپنن جو آهين سبب،
ٿنهنجُون ئي سوچون.
ڪيڏي معنيٰ ٿي رکين.
رَڳُون آهين رُوح جُون،
دِل جُون ڌڙڪُون.
ڪيڏي مِعنيٰ ٿي رکين.
سُڳنڌ هن سنسار جي،
جَڳ جُون تون جوٺون.
ڪيڏي معنيٰ ٿي رکين.
عارف گذرن شال کي،
توسان سڀ شامُون.
ڪيڏي معنيٰ ٿي رکين.

### غزل

صبح جي پَهر، جيئان آهين،
پيارُ جي پَچر، جيئان آهين.
هِير ٿي گهُلين، مٺان دل جي،
سَمنڊُ جي لهر، جيئان آهين.
عشق جي وجود، جهڙي تون،
نِينهن جي نظر، جيئان آهين.
دل فريب ڳوٺ، جي منظر،
شهر جي سَحر، جيئان آهين.
ڏُکَر جي ور، چڙهيل تنهن لئہ،
مِينهن جي خبر، جيئان آهين.
پنکڙي نفيس، نازڪ تون،
ڪيئن چوان پٿر، جيئان آهين.
جڻ هجين ڪتاڻ، ليمي جي،
چَٽ پَٽِي ڇَهر، جيئان آهين.
پئہ ڪڏهن نہ، ٿئي پراٺو جو،
تون بہ تنهن وکر، جيئان آهين.
ساٿ ۾ خليل، عارف سان،
خوشبوءِ جي سفر، جيئان آهين.

امتياز 'عادل' سومرو

## اڪين جي آبشارن کي!!

ڀٽائي ڀُونءِ تنهنجيءَ تي، ڏکين ڏوٿين ڏڪارن کي،
وجهي ڏهڪاءَ ڏاڍا ٿا، ڪنبائن قربدارن کي.

ستم جي روز گهاٽي ۾، پيا ٿا پيڙهجن سانگي،
بلالي موت ماريو ٿو وجي، پيو تنهنجن مارن کي.

چمن اميد جو مايوس ٿو، ڏسجي ڏسون وينا،
خزائن جو وڌي خطرو، ويو بادو بهارن کي.

نہ ساڳيون رونقون سنڌڙي جي، گلشن ۾ رهيون هِن،
خدا ڄاڻي نظر ڪنهن جي، لڳي نرمل نظارن کي.

ولر ڪان جي ويون وڇڙي، وري وڇڙيون مليون ناهن،
وڇوڙي جو لڳو ڪو واءُ، ڪونجن جي قطارن کي.

پڄي پيا بند ڳوڙهن جا، ڏسي حالت سنگهارن جي،
لڪائي ڪيئن ڇڏيان، پنهنجي اڪين جي آبشارن کي.

وري وسنديون ٿيون ويران، جهانگيئڙن ڇپر ڇڏيا،
وڪوڙيو باهہ چوڌاري، لين لاٽين ليارن کي

ڏکن جي ڏيهہ ۾ ويهي، ڏجن ڪنهن ڪنهن کي ڏوراپا،
مرم پنهنجن جو ٿو، ماري سٽائن ٿا سنگهارن کي.

اسان جا پنهنجا پنهنجن جا، ڏسو ماري ٿيا آهن،
فريب آهي مليو ڪيڏو، اسان جي اعتبارن کي.

ڏمر ڪان ڏاڍ ڪان عادل، ڇڏي ويا جوءِ جهانگيئڙا،
اجا تائين پيا سارن، اُهي پکڙا پنهوارن کي.

## وائي

ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

مرڪون وٺ ۽ مون کي ڏي تون، اکڙين جي آلاڻ،
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

منهنجي بت مان وٺي نہ تنهنجي، ٻاڪر جي سرهاڻ!
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

ويهہ نہ تنهنجي اکڙين ۾، مان ڳوليان پنهنجو پاڻ،
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

شال اسين ائين ڌار نہ ٿيون، جيئن ڪاڇو ۽ مهراڻ
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

تنهنجو خيال خزانو منهنجو، ياد خوشين جي کاڻ!
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

تو ڏي جيئن ٿو تاڙيان مان پيو، تيئن تون مون ڏي تاڻ،
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

پيار سڏي ڏي پنهنجو ڪجهہ تون، منهنجي محبت ماڻ
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

مرڪي ڪالهہ پڇيائين عادل، توکي ڇاجي ڪاڻ!
وٽي تي ڳلڙن جي ڳاڙهاڻ!

# فياض چنڊ ڪليري

## غزل

أداس درد جي موسم، سڏي رهي آهي،
خوشي اڪين مان اچانڪ، لڏي رهي آهي.

وري بہ هجر ئي ٽڙندو، گلاب جان دل ۾،
سڪي بہ ڪنڊ جُهڪائي، چڙي رهي آهي.

اُهائي روح ڪي روشن، ڪندي ڏياٽين جيان،
جا تانگهہ، تڙپ اسان جي، تڏي رهي آهي.

چپن سان جام ڇُهي، مون طرف وڌائيندي،
جوان جسم جي گرمي، گڏي رهي آهي.

او چنڊ! شل ڪڏهن، سانوري نہ مرجهائي،
اکين ۾ خواب جا مُرڪي، اڏي رهي آهي.

## غزل

اڄ تہ جوڙيون عشق جو، اتهاس جانان!
پيار جو قائم رهي، وشواس جانان!
نيڻ، تُنهنجا مَڌ جو، معراج آهن،
تون سراپا پياس جي آن، پياس جانان!
تون تہ فطرت جي، حُسن جي هاڪ آهين،
خوشبوئون تومان وٺن ٽيون، واس جانان!
شال لفظن ۾، سمائي مان سگهان،
تنهنجي چاهت، آرزو، احساس جانان.
ڊيل ونگر لوڏ، تنهنجي سانوري!
مور جيان معصوم منهنجي، آس جانان.
ڇا ڪبيون محبوب ريءَ جڳ شهُرتون،
"چنڊ" لاءِ بس رڳو تون، خاص جانان!

◙

## غزل

مُرڪي دلبر، ڳالهايو آ،
پٿر پٿر، ڳالهايو آ.
ڇُور ٿيا هن، شيش محل سڀ!
جڏهين بي گهر، ڳالهايو آ.
ٽوڙ ا۔ا جون، ديوارون سڀ،
آخر اندر ڳالهايو آ.
جوڳي! هڪڙي، رات ٽڪي پئہ!
آڌيءَ جو در، ڳالهايو آ.
سؤ سهڻن کان، هڪڙو بهتر،
من جي مندر، ڳالهايو آ.
پياس سنپالي، رکجانءِ شاعر!
ساهَہ مسافر، ڳالهايو آ.
"ڇڏ اوسيئڙو، هاڻ هليو آءُ!"
دلبر جي در، ڳالهايو آ.
"چنڊ!" لهي آ، چاهہ ورهايو،
هڪ، ڪاري، تِرَ ڳالهايو آ.

## غزل

ميندِيءَ رتن هٿن ۾، خوابن جا لاش هوندا،
ڪنهن پي نہ سوچيو هو، گلابن جا لاش هوندا.
لالچ هٿان ڪُٺو ويو، قومي شعور ڪي آ،
فوٽ پاٿ تي سجايل، ڪتابن جا لاش هوندا!
ٻُڪ، غربتن محبت جا، سيئي سوال لوڙهيا،
اکڙين ۾ ٿي دفن ويا، جوابن جا لاش هوندا.
ڪن جي خوشيءَ جي خاطر، ڌن جي غلام دنيا،
ساڳئي ڪفن ۾ ويڙهيل، نوابن جا لاش هوندا.
او چنڊ! ڪير جهڙي، ناري ڪيئن ٿي ڪاري؟
بي ڪفن پورجي ويا، حجابن جا لاش هوندا.

◙

## امر کهاوڙ



### غزل

ملو مرڪي، ڇڏيو ناري اسان کي،
ٻرهہ ٿو باھ جئن ٻاري اسان کي.

هلون ٿا اوپرن وانگي گسن تي،
نظر سان ٿي، ڪو ڪيڪاري اسان کي.

لڪيل ٿئہ ٻانهن تي نالو تہ ڇا ٿيو!
ڇڏيئہ پر ذل تان ميساري اسان کي.

ضرورت آ، تہ حاضر هُون خوشيءَ سان،
پلي ڪو ٻاٽ ۾ ٻاري اسان کي.

اسان هن دؤر جا منصور، سرمد،
ڀِيو سوريءَ تي سينگاري. اسان کي.

اسان سارا، سباجها، روز دنيا،
نوان نِت ڏيک ڏيکاري اسان کي.

ڏنيون سين جيءَ ۾ جايون حاسدن ۾،
ڪَکيو کھڙي هُيو ڪاري اسان کي.

ٻُڏون ٿا پاڻ نيڻن جي نديءَ ۾،
هتان شل ناڪئو تاري اسان کي.

ڪڏهن جا پاڻ مِٽجي ئي وڃون ها!
”امر“ هُون، موت ڪئن ماري اسان کي.

### غزل

جي انا جي جنگ کان هر ڪنهن جي ٺهڪر ٿي پوي،
حالُ پنهنجي قوم جو، ڪيڏو نہ بهتر ٿي پوي.

هاءِ! مورک! بن عمل جي روز سوچين ٿو رڳو،
هِينءَ مقدر ٿي پوي يا هُونءَ مقدر ٿي پوي!

موت آڏو مات ڪنهن جوڙي مڃي ڪڏهين ميان!
جُهومندا سرويچ ايندا، پل تہ محشر ٿي پوي.

ماءُ ٿاهيندي رلهي سوچي پئي شل پُٽ سندس،
هن ڪمائِي مان پڙهي ڪنهن ڏينهن افسر ٿي پوي!

جيل، گهاٽي، دار تائين جو سفر ڪا ڳالھ آ!؟
”سڀ سٺائي ٿي پوي، جي عشق رهبر ٿي پوي.“

پيار ۾ ـ اقرار کان انڪار تائين جي ڪَٿا،
مان لڪڻ چاهيان جيئن، ٿو مُوڊ ڀيو پَرَ ٿي پوي!

آجپي جي جُهد ۾ جي ٿي ”امر“ جو خُون پئي،
هڪ دفعي جي ڳالھ ڇاهي، ڇو نہ هر هر ٿي پوي!

سميع 'ساجد' جوٽيجو

## غزل

سڄي سال ۾ تو، ٻڌيون نہ سنيارون،
اڃا پي منجين ٿو، اسان ڏي ميارون.
اسين توکي پويان، کيا سڏ ۽ واڪا،
ٻڌيون ڪين تو پر، اسان جون پڪارون.
خزائن اجاڙي ڇڏيو، باغ دل جو،
نہ دل جي چمن ۾، ڪي آيون بهارون.
الائي ڪٿي آن، ڪٿي تو رهين تون،
نہ تنهنجون پون ٿيون، ڪي خبرون ۽ چارون.
الئہ ڇو وڇوڙو، اچي ويو اسان ۾،
ڏسي جيءُ جهري ٿو، پکين جون قطارون.
رڳو نانءُ تنهنجو، رهي تو زبان تي،
سنديون روز آهن، پرين تنهنجون سارون.
اوهان جي اچڻ جي، پوي ڪانہ سُڌ ٿي،
تڏهن تہ وجهان ٿو، هتي روز ڦارون.
ٻڌان ٿو تہ "ساجد"، سنديون يار تون ئي،
رقيبن سان ڏيلي، ڪرين ٿو پچارون.

## غزل

اسين رول رولاڪ، تو لئہ ٿياسون،
تڏهن ڏرتتي جو، پئي در در رلياسون.
اوهان وٽ اسان جي، ڪا ميجتا ئي ڪونهي،
مگر پوءِ بہ توتي، پئي جاني مئاسون.
زماني بہ ڏاڍو جهليو هو پرين پر،
نہ ڪنهن جي ٻڌي سون، نہ ڪنهن جا ٻڌياسون.
اوهان پي اسان کي، ڪيو ڪونہ پنهنجو،
دنيا ۾ توڙي جو، بدنام ٿياسون.
اُگهيا ڪنهن نہ ڳوڙها ٻڌيون ڪنهن نہ دانهون،
انتن آڏو "ساجد"، ڇو اجايو رُناسون.

## سور سنڌڙي جا (نظم)

ڀٽائي تنهنجي نگريءَ ۾، رهيو هاڻي امن ناهي،
ويو بگڙي امن سنڌ جو، نہ ڪي ڪٿ ڪو سڪون آهي.
ڪٿي اڄ سوز سنڌڙي جا، سلڻ آيو آهيان سائين،
توکي مان دانهن دردن جي، ڏيڻ آيو آهيان سائين،
ڪجان ڪو داد تون سنڌ جو، ظلم جا ڪوٽ ڇڏ ڊاهي.
ڀٽائي تنهنجي نگريءَ ۾، رهيو هاڻي امن ناهي.

قبيلائي هلن ٿا پيا، رڳو سنڌ جي اندر جهيڙا،
سبب ان جي ڪري ڪي ئي، ويا ويران ٿي ويڙها،
ائين محسوس ٿئي ٿو جڻ، گهمي راڪاس ويو آهي.
ڀٽائي تنهنجي نگريءَ ۾ رهيو هاڻي امن ناهي.

هتي ڌاڙا، ڦرون جاري، هتي اغوا قتل غارت،
هتي نيلام ٿئي ٿي پئي، سرِ بازار ڏس غيرت،
ڏوهاري ڏوهہ ڪن ٿا پيا، چڙهيو مسڪين آ ڦاهي.
ڀٽائي تنهنجي نگريءَ ۾ رهيو هاڻي امن ناهي.

هتي موسم خزائن جي، بهارن لئہ سِڪون ٿا پيا،
خوشيون ناهن رهيون هتڙي، سورن ۾ ئي سڙون ٿا پيا،
چپن تان مرڪ ڪسجي وئي، غمن پي آ ڇڏيو ڳاهي.
ڀٽائي تنهنجي نگريءَ ۾ رهيو هاڻي امن ناهي.

ختم انسان مان ٿي وئي، صفا انسانيت آهي،
نہ ڪي ڪنهن آدمي ۾، اڄ رهي ڪا آدميت آهي،
نہ ماڻهن ۾ رهيو ڪوئي، وري ڪو ماڻهپو آهي.
ڀٽائي تنهنجي نگريءَ ۾ رهيو هاڻي امن ناهي.

پيا هن لاش روڊن تي، اڃا احتجاج جاري آ،
ڪٿي جهنڊا هڻن ۾ ڏس، اٿي پئي سنڌ ساري آ،
قلم "ساجد" ڪٿي تڏهن، ههڙا هي شعر ٿو ناهي.
ڀٽائي تنهنجي نگريءَ ۾ رهيو هاڻي امن ناهي،
ويو بگڙي امن سنڌ جو، نہ ڪي ڪٿ ڪو سڪون آهي

حليم چنو

## غزل

اکين جون عاشقيون ميڙيون،
ٿُلَ کي آرسيون ميڙيون.

ڪُنِي جا رات ڪاري تي،
سُهاڳڻ جون خوشيون ميڙيون.

پٿر جو هي زمانو آ،
گلابن جون پتيون ميڙيون.

اسان جي دور جون گڏجي،
نيون آوارگيون ميڙيون.

اسان جو نِينهُن آ ساگرُ،
ڪنارا ۽ نديون ميڙيون.

## غزل

پُسي ڪنهن جي چُني آهي،
لٿي رُتِ شبنمي آهي.

ڪٽي چادر ڍڪيو سج کي،
اگهاڙي اُس سُتي آهي.

عجب انداز آ هن جو،
عجب جي بي رخي آهي.

سخاوت جي شهر ۾ اڄ،
ڪٿي ڪنهن خودڪشي آهي.

ڇُهيل زلفن جي چوٽن ۾،
پئي اٽڪي سِڳي آهي.

علي محمد سولنگي

## غزل

پنهنجن ماري ڇڏيو آهي،
رشتن ماري ڇڏيو آهي.

تانگهن، تڙپن ٿا تنهنجي لئه،
جذبن ماري ڇڏيو آهي.

هن جي چيا رومال ۾ ويڙهي،
لفظن ماري ڇڏيو آهي.

جيڏو هن جو خيال رکان ته به،
طعنن ماري ڇڏيو آهي.

موٽ محبت جيءَ ۾ مليل،
صدمن ماري ڇڏيو آهي.

ٿيندو ڇا انجامُ الائي!؟
اُلڪن ماري ڇڏيو آهي.

## غزل

هاءِ! هيڏو نه رهه حجابن ۾،
سُونهن لڪندي نه آ نقابن ۾.
توسان ڪيڏي مون کي مُحبت آ،
ڪيئن ٻُڌايان اهو حسابن ۾.
تُنهنجي جوڀن جو ڇا مثال ڏيان،
ڳولهيو مون گهڻو ڪتابن ۾.
منهنجي ساهن ۾ ائين شامل هين،
جيئن خوشبو رهي گلابن ۾.
نينهن تنهنجي ۾ جو نشو آهي،
سو نشو ڪاٿي آ شرابن ۾.
توڪان جيڪو به پل پري گذري،
سا گهڙي درد ۾ عذابن ۾.

سعيد سنڌي

## غزل

عشق جو هر عمل، بندگيءَ مان ڪڍيئه،
پاڻ کي پاڻ جڻ، زندگيءَ مان ڪڍيئه.
پوري دل جي وئي، آرزو ٿي تڏهن،
چنڊ جهڙو جڏهن مُک، دريءَ مان ڪڍيئه.
هن جي ٽٽڻ جو، جي توکي احساس هو،
چو نظر پوءِ مٺي، آرسيءَ مان ڪڍيئه.
تنهنجي نفرت ائين، يار مون کي لڳي،
پاتي گهر جو جيئن، ڪو جهُڳيءَ مان ڪڍيئه.
هو نه ڀٽڪي وڃي، خوف جي راهه ۾،
وقت ڇا لاءِ هٿ، اجنبيءَ مان ڪڍيئه.
گفتگوءَ مان لڳو، تون نه ڄاڻي برهه،
لفظ جو ٻي ڪڍيئه، سو مڱيءَ مان ڪڍيئه.
پيروي پوءِ ٻي، "سعيد" تنهنجي ڪندو،
ڇا ٿيو ناڻءُ جي، عاشقيءَ مان ڪڍيئه.

## غزل

ٿيا نيڻ جڏهن زخمي، سپنن ۾ پيا سڏڪا،
مايوس وئي دل ٿي، ڌڙڪن ۾ پيا سڏڪا.
حالات جي هٿڙن کان، پوپٽ جو آ موت ٿيو،
خاموش هوا ٿي، ۽ گلڙن ۾ پيا سڏڪا.
منزل تي رسي نه سگهيا، اڌ راهه ۾ رهجي ويا،
افسوس منجهان منهنجن قلمن ۾ پيا سڏڪا.
بي ڏوهه مُئو ڪوئي، پاڙي جي وڏيري هٿان،
بابي جي ڏسي مڙهه کي، ٻچڙن ۾ پيا سڏڪا.
واعظ جي ويو من ۾ مان، ايمان جڏهن نڪري،
واعظ جي ڪيل سيني، سجدن ۾ پيا سڏڪا.
هي "سعيد" نه لڏڻو هو، جيئن ٿي ويو لڏي هتڙان،
گيتن ۾ اداسي ٿيُ، غزلن ۾ پيا سڏڪا.

## غزل

رات جو سيني تي،
ڪنهن جي رکي تصوير.
هُوءَ سمهي پئي آ
جاڳي ٿو ڏيئڙو،
ٿڌڙي گهلي ٿي هير.
هُوءَ سمهي پئي آ.
دل جي سپنن جي،
ڳوليندي تعبير.
هُوءَ سمهي پئي آ.
ڪنهن کي ياد ڪري،
اکين- وهائي نير.
هُوءَ سمهي پئي آ.
عشق جي تو جا لکي،
"سعيد" پڙهي تحرير.
هُوءَ سمهي پئي آ.

## نظم

مان هر روز
عقيدت ۽ احترام سان
اکڙين جي
خموشان شهر ۾
ڏيئا ٻارڻ ويندو آهيان
جتي
منهنجي دل جي
اڻ ڳڻين حسرتن جا
ڪيترائي خواب دفن ٿيل آهن
۽ ها!
مان هر روز
عقيدت جا
گل چڱڻ ويندو آهيان
اکڙين جي خموشان شهر ۾
پنهنجي حياتيءَ جي
تربت مٿان
مان ويندو آهيان
اکڙين جي، خموشان شهر ۾.

محمد ايوب جوٽيجو

## نظم

ٽوپي اجرڪ، وارا ماڻهو،
سنڌي سهڻا، سارا ماڻهو.
مٺڙي پنهنجي، سنڌي ٻولي،
جنهن ۾ ڏني، جيجل لولي،
محبتي مٺڙا، پيارا ماڻهو.
سچل، شاهه، سامي سنڌ ۾،
بيوس، شيخ، بخاري سنڌ ۾،
قوم جا هن، سهارا ماڻهو.
پنهنجي ثقافت، سهڻي سهڻي
پياري پنهنجي رهڻي ڪهڻي
مهمان نوازي، وارا ماڻهو.
سنڌ سان پنهنجو، چاهه آهي،
ٻولي ۾ پنهنجو، ساهه آهي،
جيئڻ جي، جيارا ماڻهو.
تهذيب پنهنجي، آهي پراڻي،
راڄن ۾ سا، آهي راڻي،
سونهن ۾ سرس، سارا ماڻهو.
قديم آهي، ديس اسان جو،
ٽوپي پٽڪو، ويس اسان جو،
پڳڙا لکن ۾، پيارا ماڻهو.
اچو ته علم، ادب کي وڌايون،
پنهنجو پنهنجو، پاڻ ملهايون،
ملڪن ۾ ٿيون، موچارا ماڻهو.

## غزل

ڪڏ ايندين اڱڻ،
منهنجا محب مکڻ.
ساهه ساري توکي،
ڪري ياد ڪلڻ.
وڃي وينين پري،
جڏ تون ڏور رهڻ.
جڏ ڪاوڙ ڪي تون،
روا ناهي رسڻ.
ڏي پيار پرين،
ٿي پوي جيئڻ.
اکيون آليون تولاءِ،
آهن تنهنجي سِڪ ۾ سڄڻ
مان چاهيان ٿو،
توکي هر هر ڏسڻ.

## غزل

مک مهتاب آ،
سونهن شباب آ.
ٻنهين جو ناتو،
ڇا ته لاجواب آ.
جذبا ۽ چاهتون،
نينهن نواب آ.
قربتون ۽ محبتون،
ونڊڻ ثواب آ.
سوال تي سوال ٿيا،
جواب جو نه جواب آ.
جاني جي تعريف ۾،
ثواب ئي ثواب آ.

## احمد آزاد

### مان تنهنجو قرضدار ئي رهندس

مان تنهنجو قرضدار ئي رهندس
جڏهن ساهه جا پکي
آسمان ڏانهن
اڏامي ويندا
جتان آءٌ تڙيو ويو هُئس
زندگي مون کي
هتان به تڙي ڇڏيندي

هر دفعي منهنجي ڏکارُ
مون ڏانهن ئي واپس آئي
منهنجي محبت جيان

توکي آخري پيرو
ڏسي نه سگهندس
توکي هڪ پراسرار ڳالهه
ٻڌائي نه سگهندس
چپن تي اُهي لفظ
آڻي نه سگهندس
جيڪي رڳو
ڪاغذن تي لکجي ويا
تنهنجي دل
۽ تنهنجي اکين تي
لکجي نه سگهيا
مون لاءِ جڏهن ڪائنات جا
سڀئي دروازا ڪوليا ويندا
تڏهن تنهنجي دل تي
دستڪ ڏيندي
جنهن کي تون
ٻڌي نه سگهندين.

### سڃاڻپ

هر بربادي ۽ کان لاتعلق
هُو نئين حمل لاءِ
پاڻ کي تيار رکن ٿيون
نه جيئن وڏيڪ
تنهائين ۾
ڏکن ۾
ڳوڙهن ۾
۽ انهن لاشن ۾
اضافو ٿيندو رهي
جن جي
سڃاڻپ ڪرڻ لاءِ
ڪو به
موجود نه هوندو آهي

## سنڌي جديد ادب

سنڌي جديد ادب ۽ ان جو مقصد ۽ افادي پهلو هر خيال سان توجهه جي قابل آهن. اهو فن کي اهڙيون خصوصيتون رکي ٿو، جن ڏانهن اسان جي گهڻن دوستن جو ممڪن آهي ته خيال نه ويو هجي. افسوس اهو آهي ته اڄڪلهه هن فن جون رڳو اوڻايون ئي شمار ڪيون وڃن ٿيون، حالانڪ "عيبِ مے جملہ بگفتي، هنرش نيز بگو" تي به خيال ڪرڻ گهرجي.

سنڌي جديد ادب جي لساني خصوصيت اها آهي جو منجهس زبان جي سلاست ۽ لطافت سان گڏ، هن ملڪ ۽ قوم جي تهذيبي ۽ ثقافتي روح ۽ مزاج جي ترجماني موجود آهي. پيو ته هن ادب ۾ اصليت ۽ پنهنجائپ آهي. ان جا ڪردار، استعارا ۽ ڪنايا، سڀ هتي جي تاريخ ۽ تهذيب مان ورتل آهن؛ هروڀرو ايران ۽ مغرب جي تقليد ڪانه ڪئي ويئي آهي.

هن فن جي اها به خصوصيت آهي جو ان ۾ فنڪار جي ذاتي تجربي ۽ مشاهدي کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. رڳو پٽيل ۽ ڪٽيل، زنگ آلوده ۽ فرسوده فن کي ورجايو نٿو وڃي؛ نڪو ٻاهرين ۽ ڌارين استعارن سان اجنبي ۽ غيرمانوس ماحول پيدا ڪيو وڃي ٿو.

اها به هڪ تاريخي حقيقت آهي ته هلندڙ دور ۾ اسان جي ڪلاسيڪي ادب مان سڀ کان اول ڪافي، وائي، بيت ۽ ڏوهيڙي کي جناب مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' نئين زندگي بخشي آهي. سندن فن ۾ تجديد ۽ اجتهاد جا ڪيئي سهڻا نمونا موجود آهن. ان سان گڏ، اها به حقيقت آهي ته اسان جي جديد ادب ۾ به ڪافي ۽ وائي، بيت ۽ ڏوهيڙي کي پيش ڪيو ويو آهي. ان جي هيئت ۽ اسلوب ۾ ڪاٻه بيجا هٿچراند نه ڪئي ويئي آهي.

جديد ادب ۾ خيال جي ندرت کي به وڏي اهميت حاصل ٿي چڪي آهي. خيال پراڻو هجي يا نئون، ان کي ڪڏهن جديد اسلوب پهرايو وڃي ٿو، ته ڪڏهن ڪيس هن نئين دور جي ڪنهن نئين مسئلي سان ملايو وڃي ٿو، ۽ ان ۾ ندرت ۽ تازگي پيدا ڪئي وڃي ٿي.

سنڌي جديد ادب جي سلسلي ۾ هڪ اهم ڳالهه اها به آهي ته ان جي پرک ۽ جاچ لاءِ جي به معيار قائم ڪري سگهجن ٿا، اهي ڪي ڌاريا ۽ اڌارا نه آهن؛ انهن جون پاڙون سنڌي ڪلاسيڪي ادب ۾ کُتل آهن. جديد ادب وارن نه فقط انهن سرچشمن سان پنهنجي فن جو ربط ۽ ڳانڍاپو قائم رکيو آهي، بلڪ ان ۾ پنهنجي زماني جي تقاضائن جي ترجماني به ڪئي آهي. فني حيثيت سان اها تجديد آهي، جا پائدار به آهي ۽ اصليت تي مبني به آهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ بيتن، ڏوهيڙن، ڪافين ۽ واين لکڻ وارا ڪامياب شاعر ٿورا آهن، چالاءِ ته سندن فن کي پرکڻ وارا ماڻ ۽ توراڙا اڳيئي موجود آهن. انهن جي مقابلي ۾، ٻيءَ شاعريءَ، غزل ۽ نظم جي سلسلي ۾ جو ڪجهه لکيو وڃي ٿو، اهو پرکڻ کان سواءِ ئي قبول ڪيو وڃي ٿو، چالاءِ ته انهن جا ماڻ اسان جا ڪلاسيڪي ادب ۾ آهن ئي ڪين؛ اهي صنفون به ڌاريون ۽ اڌاريون آهن، ته انهن جا ماڻ ۽ ماپا به ڌاريا ۽ اڌارا آهن.

**غلام محمد گرامي**

ايڊيٽوريل تان کنيل اقتباس

ٽماهي "مهراڻ" 2-1964/3ع

**يارب!** تون منهنجي ويريءَ تي، ڇپر ڇانوَ ٿيءُ جي مان توکي ڇوان ته هن تي ڀهاڙ پٽي اُجلاءِ ته مون کي نه ٻُڌ! منهنجي روح کي پنهنجي اٿاهه رحمت جي لهر ٻڌاءِ سڀ تي ٻاجهه ڪر تون جو ٻاجهارو آهين. ص 19

هن دعا ۾ شيخ اياز، حضور اڪرم ﷺ جن جي دعا جي اقتدا ڪئي آهي، جو امام مسلم صحيح مسلم ۾ ابوهريرهؓ کان روايت ڪئي آهي ته حضور ﷺ کي چيو ويو ته توهان مشرڪن تي بددعا نه ٿا ڪريو؟ پاڻ فرمايائون ته مان لعنت ڪندڙ ڪري نه موڪليو ويو آهيان، مان ته فقط رحمت ڪري موڪليو ويو آهيان(14). امام احمد بن حنبلؒ سلمان فارسيؓ کان روايت ڪئي آهي ته رسول الله ﷺ جن خطبو پڙهيو ۽ چيو ته جنهن شخص کي مون پنهنجي امت مان بُروچيو يا لعنت ڪئي پنهنجي ڪاوڙ جي حالت ۾ ته مان هڪ ماڻهو آهيان، اولاد آدم مان جيئن ماڻهو ڪاوڙجن ٿا، مان به ڪاوڙجان ٿو. الله تعاليٰ مون کي جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي ته الله تعاليٰ منهنجو ڇوڻ اُنهن جي حق ۾ قيامت ڏينهن رحمت ڪجانءِ. (ابوداٺود) (15)

الله تعاليٰ حضور ﷺ جن جي اخلاق ۾ فرمايو: ”وَمَا اَرْسَلْنٰکَ اِلَّا رَحْمَةً لِلْعَالَمِيْنَ(16).“

ترجمو: اسان توهان کي جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي.

ان ڪري صوفياءِ ڪرام حضور ﷺ جي تابعداريءَ ۾ دشمنن سان به ڀلائي ڪندا هئا.

شيخ سعديؒ فرمائي ٿو:

شنيدم ڪہ مردانِ راهِ خدا
دلِ دشمنان هم نہ ڪردند تنگ
ترا ڪي ميسر شود اين مقام
ڪہ بادو ستانت خلاف ست و جنگ (17).

ترجمو: ٻڌو اٿم ته خدا وارا دشمنن کي به تنگ، پريشان نه ڪندا آهن. توکي ولايت جو مقام، مرتبو ڪيئن حاصل ٿيندو جو تون دوستن سان به وڙهين ٿو.

**يارب!**

مون کي حسد جي باهه کان پناهه ڏي، هر حاسد کي پنهنجي دوزخ مان ڪڍ! هن جي دل تان زنگ مِٽائي اُن کي آئيني وانگر صيقل ڪر. ص 12

هن دعا ۾ شيخ اياز اصلاح معاشره ۽ سماج جي طرف قدم وڌايو آهي.

ڀهريائين ته اصلاح نفس جي طور تي حسد کان پناهه گهري آهي جو الله تعاليٰ انسان کي حاسد جي شر کان پناهه جي تعليم فرمائي آهي. فرمايو ويو آهي ته: ”وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ“ يعني حاسد جي شر کان پناهه گهران ٿو جڏهن حسد ڪري.

شيخ اياز دعا گهري ٿو: حاسد کي حسد ڪرڻ کان بچاءِ جو حسد معاشري لاءِ تباهه ڪرڻ وارو مرض آهي جو حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو: وَلَاتَحَاسَدُوْا (18)

ترجمو: حسد نه ڪريو.

حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو: ”اِيَّاکُمْ وَالْحَسَدَ فَاِنَّ الْحَسَدَ يَاْکُلُ الْحَسَنَاتِ کَمَا تَاْکُلُ النَّارُ الْحَطَبَ.“ (رواه ابو دائود) (19)

ترجمو: توهان حسد کان بچو، حسد نيڪين کي ائين ٿو کائي جيئن باهه سُڪين ڪاٺين کي کائي ويندي آهي.

هن دعا سان شيخ اياز حسد کي سماج مان ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**يارب!**

مون کي معافي ڏي! نقصان مون پنهنجو ڪيو آهي، جي مان اڳ ۾ تنهنجي اڳيان سِر جهُڪايان ها! ته هيل تائين سوين رسالا لکي وڃا ها! تنهنجي سخاوت سانوڻ کان وڌيڪ آهي (ص25). ۽ تون بار بار قوس قدح کي منهنجي جهوليءَ ۾ اُجلائي رهيو آهين.

مان ڪير جو تنهنجو احسان لاهي سگهان پر مون کي مهلت ڏي، مون کي مهلت ڏي ته مان ......

آمين ثم آمين. ص 26

شيخ اياز هن دعا سان توبهه جو سبق سيکاريو آهي، ته جيترو ٿي سگهي جلد ماڻهو الله تعاليٰ ڏي توبهه تائب ٿئي. الله تعاليٰ طرف متوجهه ٿيڻ سان اصلاح نفس آهي ۽ سماج جي به اصلاح ٿيندي

انسان تي واقعي الله تعاليٰ جا احسان گهڻا آهن، اهي ٿورا لاهڻ ته ڇا! ڳڻائي به نه ٿا سگهجن. الله تعاليٰ فرمايو: ”وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا“(20). ترجمو:

مون کي اها قوت عطا ڪر تہ مان پنهنجي همسائي کي پاڻ وانگر پيار ڪريان. ص 36

هن دعا ۾ شيخ اياز عرض ٿو ڪري: ياالله! جيڪڏهن ڪو مون کي تڪليف پهچائي تہ منهنجي ڪري ان شخص کي سزا نہ ڏي.

جيڪڏهن ڪو شخص ٻئي کي ان جو گناهہ معاف ڪري تہ اهو سٺو اخلاق آهي، ان طرح سماج جو سڌارو ٿيندو، نہ تہ دشمني ۽ وير وڌي تباهي ۽ برباديءَ جو اسباب بڻجندي. شيخ اياز دعا ٿو ڪري تہ يا الله! مون کي توفيق ڏي تہ مان پنهنجي پاڙيسريءَ سان پيار ڪريان.

پاڙيسريءَ سان پيار ڪرڻ ۽ ان سان نيڪي ڪرڻ ان جي حقن مان آهي، ان کي تڪليف نہ پهچائي بلڪ ان سان نيڪي ڪري.

قرآن، حديث ۾ پاڙيسريءَ جي حقن جي سخت تاڪيد ڪئي وئي آهي.

جو حديث ۾ آهي: "لَايُؤمِنُ مَنْ لَا يَاْمَنُ جَارُہٗ بَوَائِقَہٗ" (29) ترجمو: اهو مومن نہ ٿو ٿي سگهي جنهن جي تڪليفن کان ان جو پاڙيسري نہ ٿو بچي.

**يارب!**

تون انسان مان حرص، هوس مِٽاءِ ص 50

هن کي هدايت ڪر تہ هو، جيڪي پنهنجي لاءِ چاهي ٿو، اهو ٻئي جي لاءِ بہ چاهي.

حرص ۽ هوس انسان لاءِ وڏو نقصانڪار آهن.

شيخ اياز، الله تعاليٰ کان دعا ٿو گهري تہ ياالله! انسان مان حرص، هوس مِٽاءِ. انسان کي حرص هوس ئي تباهہ ڪيو آهي، اهو ئي نفس ۽ سماج لاءِ تباهہ ڪُن آهي پر جي انسان حرص کان پاڪ آهي تہ اهو خدا جو ولي بڻجي وڃي ٿو ۽ ان سان نفس ۽ سماج جو سڌارو آهي. الله تعاليٰ فرمايو: "اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ"

ترجمو: انسان کي مال جي گهڻائيءَ جي حرص ۽ لالچ، آخرت کان غافل ڪيو. حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ. يعني ايستائين جو انسان قبر ۾ پهتو.

ان ڪري حديث ۾ آهي تہ: "لَوْكَانَ لِاِبْنِ آدَمَ وَادِيَانِ مِنْ مَالٍ لَابْتَغٰى ثَالِثًا وَلَايَمْلأُ جَوْفَ ابْنِ آدَمَ اِلَّا التُّرَابُ وَيَتُوْبُ اللهُ عَلٰى مَنْ تَابَ" متفق عليہ (30).

ترجمو: جيڪڏهن ماڻهوءَ کي مال ۽ پيسي جون ٻہ واديون هجن تہ ٽينءَ جي خواهش ڪندو ۽ انسان جي پيٽ کي مِٽي (قبر جي) ڀري سگهي ٿي.

جيڪو شخص الله تعاليٰ ڏي موٽندو، الله تعاليٰ بہ ان ڏي موٽندو.

دين اسلام جو ڪم آهي تہ انسان کان بريون خصلتون حرص ۽ هوس ڪڍي اعتدال تي آڻي جو ان جي دل ۾ خدا جو خوف پيدا ٿئي.

ٽئين جملي ۾ بہ شيخ اياز سهڻي اخلاق جو درس ٿو ڏئي تہ جيڪو پنهنجي لاءِ چاهي ٻئي جي لاءِ بہ اهوئي چاهي. جيئن حديث ۾ آهي: "وَالَّذِيْ نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِيَدِہٖ لَايُؤمِنُ عَبْدٌ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيْهِ مَايُحِبُّ لِنَفْسِهٖ" متفق عليہ (31)

ترجمو: حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ ان ذات جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ ماڻهو مومن نہ ٿو ٿي سگهي. تان جو پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ اهو پسند ڪري جو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو

اهڙن سهڻن اخلاقن سان نفس ۽ سماج جو سڌارو ٿئي ٿو.

**يارب!**

انسان تنهنجو پرتو آهي، ان ۾ اوصاف خداوندي پيدا ڪر، جا ڳالهہ رياست جي رٿابندي نہ ٿي ڪري سگهي، هن کي انهيءَ دڳ تي آڻ جو تو پيغمبرن لاءِ ٺاهيو، جنهن جي پهرين منزل تسخيرِ نفس هئي. (ص 51)

هن دعا ۾ شيخ اياز هن ڳالهہ جو سبق ٿو ڏئي تہ انسان ۾ اوصاف خداوندي پيدا ٿيڻ کپن. رحم، عفو، درگذر، سخا، جود و ڪرم. الله تعاليٰ حضور اڪرم ﷺ جن جي سهڻي اخلاق جي تعريف فرمائي: "وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ" (32) يعني بيشڪ توهان وڏي اخلاق تي آهيو. شيخ سعديؒ الله تعاليٰ جي عفو، درگذر جي تعريف فرمائي ٿو:

اگر باپدر جنگ جويد ڪسي.
پدر بيگمان خشم گيرد بسي

# حاشيا

1. القرآن، س المومن، آيت نمبر 60
2. تفسير مواهب الرحمٰن 7 پارو 24، ص 184-185، از: علامہ سيد امير علي مليح آبادي، قرآن ڪمپني لميٽڊ اردو بازار لاهور، سال (؟)
3. مشڪاه المصابيح ص 194، از: شيخ ولي الدين محمد بن عبدالله الخطيب انورمحمد اصح المطابع قريب جامع مسجد دهلي سنہ 1932ع
4. ايضاً ص 195
5. ايضاً ص 195
6. ايضاً ص 195
7. خلاصہ احڪامِ دعا- مفتي محمد شفيع ص 63 اداره المعارف ڊاڪ خانہ ڪراچي، سال (؟)
8. ايضاً ص 62
9. ايضاً ص 64- 65
10. ڏسو حوالو3، ص 422
11. صحيح البخاري ج 1 ص 6، از: ابوعبدالله محمد بن اسماعيل بخاري، وفاقي وزارت تعليم اسلام آباد سنہ 1985ع
12. جامع ترمذي ج 2 ص 14، از: ابوعيسيٰ محمد بن سوره بن موسيٰ الترمذي الحافظ. وفاقي وزارت تعليم اسلام آباد سنہ 1985ع
13. ايضاً
14. ڏسو حوالو2، جلد 5، ص 182
15. ايضاً، ص 184
16. القرآن. س الانبياء آيت نمبر 107
17. گلستان سعدي، شيخ سعدي، مطبع صفدري بمبئي سنہ 1888ع علامہ آءِ.آءِ قاضي لائبريري سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
18. رياض الصالحين. ص 389، از: الامام ابوزڪريا يحيٰ بن شرف النووي، اسلامي اڪادمي، اردو بازار لاهور سنہ 1981ع
19. ايضاً ص389
20. القرآن. س النحل. آيت نمبر 13
21. ڏسو حوالو 2، جلد 8، ص 281
22. ايضاً، ص 282
23. ڏسو حوالو 3، ص 418
24. القرآن، س الرحمٰن، آيت 60
25. القرآن، س الاعراف، آيت 199
26. ڏسو حوالو 3، ص 422
27. ايضاً، ص 450
28. ايضاً، ص 422
29. القرآن، س القلم، آيت 4
30. بوستان، ص 1
31. ايضاً، ص 3، از: شيخ مطبع الدين سعدي شيرازي، حاجي ملڪ دين محمد اينڊ سنز و تاجران ڪتب اشاعت منزل بلروڊ لاهور، ڪشميري بازار چوڪ انار ڪلي.
32. ڏسو حوالو 3، ص 431

## مددي ڪتاب/اخبارون

1. سرجهار، شيخ اياز، سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ 1186، پيپلز ڪالوني لطيف آباد 4، حيدرآباد سنڌ.
2. تون چپر تون چانڊوَ، 1994ع جي روزاني برسات اخبار ۾ شايع ٿيل نثري دعائون.

جيڪي سنڌس قاريءَ جي ذهني معيار مطابق هجن ۽ جن جو اڳير سماجي سطح تي اعتماد جڙي چڪو هجي. لفظن جو ادبي ملهه (Value) ۽ تصور (Concept) هر سترل سماج ۾ اڳير ئي مقرر ۽ مروج ٿئي ٿو. ٻولي تي عبور سان گڏ شاعر کي پنهنجي ماڻهن جي نفسيات ۽ ڪلچر جي به مڪمل ڄاڻ هجڻ لازمي آهي.

علامتي اظهار جي شروعات فرانس جي شاعرن: سوين بورگ ۽ سينٽ مارٽن کان ٿي. انسائيڪلوپيڊيا برطانيڪا موجب اسٽيفن ملارمي ۽ پال ورلائين اظهار جي انهي طريقي کي سال 1886ع ۾ هڪ پترنامي جي صورت ۾ جاري ڪيو. اهو پترنامو مورئيش 16- سيپٽمبر تي فرانس ۾ جاري ڪيو.

ان بعد فرينچ شاعر بودليئر، چارلس مارس، هائي رچلس، سوسن ڪي- لينگر، ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، تنوير عباسي، پروفيسر اڪرم انصاري اظهار جي انهي طريقي کي بتدريج اڳتي وڌايو.

سوسن لينگر علامتن جي باري ۾ لکي ٿي ته علامت جو وڏو مقصد آهي. اعتماد حاصل ڪرڻ ۽ ان جي تنظيم سازي ڪرڻ. تنوير عباسي جو خيال آهي ته سڄي شاعري اڻ سڌو اظهار آهي.

شاهه سائين انهي اظهار لاءِ اندروني جذبن، سادگي ۽ بيساختگي کي مرڪزي اهميت ڏني. هن ذاتي نوعيت سان گڏ جامعيت (Universality) کي به پنهنجي وضاحت جو حصو بڻايو.

چارلس مارس، تصوف جي ڳالهه ٻولهه جي طرز تي ٻڌائي ٿو ته تصوف جي اظهار جو هڪڙو طريقو آهي.

**زين اظهار** (Zenform of Expression): علامتن جو هيءُ نظريو اسان کي سنڌي ادب جو اهو حصو سمجهائي سگهندو جيڪو تصوف، مذهب ۽ فلسفي جي تقاضائن تحت لکيو ويو آهي.

شاعري ۾ تصوف جي روايت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي شاهه جي شاعريءَ کي سونهون بڻائي اڳتي وڌڻو پوندو. شاهه صاحب وٽ زين اظهار جي طريقي موجب استعمال ڪيل علامتون سنڌس اندروني ڪيفيت جو اظهار آهن. جهڙي طرح شاهه سائين پنهنجي شاعري ۾ 'ڪوڏر'، 'ڪاني'، 'واريءَ سندو ڪوٽ'، 'ڳاڙهو گهوٽ'، 'ڏير'، 'سيج' ۽ 'سوريءَ' جهڙيون علامتون رسالي ۾ ڏئي، علامتي اظهار جي تشڪيل ۾ اهم ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. تصوف، شين جي ظاهري وجود جو انڪاري آهي. انهي ڪري علامتي اظهار ۾ داخلي ڪيفيت، مواد ۽ ان جي اندروني روش ۽ لساني ترڪيب کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي پر انهي ڳالهه کي به سمجهڻو آهي ته شاعري ڪيتري به مبهم ۽ مخفي هجي، پر لساني حقيقتن کان ٻاهر نٿي وڃي سگهي.

علامت نگاريءَ جو هڪ نهايت اهم ۽ روحاني پهلو اهو آهي ته انسان جتي حياتياتي ۽ مادي شين جو احساس رکي ٿو، اتي ڪيس نفسياتي ۽ روحاني پهلوئن کي به وسارڻ نه گهرجي. شاهه صاحب جڏهن مادي شين جي ڳالهه ڪري ٿو ته تڏهن روحاني پهلو کي به نٿو وساري. انساني عظمت جو راز به انهي ۾ آهي ته عظيم ۽ بين الاقوامي مقصدن جي حاصلات لاءِ، مادي شين کي گهوري ڦٽو ڪجي. اهڙي اندروني ڪيفيت شاهه وٽ ملي ٿي. هو جڏهن چوي ٿو ته:

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، مَر چور ٿئي چوڙو. (سهڻي: 1-17)

تڏهن سنڌس مقصد عظيم تر حاصلات آهي.

علامت نگاريءَ جو هڪ دلچسپ پهلو اهو به آهي ته شاعري ذريعي پنهنجي قاري جي دل ۾ طاقت، جذبي ۽ قوت جو روح ڦوڪي، ڪيس مختلف حادثن ۽ واقعن سان مقابلي ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪري. اهڙا ڪوڙ سارا مثال شاهه جي رسالي ۾ موجود آهن.

سوري چڙهڻ، سيج پسڻ، اِيءَ ڪم عاشقن،
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.
(ڪلياڻ: 2-8)

لفظ، سڀ علامتون آهن ۽ لغت جي ڪتابن ۾ لفظن جون معنائون ۽ انهن جي سمجهڻ جي سطح ڪنهن شيءِ ڏانهن مخصوص اشارو هوندو آهي، جنهن جي اهي نمائندگي ڪندا آهن پر شاعريءَ ۾ علامتون مخفي تصورن (Concepts) جي وڏي نظام جي مڪمل شڪل آهن. ان جو واسطو تشبيهه ۽ ان

جي خاندان سان لڳي ٿو جيڪو ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان مشابهت ڏيکاري ٿو. استعارو وري تشبيهه جي سهيڙيل صورت آهي پر استعاري جي مشابهت ۾ لڪل تصورن جو ڦهليل نظام موجود ناهي هوندو ۽ ساڳي وقت استعارو ڪنهن نوس رويي جي ترجماني به ناهي ڪندو. استعاري ۾ تشبيهه جي شڪل ڪجهه واضح ٿئي ٿي ۽ ٿوري ڪوشش سان مشابهت جو سبب معلوم ٿي پوندو آهي. ان جي ابتڙ علامت شاعر جو مستقل رويو بڻجي پوي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن علامت جو مفهوم موقعي ۽ محل (Situation) جي لحاظ کان به تبديل ٿي پوي ٿو. جهڙي طرح 'اٺ' حياتياتي طور تي هڪ جانور آهي پر جڏهن شاهه 'اٺ' کي هڪ خاص تصور ڏئي، پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو تڏهن ان جي معنوي سطح ۾ جدا جدا جاين لاءِ جدا جدا مفهوم ڏيڻ لڳي، جيئن سسئي وٽ 'اٺ' جو تجربو پنهنجو آهي ۽ مومل وٽ پنهنجو. سسئي جڏهن ڏٺو ته سندس محبوب پنهل کي ڪانئس جدا ڪرڻ ۾ انن جو اهم ڪردار هو ۽ اهي ئي اٺ پنهل کي پلاٽي ساڻ ڪٽي ويا، تڏهن هوءَ انن کان نفرت ڪري ٿي، چوي ٿي:

اٺ نه اوري آڻ، ڏاگهن ڏڏي آهيان،
هٺي ته هُيَن کي، پري نيئي پَلاڻ،
هوت منهنجو هَاڻ، پنهون نيائون پاڻ سين.

(ديسي: 1-14)

پر مومل کي وري ٻيو تجربو آهي. اٺ جي باري ۾ چو ته اُٺ، مَومل کي راڻي سان ملائڻ جو وسيلو آهي.

ان ڪري مومل اٺ کي پيار ڪري ٿي:

آءُ راڻا! رَهُ رات، تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.

(مومل راڻو: وائي-8)

اهڙين علامتن کي حادثاتي علامت به ڪوٺبو آهي.

علامتي نظام ۾ اشارو، نشان ۽ علامت واضح فرق سان ڪم ڪن ٿا. اشاري ۾ مشابهت جو واسطو گهٽ ٿئي ٿو. اشارو مڪمل ۽ واضح ٿئي ٿو ۽ مشابهت کي ظاهر ناهي ڪندو پر ڪنهن شيءِ بدران هجڻ کي ظاهر ڪندو آهي. نشان ۾ به تشبيهه جو عمل پوشيده رهي ٿو. نشان جو مفهوم بيان ڪرڻ ڪانسواءِ ان کي سمجهي نه سگهبو. جهڙي طرح وڪٽري (v) جو نشان وضاحت کان سواءِ سمجهه ۾ اچي نٿو سگهي. علامتن کي صرف انسان ئي تجربي، اعتماد ۽ نظرئي جي بنياد تي سمجهي ۽ منتقل ڪري سگهن ٿا. جانورن جي دنيا ۾ نشانن جو تعداد تمام گهڻ آهي ۽ انهن وٽ اشارا به تمام ٿورا آهن جڏهن ته انهن وٽ علامتون بنهه ڪونه ٿين.

علامتن جي قسمن تي به مختلف عالمن جا جدا جدا رايا سامهون آيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ مشهور مفڪرن: ويرن ۽ ويليڪ جو چوڻ آهي ته علامتون ٽن قسمن جون ٿين ٿيون: 1. ذاتي 2. روايتي ۽ 3. سپاويڪ

سوسن ڪي لينگر، علامتن جا ٽي قسم ٻڌايا آهن: 1. عقلي علامت 2. روايتي علامت ۽ 3 فني علامت.

ذاتي علامت جو تعلق شاعر جي مشاهدي ۽ تجربي سان جڙيل آهي ۽ اهي اهڙيون علامتون آهن جيڪي شاهه صاحب وٽ به نيون تيار ٿيل آهن. ڊاڪٽر بوهيو لکي ٿو ته:

"شاهه صاحب پهريون فنڪار هُوندو جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ علامتن جو استعمال ڪيو هوندو. مثال جانار (جانور)، جباب (چوغو)، ٻالاپڻ ۽ حسنات (حسن) وغيره اها ڳالهه ثابت ڪريٰ ٿي ته شاهه سائين ڪنهن روايت جو محتاج ڪونه هو. هن پنهنجي مشاهدي ۽ فهم سان لفظن کي علامتن ۾ تبديل ڪيو".

روايتي علامت جي باري ۾ ائين سمجهي سگهجي ٿو ته شاهه سائين کان اڳ به شاعريءَ ۾ علامتون موجود هونديون پر اهو به سچ آهي ته شاهه سائين کان پوءِ سنڌي شاعريءَ ۾ علامتن جو استعمال گهٽو ڪري روايتن جي آڌار تي ٿيندو پيو اچي ۽ انهن مان گهڻن جو باني شاهه لطيف[7] هو.

سپاويڪ علامتون، اهڙو عمل آهي جيڪو پاڻ هرتو ٿي پوي. ڪڏهن ڪڏهن ٻوليءَ جا تجربا

عوامي سطح تي ٿيندا رهندا آهن ۽ نين علامتن جو ظهور ٿيندو رهندو آهي. ٻوليءَ جو ٿهڻ ۽ ڊهڻ به ماڻهن جي استعمال سان ڳنڍيل آهي، تنهنڪري سياريڪ علامتن جو واسطو به عوامي سطح تي جڙندڙ ٻوليءَ جي تجزيي سان ٿئي ٿو. تنهنڪري اهڙي سمبل يعني سياريڪ علامتن کي سماجي علامت ڪوٺڻ بهتر ٿيندو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو انهي خيال جو آهي ته سياريڪ علامتون ٻوليءَ جي خود سريءَ واري عمل سان واسطو رکندڙ وصف آهي. تنهنڪري اهڙو ڪوبه اهڃاڻ نه هوندو جيڪو پاڻ هُرتو ئهي پيو هجي.

سماج ۾ ڪي علامتون دائمي حيثيت جون حامل ٿين ٿيون ۽ ڪي وري عارضي علامتون به آهن. عارضي علامتون زمان مان ڦٽنديون آهن ۽ دائمي علامتون لوڪ ورثي، ڏند ڪٿا، روايت ۽ مذهب مان تشڪيل وٺن ٿيون. اهو لاشعوري عمل ئي دراصل سياريڪ علامتن جي جڙڻ جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو.

هن ساري بحث ڪان پوءِ اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته علامتي نظام ۾ جيڪي علامتن جا روپ نروار ٿيندا رهيا آهن، انهن کي هيٺين ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. آفاقي علامتون. 2. علائقائي يا سماجي علامتون 3. حادثاتي علامتون.

شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ آفاقي نوعيت جا گهڻا تجربا ملن ٿا. انهي ڪري شاهه وٽ آفاقي علامتون به گهڻيون ملن ٿيون. هڪڙو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

سي پوچارا پُر ٿيا، سمنڊ سيويو جن،

(سريراڳ: 2-4)

هتي سمنڊ پوري ڪائنات ۽ سڄي انسانيت جي علامت آهي.

سماجي ۽ علائقائي علامتون، مخصوص خطي ۾ سماجي عمل جي نمائندگي ڪنديون آهن ۽ انهي علائقي تائين محدود هونديون آهن. شاهه لطيفؒ وٽ اهڙن علامتن جو استعمال تمام گهڻو ٿيل ملي ٿو. اهڙو مثال سُر ڪارايل مان هيٺ ڏجي ٿو:

ويا مورَ مري، هنج نه رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيَرن جو.

(ڪارايل: 1-29)

مور، هنج ۽ ڪانيرا سڀ سماجي سطح تي جڙيل علامتون آهن، جڏهن مور ۽ هنج يعني سيبتائي ۽ چڱائي دنيا مان موڪلائي ويندي آهي تڏهن انهن جي جاين تي ڪانيرا اچي واسو ڪندا آهن يعني ظلمات ۽ اونده چانئجي ويندي آهي. تاريخي طور تي وطن ۾ اهڙا ڏينهن ايندا رهندا آهن.

افرادي علامتون شاعر پنهنجي اظهار کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پاڻ تشڪيل ڏيندو آهي. شاهه سائين وٽ اهڙين علامتن جا به ڪوڙ سارا مثال موجود آهن.

ٽِن باغنئون بَس، جي ڪَنڊِيءَ ڪاڪ ڪڪوريا،
سودِي رِيءَ سَرئيون، ڪاڪ نه اچي ڪَس،
راتي پائي رَسَ، ٿَنُ بيڙيءَ جيئن تاڻيو.

(مومل راڻو: 7-17)

## عڪس جو اظهار:

علامتي صورتن ۾ هڪ صورت عڪس جي به آهي. ٻنهي ۾ جيڪو واضح فرق آهي، اهو معنيٰ جي سطح تبديل ٿيڻ آهي. هن کي تمثيل به چئبو آهي.

هائي رُچلس لکي ٿو ته:

"تمثيل ٻن مختلف شين، واقعن يا موقعن تي مشترڪ، وصفن جي مقابلي جو ٻيو نالو آهي جيڪو تمثيل ڪان ڪم وٺي ٿو. اهو هڪ موقعي جي احوال جي تشريح، ٻئي موقعي جي احوال ذريعي ڪندو آهي. تمثيل کي محاڪاتي استعارو به چئبو آهي جيتوڻيڪ محاڪات جو تعلق به عڪس سان آهي پر عڪس جي اپياس لاءِ اهو طريقو مڪمل ناهي، ڇو ته اهو صرف قدرتي نظارن سان واسطو رکي ٿو. ائين چئون ته استعارو اختصار جي وصف مان پيدا ٿئي ٿو ۽ تمثيل اختصار ۽ وسعت ٻنهي جو سنگم آهي".

عڪس جو واسطو مصوريءَ سان به آهي. انهي سلسلي ۾ مسٽر ليسنگ چوي ٿو ته:

شاهه سائين جي شاعريءَ ۾ هر قسم جا عڪس، اولڙا ۽ ڀرپور عڪسي اظهار موجود آهي جو نہ سندس مشاهدو وسيع ۽ منظر تُوڙي لفظ انساني حِس تي حاوي ٿيندڙ آهن.

**رس جو احساسي اظهار:**

ادب جي ڪنهن صنف پڙهڻ، ٻڌڻ يا ڏسڻ سان من کي جيڪو سڪون ملي ٿو تنهن کي سنسڪرت ساهت شاستر ۾ "رَس" ڪوٺيو ويو آهي. اهي رس- ناٽڪ، ڊراما ۽ شاعريءَ ۾ بہ ٿين ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خيال آهي تہ 'رَس' اهڙو ذريعو آهي جنهن سان شاعر مختلف نفسياتي ڪيفيتن کي پنهنجي قاريءَ جي ذهن ۾ منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو 'رس' جا ٻہ مکيہ قسم ٻڌايا آهن. هڪ جسماني رس، جنهن جا هن 6 (ڇهہ) نندا طريقا ٻڌايا آهن ۽ ٻيو مکيہ رس جِسي يا ڪلپنا وارو رس آهي، جنهن جا 9 (نو) قسم ڳڻايا ويا آهن.

مولوي پنڊت حبيب الرحمان شاستري 'رس' جا 9 (نو) قسم بيان ڪيا آهن. سنسڪرت ۾ ناٽيہ شاستر گرنٿ جي ليکڪ ڀرٿ منيءَ جي راءِ موجب: ناٽڪ ۾ ڪل 8 (اٺ) رس ٿي سگهن ٿا، اهي آهن:

1. شرنگار رس (پريم جو اظهار ڪرائيندڙ) شرنگ جي معنيٰ آهي- محبت جي ديوتا ڪامديو جو ايرڻ.
2. وير رس (سورهيائي وارو رس)
3. وڀيتس رس (بچان، ڪِراهت يا ڏڪار وارو رس).
4. دؤدر رس (غصي ۽ ڪاوڙ جا احساس ڏياريندڙ رس)
5. هاسيہ رس (مذاق، کِل خوشي، آنٽ ۽ آنند جو احساس ڏياريندڙ رس)
6. اُدبت رس (اچرج يا حيرت جو احساس ڏياريندڙ رس)
7. ڀيانڪ رس (ڊپ يا خوف جو احساس ڏياريندڙ رس)
8. ڪرڻ رس (درد جو احساس ڏياريندڙ رس)

اهي سڀ 'رس' شاعريءَ ۾ بہ ٿيندا آهن. سسنڪرت جي عالمن ۽ ودوانن ٻہ رس جا قسم ٻيا بہ ڳڻايا آهن.

1. شانت رس (سنسار جي سک، چڱن لڇڻن ۽ ياترائن جو رس)
2. واتسليہ رس (ممتا جو احساس ڪرائيندڙ رس)

مجموعي طور رس جا ڏهہ قسم مڃيا ويا آهن. پنڊت وشوناٿ 'ساهتيہ درپن' ۾ معتبر عالمن جي سند سان هيءُ نظريو ڏنو آهي، تہ رس جو اصلي جوهر حيرت يا اچرج آهي اها تاويل انهي ڪري بہ درست آهي جو هر ڪا شيءِ ۾ هرڪو وجود هڪ راز (ڳجهہ) جي کوجنا ۾ اچرج واريون حالتون پيدا ٿينديون رهنديون آهن.

'رس' ڪيئن ٿو پيدا ٿئي؟ ان تي ڳوڙي ويچار بعد اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ ان جو بنياد ڪي 'ڀاوَ' يعني من جا لاڙا آهن جن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ 'استائي ڀاوَ' ۽ ٻيو 'سنچاري ڀاوَ'.

**استائي ڀاوَ:** من جي اهڙي احساس کي ڪوٺيو ويو آهي جيڪو جيترو وقت جاري رهي ۽ جيترو وقت ماڻهو ان کي ماڻيندو هجي، انهيءَ دوران ٻيا بہ ڪي 'ڀاوَ' ٿوري ٿوري وقت لاءِ اڀري سگهن ٿا، انهن کي 'سنچاري ڀاوَ' ڪوٺيو ويو آهي، اهي ڪڏهن جاڳيل 'استائي ڀاوَ' سان بہ مشابهت رکندڙ ٿي سگهن ٿا ۽ ڪڏهن ان کان بلڪل الڳ بہ ٿي سگهن ٿا پر ٻنهي حالتن ۾ اهي جاڳيل 'استائي ڀاوَ' کي ئي مضبوط ۽ گهرو بڻائيندا رهن ٿا. ٻي ڪنهن 'استائي ڀاوَ' جي رس جو اظهار 'سنچاري ڀاوَ' نہ ڪري سگهندا آهن.

رس جو مقصدي آڌار استائي ڀاوَ ئي آهن ۽ هر رس لاءِ هڪ خاص استائي ڀاوَ مڃيو ويو آهي. انهن جا نالا هرهڪ رس جي بيان وقت ڏنا ويندا.

'سنچاري ڀاوَ' جا لاڙا ٽيٽيهہ (33) ڇيا وڃن ٿا ۽ هر هڪ رس لاءِ جدا جدا 'سنچاري ڀاوَ' مددي بڻجي سگهن ٿا. اهو بيان بہ اڳتي ڪيو ويندو.

سسئي کي ايترا سور مليا آهن جو انهن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. سورن کي سهڻ جي قوت ۽ انهن جو اهڙو زوردار اظهار سسئي جهڙي نبل عورت جو ڪمال آهي.

ڪَرڻ رس جو اثرائتو اظهار سُر سورٺ ۾ به ملي ٿو:

گل چنو گرنار جو، پَنُڻ ٿيون پِنين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اُپيون اوسارين،
چوتا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين: ”راجا رات رَمَگيو“.

(سورٺ: 4-12)

سُر مارئي ۾ به ڪَرڻ رس جو اظهار ملي ٿو، مارئي پنهنجي مائٽن کي وساري نٿي سگهي. سدائين اندر ۾ انهن جي هورا ڪورا رهي ٿي:

چُرن، چُٽِڪَن چِت ۾، وساريان ڪين وري.

(مارئي: 8-1)

9. **نائون رس آهي- شانت رس:** شانت رس ۾ سنسار جا سُک، بدني بناوٽ، سنتن جي صحبت ۽ زيارت ڪرڻ وغيره هن جا وڀاؤ آهن. چڱي ڪم لاءِ ديا ۽ رحم، روحاني سڪون يا آنند ۽ پيار وغيره هن رس جا انوڀاؤ آهن. چنتا، ياد، خوشي وغيره هن جا سنچاري ڀاؤ آهن. شاه جي شاعريءَ ۾ شانت رس جو اظهار ڪندڙ ڳالهيون من جي ماهرن، اندروني اڏمن ۽ ڳوڙهاين جو بيان ڪندي اچي ويا آهن. اهڙن مثالن سان شاه جو سڄو شعر ڀريو پيو آهي. هيٺ هڪ مثال ڏجي ٿو:

پاڻهين جل جلالهُ، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرين جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سڃوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

(ڪلياڻ: 1-16)

10. **ڏهون رس آهي- واتسليہ رس:** هن ۾ گهڻو ڪري مائرن جو ٻارن لاءِ پيار اچي وڃي ٿو. هندي ادب ۾ سور داس جا واتسليہ رس جا بيان مشهور ۽ مزو ڏيندڙ آهن. ڪرشن ڀڳوان جي ٻالپڻ جا تمام سهڻا، سندر ۽ واسطي وارا بيان سورداس ڪيا آهن. مثال:

”ميئا مُوري، مين نهين ماکن کايو“

شاه لطيف“ وٽ اهڙا مثال تمام گهٽ آهن يا ناهن. ڊاڪٽر پرسو گدواڻي لکي ٿو ته: ”ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته شاه صاحب شادي شده هوندي به گهڻي ڀاڳي خدا ۽ سندن بندن سان محبت کي پنهنجو اصول بڻايو هو. ٻارن جي پيدا نه ٿيڻ جو هڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو. انهي ڪري هن وٽ ٻارن جي ممتا جا بيان واتسليہ رس جي اظهار وارا گهٽ ملن ٿا. ٻيو سبب اهو هو ته شاه صاحب گهر ٻار جي جهنجهٽن کان انهي ڪري پري رهيو جيئن انهن جو موه هن کي سنساري مايا جار ۾ به ڦاسائي وجهي پر هڪ افسوس ضرور ظاهر ڪرڻو ٿو پوي ته هن مهان درويش ٻالپڻ جي چنچلتائن ۽ ابوجهه ٻالن جي مستين ۾ سورداس وانگر هن کي ايشور جو روپ نظر نه آيو.“

هتي منهنجو ڊاڪٽر گدواڻيءَ جي راءِ سان سهمت نه ٿيڻ جو سبب اهو آهي ته شاه صاحب لاءِ سندس اها ڳالهه ته مڃي سگهجي ٿي ته هن شادي شده هوندي به گهڻي ڀاڳي ڀڳوان ڀڳتيءَ ۾ پنهنجو وقت گذاريو پر شاه سائين جي پنهنجي گهرواريءَ سان به تمام گهڻي محبت هئي. هو باوقار ۽ سليقي مند انسان هو، تنهنڪري هن پنهنجي پيار کي ايترو لوڪان لڪائي پاڪيز بڻايو جو ان رشتي ۽ تعلق تائين ڪنهن جي رسائي ڪونه ٿي سگهي.

”اکين ۾ ٿي ويهه، توکي وارين ڍڪيان.“

جيستائين پرين سان پيار جي ثابتيءَ جو واسطو آهي ته اها سندس ڪلام جي سٽ سٽ ۾ نظر اچي ٿي. ڪوبه اهڙو سُر ڪونهي جنهن ۾ سونهن، انتظار، بيقراري ۽ ممتا جون وارداتون موجود نه هجن.

ان ذات پاڪ جو عشق اختيار ڪر جنهن جي عشق سان سمورا نبي (سڀ ڳورا) معزز ۽ ممتاز ٿيا.

مولانا روميؒ ۽ ديوان جي زمين ۾ زنده عشق جو هيءُ باغ پاڻ لڳايو آهي. ان ڪي طرح طرح جي گُلن سان سينگاريو آهي. ناليون ۽ ٻاريون پاڻ ترتيب ڏنيون آهن. نهرون پاڻ کڏيون آهن ۽ انهن کي آبِ حيات سان لبريز ڪيو آهي. هن اهڙا آبشار تعمير ڪيا آهن جن جي جهرڻن مان وجد ۾ آڻيندڙ سُرن جي گونج ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، هر گُل جو رنگ جُدا، هر ٻاري جي ٻيهڪ الڳ، هر موج جو اُبرڻ بي مثل، پر سڀني جي زبان حال تي هڪ ئي نغمو ۽ هڪ ئي پيغام آهي:

اے خدا! تو عاشقاں خوشنود باد(7)
عاشقاں را عاقبت محمود باد
عاشقان را تو جمالیت عید باد
جانِ شان در آتشت چوں عود باد
دست کردی دلبرا!! در خونِ ما
جانِ ماذین دست خون آلود باد
ہر کہ گوید کہ "خلاصش دہ زعشق"
آں دعا تو آسمان مردود باد
مہ کم آید مدّعے در راہِ عشق
آن کی عشق جملہ سود باد
دیگراں تو مرگ مہلت خواستند
عاشقاں گویند نے نے زود باد
آسماں تو دوو عاشق ساختہ ست
آفریں بر صاحبِ این دود باد

ترجمو:

1. اي خدا! عاشقن کان راضي ٿي، عاشقن جي سهڻي انجام جي آخرت ۾ تعريف ڪئي وڃي.
2. عاشقن کي تنهنجي جمال (جي مشاهدي) مان خوشي نصيب ٿئي، انهن جي جان تنهنجي (محبت جي) باهه ۾ عُود وانگر ٻرندي رهي.
3. اي دلبر! تون اسان جي رت ۾ هٿ رڱي ڇڏيو، اسان جي جان ان هٿ کان رتو رت آهي.
4. جيڪو شخص اهو چوي ٿو ته ڪيس عشق کان ڇوٽڪارو ملي وڃي، اهڙي دعا آسمان مان رد ڪئي وڃي.
5. عشق جي راهه ۾ چند هڪ عرصي تائين گهٽ ئي ايندو آهي. اي خدا عشق جي اها کوٽ سموري فائديمند ٿي وڃي.
6. ٻيا (غير عاشق) ماڻهو موت کان مهلت گهرندا آهن (پر) عاشق چوندا آهن: "نه نه جلد موت اچي."
7. آسمان عاشق جي (دل جي) دونهين سان ٺاهيو ويو آهي، ان دونهين جي مالڪ تي آفرين هجي.

## حاشيا

1. مترجم مولانا اشرف علي ٿانويؒ
2. شرح ديباچو مثنوي مولانا رومؒ المعروف رساله نائيه مصنف- حضرت يعقوب چرخي. اردو ترجمو: ڊاڪٽر نذير رانجها لاهور 2004ع، ص 50
3. ڪليات امداديه تصنيفات- حاجي امداد الله مهاجر مڪي، دارالاشاعت ڪراچي 1976ع، ص 170-171
4. فيه مافيه ص ص 203-204 مترجم: پروفيسر لطيف الله.
5. ايضاً، ص 64، مترجم- پروفيسر لطيف الله
6. مثنوي دفتر پهريون اشعار 218 کان 221 تائين مترجم- مولانا محمد نذير عرشي
7. ديوان شمس تبريز، غزل 827، ص 353، مترجم- پروفيسر لطيف الله

طرف چڪرائي ٿو تہ دراصل: 'مُحَمَّد مصطفيٰ سے حضرت يوسف کو کيا نسبت' هيٺ گهرجي پر قوالن ان سڻ کي اُبتو ڪري مُحَمَّد مصطفيٰ (ﷺ) جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي.

مير علي نواز 'ناز' جيڪو خود بہ سنو شاعر ۽ سخندان هو، هن نوجوان جي سخن شناسيءَ تي ڪيس دل کولي داد ڏنو ۽ قوالن کي درست شعر پڙهڻ جو حڪم ڏنائين جيئن نوجوان ڪين ٻڌايو هو، مير صاحب هڪدم پنهنجي ڪيسي مان سؤ رپين جو نوٽ نوجوان کي ڏيندي ڪيس چيو: 'پنجاهہ رپيا تنهنجي سُخن شناسي ۽ ٻيا پنجاهہ رپيا منهنجي محفل بند ڪرائڻ جي جرئت ڪرڻ ۽ مدني مصطفيٰ ﷺ جن جي شان ۾ گستاخي جي گناهہ کان اسان سڀني کي بچائڻ جو انعام آهي. (هي 33-1932ع جو زمانو هو ۽ ان وقت جا سؤ رپيا اڄ جي هڪ لک رپين کان بہ شايد مُلهہ ۾ مٿي هوندا).
اهو خوبصورت ۽ ڳڀرو نوجوان غلام نبي اداسي هو، جنهن جو نالو جيتوڻيڪ اڄ سنڌي ادب ۾ گمنام آهي پر حقيقت اها آهي تہ هو پنهنجي دؤر جو وڏو شاعر، هڪ نفيس انسان ۽ ڀهڳتو شخص هو.

مير علي نواز جي دربار سان ان وقت نہ رڳو سنڌ پر هند جا پڻ ناليوارا شاعر لاڳاپيل هئا جهڙوڪ: حفيظ جالنڌري، نسيم امروهوي (جنهن خيرپورميرس جي تاريخ لکي) آغا شاعر قزلباش، شميم امروهوي، بهار ملتاني وغيره. پر غلام نبي اداسي جي باوقار مزاج ڪيس ميرن جي دربار کان پريرو رکيو، نہ تہ مٿي بيان ڪيل واقعي ۽ شاعراڻي طبعيت سبب نازڻ جهڙي سخي ۽ روشن خيال حاڪم سان ويجهڙائي پيدا ڪرڻ تہ اداسي صاحب جن لاءِ ڏاڍي آسان ڳالهہ هئي جڏهن تہ اڄ سنڌيءَ جا اڪثر اديب ۽ شاعر ايوانِ اقتدار جي پيچرن جا پانڌي بڻيل آهن."

ننڍپڻ کان ئي قبلہ اداسي صاحب جن جي طبعيت جو لاڙو شعر و شاعري ۽ موسيقيءَ طرف مائل رهيو ۽ سنڌن چوڻ موجب 12-13 سالن جي عمر کان ئي هن شعر و شاعريءَ جي ميدان ۾ قدم رکيو. سنڌن شروعاتي همعصرن ۽ ذاتي دوستن ۾ عطا محمد حامي خيرپوري، رشيد احمد لاشاري، سيد اظهر گيلاني، عبد عاقلي، پير علي اصغر شاهہ راشدي، حافظ محمد اسلم مهيسر، محمد عمر مگريو ۽ ڪجهہ ٻيا هئا. جن سان گڏجي پاڻ طرحي توڙي غير طرحي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندا رهيا تہ هڪ ٻئي جي اوطاقن ۾ پڻ ذاتي محفلون مچائيندا هئا ۽ ان سان گڏ راڳ رنگ جون روح رهاڻيون بہ اڪثر ٿينديون رهنديون هيون. منهنجي خيال ۾ راڳ رنگ جي اهڙين رهاڻين ۽ موسيقي جي ماهرن سان ويجهي صحبت جو ئي اثر هو جو قبلہ اداسي صاحب ڪلاسيڪي راڳ جي سُرن ۽ خيالن کي سڃاڻڻ جو تمام وڏو ڄاڻو هو. هوڏانهن ڪنهن راڳي آلاپ شروع ڪيو تہ فوراً سڃاڻي وٺندا هئا تہ اهو ڪلياڻ، ٻاڳيسري، مالڪئوس، جيجيوَنتي، ڀيروي وغيره مان ڪهڙو خيال هو. هڪ دفعي آل انڊيا ريڊيو تان ڪلاسيڪي موسيقي نشر ٿي رهي هئي ۽ اسان جي اوطاق ۾ بابا جن جي ڪجهہ دوستن جي ڪچهري ٿي رهي هئي، اداسي صاحب جن پنهنجن دوستن کان پڇيو: "اهو ڪهڙو خيال آلاپجي رهيو آهي؟" ڪنهن دوست هڪڙو ٻڌايو، ٻي ٻيو ۽ ٽئين ٽيون، بابا جن اعتماد سان ڪين چيو: "اوهان ٽنهي مان سُرَ ڪي ڪنهن بہ نہ سڃاتو آهي، اهو هنبول جو خيال آهي جنهن کي سڃاڻڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ بہ نہ آهي. نيٺ خيال پوري ٿيڻ تي آل انڊيا ريڊيو جي انائونسر ٻڌايو تہ 'هاڻي اوهان فلاڻي ڳائڻي کان راڳ هنبول ٻڌي رهيا هئا.' ٽن دوستن مان هڪڙي دوست بابا جن کي اُٺي ڀاڪر پاتو ۽ اعلان ڪيائين تہ ٽن ڏينهن کان پوءِ ڇنڇر جي رات غلام نبي خان اداسيءَ جي مانَ ۾ مون وٽ رات جي دعوت آهي جتي اداسي صاحب جن کي راڳ جي استاد جي پڳ ٻڌرائي ويندي. آءٌ تڏهن ڇهن ستن سالن جو هئس. ڇنڇر تي پير ڳوٺ کان ٿورو ٻاهر هڪ عاليشان بنگلي ۾ هڪ پُروقار دعوت جو انتظام ڪيو ويو هو، جتي ٿر جي

سڀني ڳائڻن شرڪت ڪئي. بابا جن مون کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويا هئا. وري به ڪي راڳ اهڙا ڳايا ويا جن جي سڃاڻپ فقط قبلہ اداسي صاحب جن ئي ڪري سگهيا. آخر ۾ محفل جي پڄاڻيءَ تي بابا جن کي لُنگيون پلرايون ويون ۽ پير علي اصغر شاهه راشديءَ بابا جن کي 'راڳ جي استاد' جي پڳ ٻڌرائي. ڏاڍيون تاڙيون وڳيون ۽ هرهڪ راڳائي بابا جن کي جُهڪندي سلام ۽ احترام جو نذرانو پيش ٿي ڪيو. سندن بعد وارن ادبي دوستن ۽ همعصرن ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي، سليم ڳاڙهوي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، عطا محمد ڀنڀرو، نديم انصاري، الله بخش حباب، منير سولنگي، اُميد خيرپوري، محمد علي حداد، عزيز ڳاڙهوي، خادم رفيقي ۽ غازي فقير سيال هئا. آخر ۾ بيان ڪيل ٻن دوستن بابا جن کان ڪيتري عرصي تائين شاعريءَ جي اصلاح حاصل ڪئي هئي، تنهنڪري اُهي قبلہ اداسي صاحب جن کي استاد جي لقب سان مخاطب ٿيندا هئا.

قبلہ اداسي صاحب جن جي غزلن مان ڪجهه انتخاب هتي پيش ڪجي ٿو:

ڪٿي بادِ صبا وڃ هي عريضو انتظاريءَ جو،
پرينءَ جي پيش ڪج سارو، بيان هن بيقراريءَ جو

- ڇڏيو جهولي جدائيءَ جي چمن ساڙي سڄو دل جو،
گمان هاڻي نٿو ڏسجي منجهس بلڪل بهاريءَ جو.
- ڳجهو ڪو درد دل ۾ جي هجي ڪنهن بادشه کي پڻ،
ته ڏيندو ڇا مزو تنهن کي تجمل تاجداريءَ جو.
- ستائي سوز فرقت جي اُداسي آ ڪيو آخر،
سراسر سور سارو حال آ دل درد ماريءَ جو.

هڪ ٻي غزل مان چونڊ شعر پيش ڪن ٿا: جنهن ۾ مهربان پڙهندڙ سندن ڪمال جي تجنيس حرفيءَ تي به غور ڪن:

دلارا دردمندن جي نه دائم دل دکائي ڪر،
اجايو پنهنجي ارڏائي نه اڪثر آزمائي ڪر.

- رهين نرمل سدا ناراض ناحق نيازمندن تي،
خدارا پر نه هرگز تون، عدوءَ سان آشنائي ڪر.
- اسان سان مِل، اسان سان کِل، اسان سان روح رچنديون ڪر،
دکن دردن جي ماريل دل، نه اي سهڻا ستائي ڪر.
- اسان جو ساهه تنهنجي ساهه سان سهڻا سلهاڙيل آ،
اداسي پنهنجي عاشق سان، نه بيجا بيوفائي ڪر.

جناب شفقت الله ڪوسو پنهنجي ساڳئي مضمون 'گوهرِ ناياب' ۾ اڳتي هلي قبلہ اداسي صاحب جن جي هڪ اردو مشاعري ۾ شرڪت ڪرڻ بابت احوال هن ريت ٿو ٻڌائي:

"تنهن زماني ۾ مصرع طرح جو رواج هوندو هو ۽ سڀني شاعرن کي طرحي مشاعري ۾ پنهنجو ڪلام تيار ڪرڻو پوندو هو. علامہ اقبال جي هڪ سٽ کي مصرع طرح لاءِ چونڊيو ويو: 'خموشی گفتگو ہے، بے زبانی ہے زباں میری' ان تي سڄي هندستان جي شاعرن کي شعر لکڻ جي دعوت ڏني وئي. هندستان جي تاريخي شهر آگره ۾ مشاعري جي محفل جو اهتمام ٿيو جنهن ۾ اداسي صاحب پنهنجو غزل ٻڌائي اردو وارن کي به حيران ڪري ڇڏيو. ان غزل جا ڪجهه شعر جيڪي عنايت بلوچ صاحب مون کي ٻڌايا، اهي پڙهندڙن جي مطالعي لاءِ هتي پيش ڪجن ٿا:

نہیں حالت ذرا مخفی و محتاج بیاں میری
سراپا یاس و حسرت بن چکی ہے داستاں میری
تمنا خاک میں ملتی رہی ہے، ہر نہاں میری
مٹے گی شومئی قسمت کبھی اے آسماں میری
کہیں الفاظ دل کی ترجمانی کو نہیں ملتے،
خموشی گفتگو ہے، بے زبانی ہے زباں میری
وصالِ یار پہ اب ہجر کو ترجیح دیتا ہوں،
جدائی میں ہوئی ہے آرزو پل کر جواں میری
اُداسی نام جب ہے پھر تمنا شادمانی کیا،
موافق نام کے رہتی ہے حالت جاوداں میری

سنڌ جي هن سنڌي شاعر اردو ۾ پنهنجو شاهڪار غزل پيش ڪري ماڻهن جي وڏي ميڙ کان وڏو داد وصول ڪيو. ساڳيو غزل جناب اداسي صاحب بجنور مان ڇپجندڙ هڪ مشهور رسالي ۾ موڪليو ۽

اشتياق انصاري

# جان محمد جوڻيجو (رئيس المهاجرين)

جان محمد جوڻيجي 1304 هجري بمطابق 1887ع عيسوي ۾ لاڙڪاڻي کان ڪجھ ڪلوميٽر اتر طرف قائم تاريخي ڳوٺ 'ڏامراها' ۾ اک کولي. سندس والد حاجي ڪريم بخش خان، چانڊڪا جي معتبر زميندارن ۾ شمار ٿيندو هو. جان محمد جوڻيجي فارسي ۽ سنڌي جي ابتدائي تعليمَ پنهنجي ننڍڙي واهڻ 'ڏامراها' مان حاصل ڪئي. ٻارهن ورهين جي عمر ۾ ڳوٺ خيري ديرو (تعلقو رتوديرو) ۾ سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو. ان کان پوءِ انگريزي تعليم جي حاصلات لاءِ لاڙڪاڻي جي 'مدرسة الاسلام' ۾ پير پاتو، جتان هن پرائمري پنج درجا پاس ڪيا.

"جڏهن هو لاڙڪاڻي ۾ پڙهندو هو تڏهن محمد ايوب کهڙو، غلام محمد اسراڻ، عمر بن محمد دائود پوٽو، نصرالله، غلام علي، حيدر بخش جتوئي، فيض محمد وغيره به مدرسي جا شاگرد هئا. سندس لاڙڪاڻي



مدرسة الاسلام لاڙڪاڻي جي تاريخي عمارت جتي رئيس جان محمد جوڻيجي سميت عمربن محمد دائودپوٽي، حيدر بخش جتوئي ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترن ناميارين شخصيتن تعليم حاصل ڪئي



جان محمد جوڻيجو جوانيءَ دوران

جي دوستن مان رئيس غلام محمد وڪيل، سيٺ حاجي خدا داد خان سرهيو، عبدالرزاق شيخ، مولوي محمد عاقل وغيره مشهور هئا."[1]

جان محمد جوڻيجو وڌيڪ علم جي حصول لاءِ ڪراچي جي "سنڌ مدرسة الاسلام" جو در کڙڪايو. هن ڪراچي جي ان اداري مان ميٽرڪ پاس ڪئي. "اتي حسن علي عبدالرحمان ۽ علي گوهر خان پڻ ساڻس دوستي ٿيس. جڏهن علي گوهر پڻ ولايت پڙهڻ ويو تڏهن هو پنهنجي والد صاحب کان اجازت وٺي لنڊن ويو ۽ وڃي بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين."[2]

جان محمد جوڻيجي جي اعليٰ تعليم واسطي انگلينڊ رواني ٿيڻ لاءِ دين محمد وفائي لکي ٿو ته:

"ڪراچي مان ميٽرڪ جي امتحان ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجي خيال سان ڪليڪٽر کان پاس وٺي في الحال خرچ راهه به هزار رپيا هٿ ڪري قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت ڏانهن تيار ٿيو. هو تقريباً سال 1910ع ۾ انگلينڊ ڏانهن بئريسٽر جي امتحان لاءِ سنڌ مان روانو ٿي ويو. ان کان پوءِ ولايت جي سفر ۽ اتي رهڻ ۽ تعليم جي خرچ جو سمورو بار سندس والد بزرگ جي ذمي رهيو. برابر پنجن سالن جي طويل سفر ۽ وطن

”پهرين عالمگير جنگ جي ڇڙڻ وقت هندستان جي سياسي نمائندن انگريز حڪومت کي مدد جي پيش ڪش ڪئي ۽ انهن کي اميد هئي ته جنگ کان پوءِ انگريز سرڪار هندستان کي آزادي ۽ خودمختياري مهيا ڪندي، انگريز حڪومت جي نمائندن هندستان لاءِ آئيني اصلاحات جو به واعدو ڪيو هو. آڪٽوبر 1917ع ۾ ايڊون مانٽيگيو جيڪو هندستان جي معاملن لاءِ انگريز ڪابينا ۾ وزير هو، سو هتي آيو، اچي هتي جي ماڻهن سان مليو ۽ مختلف هنڌن جا دورا ڪري هتان جي مسئلن جو جائزو ورتو. هندستان جي نمائندن کي اميد هئي ته هندستان کي به بين شهنشاهتن جي حصي وانگر ڪي قدر (Dominion Status) ملندو مگر جنگ بعد ائين نه ٿيو. صرف اڌوريون ۽ اڻ وڻندڙ رعايتون ڏنيون ويون. جنهن ڪري هندستانين ۾ گورن جي لاءِ بي اعتمادي پيدا ٿي.

مانٽيگيو چيلسفورڊ جي قانوني سڌارن به هندستانين ۾ مايوسي پيدا ڪئي. گانڌي جيءَ جي احتجاجن سبب ان وقت جي اعتدال پسند اڳواڻن جي ساک ڊٺي پئي. اهو تاثر عام ٿي ويو ته هندستاني قوميت جي آقائن گوکلي، فيروز شاهه مهتا ۽ ٻين جيڪو قانوني طريقيڪار اختيار ڪيو سو ناڪام ٿي ويو. هاڻي نئين نسل جا سياستڪار ئي برطانيه حڪومت کي مضبوطيءَ سان منهن ڏيئي سگهن ٿا.

سن 1919ع کان پوءِ هندستانين ۾ عوامي احتجاج جي سياست شروع ٿي. هڙتالون، احتجاج، جلسا ۽ جلوس ٿيندا رهيا. خاص طرح جليانوالا باغ واري واقعي هنن جي جذبات کي اڀاريو جنهن ۾ شامل سوين بي گناهه ماڻهن کي برطانيه جي هڪ آفيسر جنرل ڊائير جي حڪم تي قتل ڪيو ويو. علماء فتويٰ ڏني ته برطانيه جي ماتحت هلندڙ علائقا دارالحرب يعني جنگي علائقا آهن ۽ مسلمانن جو فرض آهي ته هو دارالاسلام يعني امن وارن علائقن ڏانهن هجرت ڪن.(5)“

انهن مٿين رنجشن ۽ ٻين سببن ڪري هتان جي اڳواڻن وڏي سوچ ويچار بعد هڪ تحريڪ جو آغاز ڪيو، جيڪا اڳتي هلي خلافت تحريڪ جي نالي سان مشهور ٿي. خلافت تحريڪ اڃا شروعاتي مرحلن مان گذري رهي هئي ته سنڌ ۾ ملان فيض الڪريم نالي هڪ همراهه ترڪي خلافت جي خلاف هڪ رسالو ڪڍيو. ان رسالي جي شايع ٿيڻ تي خلافت تحريڪ جا ڪيترائي پوئلڳ ڪاوڙجي پيا. ڇو ته ان دور ۾ برطانيه جا اتحادي ملڪ ترڪيءَ تي مختلف پابنديون لاڳو ڪري، ترڪي سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لاءِ سوچي رهيا هئا. هتان جي مسلمانن ان سازش خلاف، لکنو ۾ ”آل انڊيا مسلم ڪانفرنس“ سڏائي، سخت احتجاج ڪيو. ان ڪانفرنس ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته ترڪي سلطنت جي بقاءَ لاءِ 17 آڪٽوبر 1919ع تي دعا گهري وڃي جنهن کي ”پهريون يوم الخلافت“ نالو ڏنو ويو.



رئيس جان محمد جوڻيجي جي رهائشگاهه جتي سنڌ ۾ پهرين خلافت ۽ هجرت ڪميٽي جي آفس قائم ڪئي وئي

ان فيصلي تحت لاڙڪاڻي ۾ يوم الخلافت ملهائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو، پر لاڙڪاڻي جي ڪارڪنن وڏي جوش خروش سان جان محمد جوڻيجو ۽ پير تراب علي شاهه راشدي علي خان واري جي قيادت ۾ يوم الخلافت کي پاڻي ڏيڻ لاءِ تياريون شروع ڪيون.

مقرر تاريخ 17- آڪٽوبر تي جان محمد جوڻيجي جي بنگلي سامهون عيدگاهه ۾ نهايت ڌام ڌوم سان جلسو ٿيو، جنهن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. (ان عيدگاهه واري ميدان تي هاڻي عيدگاهه سان گڏ ئي هڪ شاندار مدرسو ۽ مسجد به قائم آهي.)

اهڙي نموني نومبر 1919ع ۾ ترڪيءَ سان ٿيندڙ زيادتين خلاف دهليءَ ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو

لاڙڪاڻي ڪانفرنس ۾ اها تجويز پڻ پيش ڪئي وئي تہ ڪانفرنس جي پڄاڻي تي سنڌ جي معززين جو هڪ وفد بمبئي وڃي گورنر سان سنڌ جي ڪامورن جي ڏاڍ خلاف شڪايت ڪري. ان وفد جي سرواڻي جان محمد جوڻيجي کي ڏني وئي، وفد ۾ پير سائين جهنڊي



لاڙڪاڻي ۾ خلافت هلچل جا ڪيترائي جلسا عيدگاهہ ۽ ان جي پرسان ميدان تي ٿيندا هئا، جتي هينئر هڪ مدرسو قائم آهي

وارو بہ شامل هو. هيءُ وفد جڏهن بمبئي پهتو تہ اتي آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جاري هئي، جنهن جي صدارت غلام محمد ڀرڳڙي ڪري رهيو هو. موقعو غنيمت سمجهي سنڌين جو هيءُ جٿو ان ڪانفرنس ۾ بہ شامل ٿيو. وفد لڳاتار 26 ڏينهن تائين گورنر سان ملاقات جي ڪوشش ڪندو رهيو پر گورنر بهانا ڪري ملاقات کان ٽاريندو رهيو. آخر بيزار ٿي هيءُ وفد مارچ 1920ع تي واپس موٽي آيو پر هو خاموش ٿي نہ ويٺا ۽ 17 مارچ 1920ع تي جي. ايم. سيد ننڍيءَ ڄمار ۾ سن ۾ خلافت ڪانفرنس سڏائي جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين عالمن شرڪت ڪئي[12] ان بعد اپريل 1920ع تي سيوهاڻي مخدومن خلافت جي جلسي جو انتظام ڪيو.

جنهن جي بندوبست ۾ ساڳي طرح جان محمد جوڻيجي ۽ سندس ساٿين حصو ورتو.

### هجرت

سنڌ جا مسلمان، ان وقت تائين حڪومت طرفان ڪو خاطر خواهہ وارو فرياد نہ ڏسي ۽ مسلسل حڪومت جي بي رخي ڏسي ڪافي مايوس ٿي ويا هئا. ان جا ڪيترائي سبب هئا. هڪ تہ بمبئي مان سنڌ جي معززن جو سفارتي وفد بلڪل مايوس ٿي موٽي آيو هو. ٻيو ان وقت تائين ترڪي شرائط صلح ۾ نرميءَ جي گنجائش جو ڪوبہ آسرو نظر نہ ٿي آيو. ٽيون وري ان جٿي کي ڪٿي بہ نوڪر شاهيءَ طرفان ڪابہ داد رسي حاصل نہ ٿي. تڏهن انتهائي مجبوريءَ ۾ سيوهڻ واري خلافت ڪانفرنس دوران جنهن جي صدارت مولانا عبدالڪريم درس ڪري رهيو هو، اتي هجرت جي باري ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. ان ڏس ۾ جان محمد جوڻيجو، حڪيم سيد احمد اختر ۽ ٻين حاضرين تمام جوشيلون تقريرون ڪيون. جنهن بعد ايندڙ جيڪب آباد خلافت ڪانفرنس جي وقت، ان کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ سوچيو ويو.

جيڪب آباد ۾ صوبہ سنڌ خلافت جلسو 2 ۽ 3 مئي 1920ع تي مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي صدارت ۾ شروع ٿيو. ان وقت تائين هندستان ۾ گڏيل طور اجا ترڪ موالات يا قطع تعلقات جو سوال نہ اڀريو هو. اتفاق سان جيڪب آباد ۾ اهڙو وايو منڊل ٺهي ويو جو ان موقعي تي قطع تعلقات جو ٺهراءُ پيش ڪيو ويو. انهيءَ ٺهراءَ جو روح روان جان محمد جوڻيجو هو. جان محمد جوڻيجو ترڪ موالات واري تقرير جي خاتمي وقت چيو تہ:

"مان سردار جي ٻي نمبر ڪرسي، ميونسپل ڪمشنري، لوڪل بورڊ جي ميمبري ۽ بئريسٽري جي ڊگري سڀ ترڪ ڪريان ٿو ۽ ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪندي، سرڪار سان سڀ ڪنهن قسم جا لاڳاپا ۽ تعلقات ٽوڙيان ٿو."[13]

جان محمد جوڻيجي جي انهي اوچتي اعلان جلسي ۾ موجود ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو. جلسي ۾ هر طرف خاموشي ڇانئجي وئي، هو اجا پنهنجي تقرير

• 16 جولاءِ 1920ع جمع ڏينهن قافلو پشاور مان نڪري 19 جولاءِ 1920ع تي جلال آباد پهتو.

• جان محمد جوڻيجو ڪابل ۾ داخل ٿيڻ بعد مولانا عبيدالله سنڌي شيخ المهاجرين وٽ پنهنجي گهرواريءَ سوڌو وڃي رهيو.

• ٻين مهاجرن کي جبل السراج ڏانهن وڃڻ لاءِ چيو ويو. ڪيترا ماڻهو جلال آباد ۾ به رهي پيا.

**ڪابل ۾ قيام:**

جان محمد جوڻيجو ڪابل ۾ رهڻ دوران اڪثر واليءِ ڪابل جي دربار ۾ ويندو هو. هن کي امير صاحب سان ملاقات لاءِ ڇهه ڪلاڪ مليل هئا. امير، کيس پنهنجي سوني واچ تحفي ۾ ڏني. جان محمد جوڻيجي ڪابل مان لاڙڪاڻي جي ڪن دوستن ڏي خط لکيو هو. ان خط مان اسان ڪابل ۾ رهندڙ مهاجرن جي حالت جي اندازي سان گڏ، جان محمد جوڻيجي جو جذبو ڏسي سگهون ٿا:

برادرم سيٺ خداداد ۽ عبدالرزاق ۽ محمد شاهه ۽ سيٺ احمد دين.

سلام، عرض ته اسان خيريت سان ڪابل ۾ پهتاسين، هر طرح خيريت آهي. شال اوهان ڏانهن به هر طرح خيريت هوندي. اسان به گويا دوزخ مان نڪري بهشت ۾ پيا آهيون. انشاءالله جنسي بهشت به جلد اکين اڳيان آهي. دعا ڪندا ته شال نصيب ٿئي. ٻيو قافلو ڪڏهن ٿو اچي. بگين کان سواءِ ٻئي سواري نه ڪجو، بيل گاڏين ۾ تڪليف آهي. واٽ ۾ جلال آباد تائين گرمي آهي. باقي خيريت آهي. ڪم گهڻو اٿر، تنهنڪري هي مختصر اکر عرض آهن. سموري احوال جو تفصيلوار خط جلد لکندس.

سلام سڀني کي عرض رکندا.

زيادهه خير

21 ذي القعد 1338هه[18]."

**مهاجرن جو افغانستان مان مايوس ٿي واپس ورڻ:**

سنڌي ماڻهن جو هجرتي قافلو، پنجاب ۽ سرحد مان گذريو ته اتان جي ماڻهن به هجرت لاءِ سنڌرا ٻڌا. خاص ڪري سرحد جا ماڻهو اهڙا ته جذباتي ٿي ويا جو هو پنهنجا گهر ٻار نيلام ڪري، بيٺل فصل ڇڏي هجرت لاءِ نڪري پيا، ايتري قدر جو جلال آباد ۽ ڪابل ۾ انهن ماڻهن کي رهائش مسئلو بڻجي ويو. ان حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪابل ۾ مهاجرن جي مدد ۽ سنڀال لاءِ "انجمن مهاجرين هند" قائم ڪئي وئي جنهن جو صدر شيخ المهاجرين مولانا عبيدالله سنڌي کي بڻايو ويو. ان انجمن اعلان ڪيو ته هندستان مان مهاجر تمام گهڻي انگ ۾ مختلف رستن کان افغانستان ۾ داخل ٿيا آهن. سيارو اچڻ وارو آهي، جيستائين انهن جي رهائش ۽ آرام وغيره جو بندوبست ٿئي، تيستائين ٻيا ماڻهو افغانستان نه اچن ۽ ٻئي حڪم جو انتظار ڪن، جيڪي ماڻهو پهچي ويا آهن، پهريائين انهن جو انتظام ڪرڻ ضروري آهي.

ان اعلان تي جان محمد جوڻيجي سميت سنڌ ۽ پنجاب جي ٻين ليڊرن جو صحيحون هيون. اهو اعلان افغانستان جي حاڪم امير امان الله کان منظور ڪرائي اخبار (اتحاد مشرق) جلال آباد ۾ شايع ڪيو ويو پر ماڻهن تي ان اعلان جو ڪوبه اثر نه ٿيو، هو لکن جي تعداد ۾ اچي ڪابل ۾ جمع ٿيا. انهن جي رهائش لاءِ 'انجمن مهاجرين' ڪافي ڪوشش ڪئي پر جڏهن ڪين ترڪستان يا جبل السراج ڏي وڃي رهڻ لاءِ چيو ويو ته مهاجر ڪاوڙجي واپس ورڻ لڳا. تنهن هوندي به ڪيترائي مهاجر افغانستان ۾ رهي پيا. ان تي انجمن مهاجرين فيصلو ڪيو ته هڪ وفد هندستان موڪلجي جيڪو اتان جي ماڻهن کي هجرت متعلق سچيون حقيقتون ٻڌائي، ڪين مهاجرن جي مدد لاءِ آماده ڪري. ان فيصلي تحت وفد ۾ جان محمد جوڻيجي، مير رحمت الله همايون لاهوري ۽ حڪيم سيد احمد اختر کي هندستان موڪليو ويو.

" جان محمد جوڻيجو جڏهن سنڌ مان هجرت ڪري ويو هو ته هن سان سندس زال جا سرائي علي محمد خان لاهوري جي همشيره ۽ (خان بهادر امير علي خان جي پڳدار پلتي خان صاحب شاهه محمد جي بيوهه هئي. جنهن سان هن لاڙڪاڻي ڪانفرنس جي موقعي تي شادي جو عقد ڪيو هو. جن ڏينهن ۾ هوءَ حامله بلڪ

قريب الولادت هئي. جنهن ڪري ولادت جي سهولت لاءِ پلاٽ سان گڏ ورتيون آيو[9]".

هندستان ويندي جان محمد جوڻيجو 30 سيپٽمبر 1920ع خميس رات اچي لاڙڪاڻي پهتو، اتي رهڻ دوران 4 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ هندو ۽ مسلمانن جو هڪ گڏيل جلسو ٿيو، جتي جان محمد جوڻيجي تقرير ڪندي سامعين کي وڌي تفصيل سان افغانستان جي هجرت جي ڪهاڻي ٻڌائي. ان کان سواءِ افغانستان مان موٽي آيل ماڻهن جن هت اچي اتان جي باري ۾ ڪيتريون ڪوڙيون سچيون ۽ ڀيانڪ ڳالهيون ڦهلايون هيون، جان محمد جوڻيجي پنهنجي خطاب ۾ انهن ڳالهين جي مڪمل وضاحت ڪندي چيو ته:

"ڀائرو! اهو ڏينهن نه وساريندس. جنهن ڏينهن اسپيشل ٽرين مهاجر کڻي ڪابل جي پاسي رواني ٿي. مسئلہ هجرت تي مذهبي حيثيت ڪري بحث نٿو ڪريان ڇو ته مان بحث مباحثي لاءِ نه آيو آهيان. مان اوهان کي فقط ايترو ٻڌائيندس ته اسان ڪهڙي طرح هتان وياسون ۽ ڇو واپس آيا آهيون ۽ ماڻهو ڇو موٽيا آهن ۽ ڪهڙي قسم جا ماڻهو واپس آيا آهن.

ڀائرو! اسپيشل ٽرين ۾ گهڻو ڪري سڀ ماڻهو مفلس بي سروسامان هئا. گهڻن کي ته پورا لٽا به بدن تي نه هئا. اهڙن ماڻهن کي جيڪڏهن ٽڪيٽ نٿي ڏنيسون ته سخت رنج ٿيا ٿئي، ۽ چيائون ته هجرت ڪا شاهوڪارن لاءِ آهي ڇا؟ اسان انهن کي روڪڻ مناسب نه سمجهيو... هجرت ڪميٽي کي پيسا ڪونه هئا، ٽڪيٽون تمام ٿورن ماڻهن پنهنجن پيسن مان خريد ڪيون. ٽڪيٽن ۽ چندن مان ٽن هزارن کان گهٽ پيسا وصول ٿيا. ساڍا ٽي هزار رپيا ڪميٽي قرض ورتو. باقي اٽڪل ساڍا اٺ هزارن مان پنهنجي جيب مان خرچ ڪيا. ڪل اسپيشل ٽرين تي 14528 رپيا خرچ ٿيا. آخر هتان روانا ٿياسين، واٽ تي مهاجرن جي اهڙي مرحبا ٿي جو ڪنهن جي ڪاڻ تي هوندي. اسپيشل ٽرين جي هر هڪ مهمان وٽ ڪير جا دلا، انبن ۽ ٻين ميون جا ٽوڪرا ۽ ٻوڙ پُلاءَ وغيره جي ڪمي ڪانه هئي. پشاور تائين هر هڪ اسٽيشن ني گهڻو ڪري مهاجرن جي کاڌي پيتي جو انتظام ڪيو ويو هو. قصو ڪوتاهه وڃي پشاور ۾ پهتاسون. اتي جي ماڻهن مهاجرن جو اهڙو استقبال ڪيو جو ڪٿي ڪنهن بادشاهه جو به نه ٿيو هوندو. رستي ۾ اٽڪل اٺ هزار رپيا مهاجرن جي امداد لاءِ مليا جي هن ريت خرچ ڪيا ويا:

مهاجرن لاءِ 53 بيل گاڏيون، هر هڪ جو ڪرايو 120 رپيا، ڪل ڪرايو 640 رپيا ڏنو ويو. انهن کان سواءِ بگيون، هر هڪ جو ڪرايو 150 رپيا، ڪل ڪرايو 1500 رپيا، جملہ 6400 رپيا گاڏين ۽ ٽانگن کان سواءِ ٻيون شيون مهاجرن جي ضرورت لاءِ ورتيون ويون. واٽ ۾ پيادن لاءِ ڪافي گڏهه ۽ خچر هٽ ڪيا، انهن جو خرچ ۽ رستي ۾ مسافرن جي کاڌي پيتي جو بندوبست مون پنهنجي کيسي مان ڪيو جنهن جي لسٽ مان پيش ڪرڻ نٿو گهران... پشاور کان اڳتي مهاجرن کي ڪجهه تڪليف ٿي جو گرمي هئي، رستو واريءَ ۽ جبل جو هو.

افغانستان جي حد ۾ قافلي جي افغاني ماڻهن، پنهنجي وسعت آهر چڱي خدمت ڪئي. هڪ منزل تي سرڪاري نوڪرن پيسن تي ماني ڏني پر انهي لاءِ هنن جلد اچي معافي ورتي ۽ پيسا واپس ڏنائون، جو مٿان آفيسرن جي سختي ٿين. ڪن هنڌن تي سرڪاري بندوبست نه هو، اتي افغانستان جي ماڻهن ضروري شيون پيسن سان موجود ڪري ڏنيون، جنهن وقت جلال آباد پهتاسون ته اٽڪل پندرهن ڄڻا اتان واپ ـ ٿيڻ لڳا، بغير ڪنهن سبب جي، ۽ اٽڪل هڪ سؤ سنڌي مهاجر جلال آباد ۾ فوجي نوڪريءَ ۾ بيٺا هئا. جن کي حڪومت افغانستان ٻن مهينن جون اڳواٽ پگهارون ڏنيون، پر گهڻا انهن مان ڀڄي آيا ۽ پگهارن وارا پيسا به کڻي آيا. جلال آباد کان ڪابل روانا ٿياسين، رستي ۾ ڪي بگيون ۽ بيل گاڏيون ڀڄي پيون، تن جا ماڻهو ٻين گاڏين ۾ تقسيم ڪيا ويا. ڪن کي گڏهه ۽ خچر سواري لاءِ ڪرايا ڪري ڏنا ويا ۽ ڪن پيادن کي افغانستان سرڪار گهوڙا عطا ڪيا هئا. هتي اسان ٻڌو آهي، موٽي آيلن، ظاهر ڪيو آهي ته واٽ ۾ ڪيترا ماڻهو مري ويا. ڪن کي درياءَ ۾ لوڙهيو ويو، ڪن کي باهه ۾ ساڙيو ويو. اهو سمورو ڪوڙ آهي. رستي ۾ پنڌ اسان جي قافلي ۾ فوت ٿيا هئا، انهن کي به ٻکي جي شهر ۾ دفن ڪيو ويو. ڪابل تائين سنڌي قافلي مان، هڪ عورت فوت ٿي هئي جا گاڏي تان ڪري پئي هئي.

جڏهن ڪابل پهتاسين. اسان جون خوب دعوتون ٿيون. امير صاحب جي حڪم موجب ڪابل ۾ مهاجرن کي هڪ ڏينهن کان وڌيڪ رهڻ جي موڪل ڪانه هئي. اعلان موجب سڀني کي جبل السراج وڃڻو هو پر اسان جي سنڌي مهاجرن جبل السراج وڃڻ کان انڪار ڪيو. اتي گهڻا ماڻهو شرير نظر آيا جن جو خاص ڪم ماڻهن کي برغلائڻ ۽ امير صاحب جي حڪم جي انحرافي ڪرڻ هو. اجا اسان جو قافلو ڪابل ۾ هو ته يڪدم پيا هزارين مهاجر اچي پهتا ۽ ان وقت اٽڪل هڪ لک ٽيهه هزار مهاجر افغانستان جي سرحد ۾ داخل ٿي چڪا هئا. اهي ماڻهو گهڻو ڪري بي سرو سامان هئا ۽ هڪ هڪ قافلي ۾ سئن ويهن ۽ ٽيهن ٽيهن هزارن جي انداز ۾ ماڻهو هئا. انهن جو انتظام رستي ۾ يا خود ڪابل ۾ پوري طرح ٿي نه سگهيو، تنهنڪري امير صاحب مهاجرن جي تقسيم جو خيال ڪيو. مگر جهڙي طرح امير صاحب فرمايو، اهڙي ريت ماڻهن نه مڃيو. سنڌي مهاجرن چيو ته اسان قنڌار وينداسون. سرحد وارن چيو ته اسان سرحد جي ويجهو رهنداسين. امير صاحب فرمايو ته قنڌار يا سرحد ۾ ايتري سرڪاري زمين ڪانه آهي جو مهاجرن جو بندوبست ٿي سگهي ۽ نه وري ايترن ماڻهن جي رهائش جو انتظام ٿي سگهندو. سڀني مهاجرن ترڪستان جي طرف وڃڻ کان انڪار ڪيو. امير صاحب جي حڪم موجب مهاجرن جي انتظام لاءِ هڪ ”انجمن مهاجرين“ مقرر ڪئي وئي. انجمن، مهاجرن جي انتظام لاءِ ڪوشش ڪئي، ڪيترا قلعا، ماڻهن جي رهائش لاءِ خالي ڪرايا ويا. امير صاحب، متفق فيصلو ڪيو ته سڀني مهاجرن جو بندوبست ترڪستان ۾ ڪيو وڃي. اهڙي انجمن مهاجرين اعلان ڪيو ته جي مهاجر سندس مهمان ٿي رهن ته اهي ترڪستان وڃن، انهن جو هر طرح امداد ڪيو ويندو. جي مهاجر مهمان ٿي نه رهن ته انهن کي به اجازت آهي ته ڀلي رهن. مگر جي ماڻهو اهي ٻئي ڳالهيون منظور نه ڪن ۽ انهن جي مرضي هجي موٽي وڃڻ جي يا ٻئي جڳهن پاسي وڃڻ جي، ته انهي لاءِ به انهن کي اجازت آهي ته ڀلي وڃن.

## مهاجرن جي پردي ۾ شرارتي ماڻهو:

آءٌ هن جاءِ تي عرض ڪندس ته مهاجرن جي پردي ۾ جيڪا خلق، افغانستان ۾ گڏ ٿي، سا ٽِن قسمن جي هئي. هڪڙو ٽولو خاص شرير ۽ شيطان ماڻهن جو هو. ٻيو ٽولو انهن ماڻهن جو هو، جن کي تماشبين چئجي، ڪابل ۾ نڪي بد پيشه عورتون هيون، نه ڪو هو ڪو ناٽڪ ۽ ٻيو تماشو، جنهن سان اهڙن ماڻهن جي رهاڻ ٿئي، انهن کي افغانستان ۾ هڪ ويراني نظر آئي. ٽيون ٽولو انهن ماڻهن جو هو جنهن کي ضعيف الايمان چئجي يعني ته جن کي ڪا ٿوري تڪليف آئي، ته برداشت ڪري نه سگهيا، انهن ٽنهي قسمن جا ماڻهو، واپس ٿيڻ لڳا. چوٿون ٽولو اهڙو به هو جن جو ايمان ڪامل هو. اهو اڃا سوڌو افغانستان ۾ موجود آهي.

هت ٻڌڻ ۾ آيو ته واپس آيلن ماڻهن گهٽيون ڳالهيون ڪيون آهن ته پناهه ڪيترن مهاجرن جون زالن کڻي ويا آهن ۽ پاڻي به بها سان ٿي مليو. مگر اهي ڳالهيون سڀ ڪوڙ آهن. پاڻي ته اتي تمام گهڻو آهي جو خريد ڪرڻ جو ضرور ڪونه آهي، اڃا هزارين مهاجر اتي آهن جن سان اهڙي هلت ٿئي ها ته جيڪر سڀئي موٽي اچن ها. امير صاحب جيڪو اعلان ڪيو هو ته هر هڪ مهاجر کي زمين، جاءِ ۽ ڪلاڏي لاءِ اٽو ڏنو ويندو. سو مهاجرن کي برابر پئي مليو. اسان جا سنڌي گهڻا جبل السراج ڏي ته ڪي ترڪستان ڏانهن به ويا، ڪجهه ڪابل ۾ به رهن ٿا. جن لاءِ هر طرح جو بندوبست آهي. اهو سچ آهي ته افغانستان شاهوڪار ملڪ نه آهي، اتي ايتري تعليم نه آهي اتي ايترو سامان عيش راحت جو نه آهي. هو هڪ جابلو ملڪ آهي اتي ماڻهو فقط ٻه ڳالهيون ڄاڻن. هڪ جنگ ڪري ڄاڻن، ٻيو تڪليف برداشت ڪري سگهن. اتي شرعي حڪم جاري آهي. چورن جون ٻانهون ڪپي ڇڏيون آهن. زاني کي سنگسار ڪندا آهن. نماز جي پابندي چڱي طرح آهي. آب هوا هندستان کان بلڪل مختلف آهي. اهي ڳالهيون اهڙن مٺين ماڻهن کي بلڪل پسند نه آيون. ازان سواءِ انهن ماڻهن نوڪري قبول نه ڪئي، نه وري زمين آباد ڪرڻ قبول ڪئي. موٽي آيل ماڻهن مان گهڻا اگرچه امير صاحب ۽ افغانستان گورنمينٽ جي شان ۾ ظاهر ظهور بد لفظ ڳالهائڻ لڳا ته به افغان گورنمينٽ ۽ افغان انهن کي تنبيهه به ڪانه ڪئي. چاڪاڻ ته امير صاحب جو حڪم هو ته مهاجرن سان ڪنهن به قسم جي سختي نه ڪرڻ گهرجي. جنهن

صورت ۾ اجا هزار مهاجر، افغانستان ۾ موجود آهن ۽ افغانستان سندن سڀ ضروريات پنهنجي وعدي کان مٿي پوريون نٿو ڪري سگهي. تنهن لاءِ انجمن مهاجرين فيصلو ڪيو ته هڪ وفد هندستان موڪليو وڃي جو ماڻهن کي سچي پچي واقعات مهاجرن بابت ٻڌائي. مهاجرن لاءِ جيترو ٿي سگهي ته چندو گڏ ڪن. انهي وفد جا ٻه ڄڻا هت حاضر آهيون ۽ اسان جو مقصد آهي ته جيترو ٿي سگهي جلدي چندو گڏ ڪريون ۽ اوهان کي عرض ڪريون ته جيستائين انهن مهاجرن جو بندوبست ٿئي تيستائين اوهان ٻيا بي خرچ، مهاجر افغانستان ڏانهن نه موڪليو ۽ جيڪڏهن اوهان هندستان جا مسلمان، انهن مهاجرن لاءِ بندوبست ڪري نٿا سگهو ته مجبور ٻين مسلمانن کي مهاجرن جي امداد لاءِ اپيل ڪنداسون. افسوس آهي ته جيڪي ماڻهو واپس آيا آهن، انهن بلڪل غلط فهميون پيدا ڪيون آهن ۽ اوهان کي غلط واقعات ٻڌايا مگر فرض ڪريو ته ايتري تڪليف آهي ۾ مهاجر جيڪي ٻه اوڏانهن ويا هئا، اهي تڪليفون سر تي سهي، انهن کي برداشت ڪرڻ لاءِ سنيري ويا هئا. اٿين نه آهي ته هو مزا ماڻڻ يا تخت تي ويهڻ ويا هئا. ڪو سفر اهڙو نه آهي جنهن ۾ سختي نه آهي جي موٽي آيا آهن، تن اهو فرض ادا نه ڪيو، نه وري اسان انهن کي مهاجر ڪوٺي سگهنداسين. تنهنڪري انهن جي واهيات ڳالهين جو اوهان خيال نه ڪندا[20]."

**هندستان جو سفر ۽ واپسي:**

جان محمد جوڻيجو ڪجهه ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ رهي، آڪٽوبر 1920ع جي وچ ڌاري پنهنجي ساٿين سان هندستان روانو ٿيو. ان وقت علي ڳڙهه ۾ مولانا محمد علي جوهر شاگردن کي ترڪ موالات لاءِ تيار ڪري رهيو هو. جان محمد جوڻيجو، علي ڳڙهه پهچي، مولانا شيخ الهند محمود الحسن جي هڪ جلسي ۾ پڻ شريڪ ٿيو. هن مولانا محمد علي 'جوهر' سان گڏ ڪيترن شهرن جو پنهنجي انجمن جي مقصدن کي واضح ڪرڻ لاءِ دورو ڪيو. هو الله آباد ۾ ڪانگريس جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ وري لاڙڪاڻي موٽي آيو.

لاڙڪاڻي ۾ ترسيل هو ته ڪيس سنڌ جي جيڊيشل ڪمشنر جو هڪ نوٽس مليو. جنهن ۾ لکيل هو ته: "هو جيڪب آباد خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي ڪيل تقريرن متعلق 4 ڊسمبر 1920ع ڪراچي اچي وضاحت پيش ڪري" جان محمد جوڻيجو جيڊيشنل ڪمشنر وٽ وڃڻ بجاءِ ڪيس جواب موڪلي ڏنو ته:

"جيڪب آباد واريون تقريرون اخبارن ۾ اڳئي ڇپجي ويون آهن. جن جو اختصار مون ڏانهن موڪليل اختصار سان نٿو ٺهڪي اچي. مون هن باري ۾ جواب سيشن جج لاڙڪاڻي جي معرفت اڳي ڏياري موڪليو هو جو بروقت مون کان پڇيو ويو هو. سي برابر سچيون آهن. مان روبرو حاضر ٿي نٿو سگهان ڇو ته مان افغان رعيت آهيان. روبرو حاضر ٿيڻ لاءِ جيڪڏهن مون ڏانهن سينٽرل خلافت ڪميٽي بمبئي يا جا مهاجرين جي انجمن آهي. ان جي معرفت حڪم ايندو ته پوءِ اچي سگهان ٿو، نه ته نه[21]."

**ناگپور ڪانگريس:**

جان محمد جوڻيجو لاڙڪاڻي مان پنهنجي گهران ڊسمبر 1920ع ۾ ناگپور آل انڊيا خلافت ڪانفرنس ۽ آل انڊيا ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو. اتي طبعيت خراب هئڻ ڪري سنڌ ڪيمپ ڇڏي، مولانا محمد علي ۽ ڊاڪٽر مختيار احمد انصاري وٽ وڃي ترسيو. هو صحت جي خرابي باوجود ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ خلافت ڪانفرنس جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو رهيو. ناگپور مان هو بمبئي مرڪزي خلافت ڪميٽي جي ڪارڪنن مان ملاقات ڪري مهاجرن جي سند لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. نتيجي ۾ خلافت ڪميٽي هڪ لک رپيا مهاجرن لاءِ ڏيڻ جو وعدو ڪيو. جن مان 50 هزار رپيا ڪابل روانا ڪيا ويا. جان محمد جوڻيجي اتان واپس لاڙڪاڻي ورڻ بعد ٻيهر ڪابل وڃڻ لاءِ تياريون شروع ڪيون.

**ڪابل ويندي پشاور ۾ روڪڻ:**

جان محمد جوڻيجو 15 جنوري 1921ع تي لاڙڪاڻي مان روانو ٿي، 17 جنوري تي پشاور پهتو، اتي صوبي جي چيف ڪمشنر ۽ سرحد جي ڪمشنر ڪيس ڪابل وڃڻ کان روڪيو، ڪيس 20 ڏينهن پشاور ۾ گذري ويا. پشاور جي ماڻهن احتجاجي جلسو ڪيو. جنهن ۾ جان محمد جوڻيجي فارسيءَ ۾ تقرير ڪئي. جنهن جو

ترجمو عبدالجليل ڪندو ٿي ويو. تقرير جو متن ڪجهه هن ريت هو:

"اسان مهاجر مسافر آهيون. انگريز رعيت نه آهيون... اسان جو وطن افغانستان آهي ۽ اسان رعيت به امير صاحب جي آهيون. هاڻي هندستان هميشه لاءِ رهڻ اسلام جي برخلاف ۽ حرام ڄاڻو ٿا... حضرات! خلافت جو ميمبر ٿيڻ هن حڪومت جي نظر ۾ هڪ وڏو گناهه آهي. مگر اسان لاءِ فخر آهي."

آخر پشاور جي ڊپٽي ڪمشنر، هڪ نوٽس ذريعي جان محمد جوڻيجي کي هڪدم پشاور مان نڪري وڃڻ لاءِ چيو، جان محمد جوڻيجو ڪجهه عرصو لاهور ۾ رهي، مارچ 1921ع ۾ لکنو اوڌ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿي پوءِ ان ڪانفرنس ۾ به هن فارسي ۾ تقرير ڪئي. جنهن جو لب لباب هو ته:

"اٽڪل 5 مهينا ٿيندا جو انجمن مهاجرين ڪابل جي طرفان مهاجرين هندستان جي امداد لاءِ چندو گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ وفد منهنجي سرڪردگيءَ ۾ هندستان ۾ آيو آهي. هتان پنجاهه هزار رپيا مرڪزي خلافت ڪميٽي بمبئي جي طرفان امداد طور عطا ٿيا آهن، جي وصول ڪري انجمن مهاجرين ڪابل ڏانهن روانو ڪيا ويا آهن. هاڻي اسان جو پنهنجي وطن ڪابل موٽي وڃڻ جو ارادو آهي ۽ برابر هڪ مهينو ٿيندو جو پريشان آهيون. مگر جي حڪومت اسان کي سرحد پار ڪرڻ جي موڪل نه ٿي ڏئي. وڌيڪ ناحق هي آهي جو مون کي سرحد صوبي مان هن حڪومت نيڪالي ڏني آهي.

حضرات! ساري روءِ زمين جا مسلمان خلافت جا ميمبر آهن ۽ منهنجي خيال ۾ ته جو مسلمان خلافت جو ميمبر نه آهي. اهو مسلمان ٿي نه آهي... اسان کي سارو يورپ حوالي ڪري ڏين ته به اسان خلافت جي غلامي ڇڏي نٿا سگهون. خلافت جي خدمت ٻنهي جهانن جي سعادت ۽ رُوءِ زمين جي بادشاهي کان بهتر ۽ عزيز آهي. ڪالهه افغانستان ۾ آزاد ۽ خوشحال هئاسين ۽ اڄ هت قيد فرنگ ۾ دوستن جي جدائي ۾ اڌ مئل نانگ وانگر وڪڙ کائي رهيا آهيون."

جان محمد جوڻيجي ان تقرير دوران ئي افغانستان جي امير امان الله کي مخاطب ٿي گذارش ڪندي چيو:

"سڀ کان اول ته هيٺين ٻن سوالن تي غور ڪرڻ ضروري آهي:

1. هن وقت ۾ حڪومت برطانيه سان دوستيءَ جو رستو رکڻ مصلحت آهي ڇا؟
2. اها دوستي افغاني قوم ۽ دنيا جي قومن جي آزادگي لاءِ مفيد آهي ڇا؟

هن وقت برطانيه سان دوستي رکڻ بدترين غلامي آهي ۽ شريعت موجب ناجائز. ڇاڪاڻ ته هن وقت هندستان ۾ ترڪ موالات جي هل چل نهايت سرگرميءَ سان جاري آهي ۽ اهڙي طرح آئرلينڊ ۾ فساد ڪڙو ٿيل آهي. مصر ۽ عراق عرب ۾ پڻ بي آرامي آهي. قومي ڌر وارا ترڪ، ڪو ملڪ ڪونه ڪيو وينا آهن... جيڪڏهن افغانستان ۽ سرحدي قبيلا مخالفت ڪن ته گهڻو گوڙ ٿي پوي."

ڇو جو ان هلندڙ خلافت تحريڪ دوران ئي افغانستان جي امير امان الله جو انگريزن سان معاهدو ڪرڻ تي خلافت تحريڪ ۽ ٻين تحريڪن کي ڪافي نقصان پهتو هو. "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو" ۾ آهي ته:

"رئيس المهاجرين، جان محمد جوڻيجي جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌي مهاجر ڪابل جي شهر ۾ پهچي ويا پر افسوس جو مسلمانن ۾ قوم جا غدار به هئا. انهن انگريزن سان سازباز ڪري ڪين خبردار ڪيو. جنهن جي انگريزن هڪدم افغانستان جي خودمختياري تسليم ڪري تڪڙ تڪڙ ۾ امير امان الله سان صلح ڪري ورتو. صلح جو هڪ شرط اهو به هو ته هندستان مان آيل مهاجرن کي پناهه نه ڏني ويندي، ان ڪري صلح بعد جلدئي پناڻن، سنڌي مهاجرن سان بدسلوڪي شروع ڪري ڏني. آخر ويچارا ڏاڍين تڪليفن کان پوءِ دربدر ٿي اچي پنهنجي وطن پهتا. مولانا امروٽي جو قافلو نمبر ٻيو، اڃا تيار ٿيڻ تي هو ته هو ان کان اڳ ئي هجرت تحريڪ ختم ٿي وئي. پناڻن جي اهڙي نازيبا ۽ نامناسب هلڻ تي امروٽي صاحب کي ڏاڍو صدمو پهتو[22]"

ڊاڪٽر حميده کهڙو لکي ٿي ته:

خلافت ۽ هجرت تحريڪ جي باري ۾ پڙهندي اهو به محسوس ٿئي ٿو ته خلافت ۽ هجرت تحريڪون هڪ جذباتي، رومانوي ۽ تخيلاتي تحريڪون هيون. ان دور ۾ انگريز سرڪار کان جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ غير فطري ۽ غير حقيقي رستو اختيار ڪيو ويو. جنهن تحت پنهنجي ئي جنم ڀوميءَ کي جنهن جيجل جي هنج ۾ ماڻهو ٻانبڙا پائي وڏو ٿيو هجي، ان کي رڳو هڪ فتوا ذريعي ”دارالحرب“ قرار ڏنو وڃي. صرف ترڪي جي خليفي جي بحاليءَ لاءِ پنهنجي ابن ڏاڏن جون ملڪيتون تين وال ڪري، پنهنجا گهر، ترَ ۽ ويڙها ويران ڪري لڏو ڪلهي تي رکي هڪ اڻ ڄاڻ ۽ اڻ ڏٺي ديس ۾ وڃي ڌڪا ٿاٻا کائجن، اها دانشمندي نه هئي.

ان رومانوي تحريڪ دوران ٻارن ٻچن جا رولڙا پنهنجي جاءِ تي، پوليس جو مار موچڙو ۽ رهزنن جي ڦر مار، جيل خانن جي ڪال ڪوٺڙين کان سواءِ سوين شاگرد پنهنجون پڙهايون ڇڏي ڏنيون جيڪي ويچارا نه دين جا رهيا، نه دنيا جا.

ان تحريڪ ڪري سڀ کان گهڻو نقصان اسان جي سنڌ جي سادن سٻاجهڙن ماڻهن جو ٿيو. جان محمد جوڻيجو جهڙو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو جذبات جي وهڪري ۾ وهي هتان جي ڪيترن مسڪين ماڻهن کي سبزباغ ڏيکاري، ريل تي چاڙهي افغانستان جي سنگلاخ ٻهاڙن ۾ وڃي سنگدل ماڻهن جي حوالي ڪري آيو. جان محمد جوڻيجي پوءِ اتان جو اڻسهائيندڙ حالتون ڏسي، انهن جي مدد لاءِ وتي پيو چندا ڪندو، ايتري قدر جو ان دربدريءَ دوران هندستاني ماڻهن جي بي رخي ڏسي، پاڻ به دل- برداشته ٿي ديارِ غير ۾ ئي دم ڏنائين يا ماريو ويو. بهرحال اڳتي هلي مسلمان توڙي هندن جي مذهب جي آڙ ۾ انگريزن خلاف هلايل هلچل هندستان جي سياست تي ڪافي منفي اثر وڌا. جيئن ڊاڪٽر حميده کهڙو لکي ٿي:

”گانڌي جي انهن عوامي تحريڪ جا ملڪي سياست تي تمام منفي اثرات پيا. مذهب جي سياست ۾ داخل مسئلن جي سچي سڃاڻ نه ڪرڻ ڏني. گانڌي ۽ خلافتن جي زبان مذهبي هئي. جنهن مستقل ۾ سياست کي مذهبي ڪري سيڪيولرازم کي ڪمزور ڪري ڇڏيو. رام رواج، سدا راج، وندي ماترم جهڙا ترانا ۽ ان سان گڏ دارالحرب ۽ دارالاسلام وارا نظريا تمام حساس هئا. اهي لفظ ۽ نظريا ماڻهن جي دماغ ۾ ويهي ويا ۽ مذهبي بنيادن تي سياست شروع ٿي وئي. ان جي نتيجي ۾ 1920ع کان 1930ع واري ڏهاڪي ۾ مذهبي نفرت ۽ فساد شروع ٿي ويا. انهن تحريڪن جي ٽڪراءَ جو اثر مذهبي فرقن ۽ لاڳاپن تي به برو پيو(25).“



لاڙڪاڻي ۾ بئريسٽر جان محمد جوڻيجي جي نالي سان منسوب روڊ

اها حقيقت آهي ته سياست ۾ بيجا مذهب جي استعمال ڪري سيڪيولر ۽ روشن خيال قوتون پوئتي هٽنديون ويون. آهستي آهستي هن خطي ۾ انتها پسندي پاڙون پختيون ڪندي وئي. جنهن آخر ۾ وڃي هندو- مسلم نفرت جو روپ اختيار ڪيو. ان نفرت جي بنياد تي ئي برصغير جو ورهاڱو ٿيو.

***

جان محمد جوڻيجي سان هجرت واري قافلي هڪ شاعر ”شيرل“ به شريڪ هو. جنهن ان هجرت جي باري ۾ شاعري ڪئي آهي.

هي بيت ”شيرل“ جي شعر جي ڇپايل چوپڙي ’عشق جو رسالو نينهن ۾ نرالو‘ عرف ”فراق نامو حسيني“ تان ورتل آهن.

جان محمد جوڻيجو، سورهيه سامايو،
راضي تنهن تي رب ٿيو، تنهن کي واحد وڌايو
سخي هو سخاوت ۾، ڪيائين روح اندر رايو،
ڳالهه اها ڳايو، مرد ٿنهن ملوڪ جي.

*

جي عهدي تي پهتو. جتان 1948ع ۾ اتان رٽائر ڪيائين، ڪيس سير سفر ۽ دنيا گهمڻ جو شوق هوس. ان ڪري فرانس، جرمني، بيلجم، انگلينڊ، سعودي عربيه ۽ ڪي ٻيا ملڪ به گهمي آيو هو. فوٽ بال ۽ ٽيبل ٽينس راندين سان بيحد چاهه هوس. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي اباڻي شهر جي اباڻي گهر 'حبيب آرام گاهه' ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو.

قاضي جان محمد جي نظرداريءَ ۾ اسڪول ترقي ڪندو رهيو هو. چيئرمن جي حيثيت سان هر لحاظ سان پنهنجي نميواري سرانجام ڏيندو رهيو. ان کان علاوه قاضي صاحب "مسلم ليبر رليف ڪاميٽي" جو چيئرمن هو. شڪارپور جو هي قابل فخر تعليمي ماهر 1- آگسٽ 1954ع تي مطابق 1- ذوالحج 1373ھ تي آچر ڏينهن شڪارپور ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات تي ماهوار "اخبار تعليم" حيدرآباد جي آگسٽ 1- سيپٽمبر 1954ع جي پرچي ۾ هن طرح خبر شايع ٿي:

"هيءُ المناڪ خبر ڏاڍي صدمو پهتو ته:
جناب قاضي جان محمد صاحب رٽائرڊ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر 1- آگسٽ 1954ع تي هن فاني دنيا کي الوداع ڪيو.
انا الله وانا اليه راجعون."

مرحوم قاضي صاحب جن جي آخر تائين تعليم سان دلچسپي قائم رهي ۽ پاڻ پينشن جي وقت به شڪارپور نيوايرا هاءِ اسڪول جي مئنيجر جا فرائض بجا آڻيندا رهيا. پاڻ شڪارپور جي هڪ مقتدر هستي ۽ زميندار هئا.

اسان جي درگاهه الاهيءَ ۾ دعا آهي ته شال مرحوم روح کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ملي ۽ سندن پونئرن کي صبر جي توفيق عطا ڪري.

وفات وقت قاضي صاحب جي عمر پنهجٽ سال، اٺ مهينا ۽ ٻارهن ڏينهن هئي.



لاڙڪاڻي مدرسي جي استادن ۽ شاگردن جي هڪ تاريخي ۽ يادگار تصوير، وچ ۾ ڪاري ٽوپيءَ ۽ ٽاءِ سان قاضي جان محمد صاحب ويٺل آهي

ڊاڪٽر ممتاز علي ڏنگراڃ

# خلافت تحريڪ جو مخالف ڪردار- مولانا فيض الڪريم سانڊائي

1919ع ۾ جڏهن پهرين مهاڀاري جنگ ختم ٿي ته هندستان ۾ سياسي هلچل طور ترڪيءَ جي خلافت جو مسئلو پيدا ٿيو. برصغير جي مسلمانن انگريز سرڪار خلاف تحريڪ تيز ڪئي ۽ هنن فتويٰ جاري ڪئي ته ترڪيءَ واري بادشاهه جي خلافت، خلافت اسلامي آهي ۽ اسلامي سوچ مطابق صحيح آهي. هن تحريڪ کي زور وٺرائڻ ۾ مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، مولانا تاج محمود امروٽي، پير رشدالله جهنڊي واري اهم ڪردار ادا ڪيو(1). جنهن ڳالهه انگريز سرڪار کي تمام گهڻو پريشان ڪيو.

تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ انگريز سرڪار جي پڳهاردار، مسلمان ڪمشنر مولانا فيض الڪريم سان ملاقات ڪئي ۽ ملاقات ۾ معاملا طيءِ ڪري پوءِ انگريز سرڪار جي اهم شخص مسٽر لارينس سان مولانا جي ملاقات ڪرائي. ملاقات ۾ هيءُ طيءِ ٿيو ته مولانا فيض الڪريم ڪتاب لکندو جنهن ۾ ترڪيءَ جي خليفي کي محض جڙتو خليفو ڪري ثابت ڪندو ۽ پڙهندڙن ۾ هيءُ تاثر پيدا ڪرائيندو ته ترڪيءَ جي خلافت، اسلامي نظريہ مطابق خلافت نہ آهي، پر هيءَ هڪ حڪومت آهي جنهن کي جيڪڏهن ڪو ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته اسلام لاءِ ڪابہ نقصان ڪار ڳالهه نہ آهي، ۽ نہ وري مسلمان ان ڳالهه لاءِ ڪا پريشاني ڪن ۽ نہ وري ڪو اُن کي بچائڻ لاءِ حل هنگامو ڪن. مولانا صاحب لکڻ کان سواءِ تقريري مهم بہ شروع ڪندو ۽ مخالفن سان بحث مباحثي لاءِ پڻ تيار رهندو ۽ انگريز سرڪار بدلي ۾ مولانا کي 400 ايڪڙ زمين ۽ آبڪاري ڪاتي ۾ سندس اولاد کي ڪا سٺي نوڪري بہ ڏيندي.

مولانا اڳي ئي خلافت جي حمايتي پيرن ۽ مولوين تي سڙيو ويٺو هو سو دير ئي ڪانہ ڪيائين، سرجو سانگو لاهي، لاٿائين ڏڪڙ تي اٿو ۽ خلافت جي حمايتي مولوين ۽ پيرن جي مخالفت ۾ لهي پيو (2). پهرين سٽ تہ خلافت جي مخالفت ۾ ”تحقيق الخلافت“ نالي هڪ ڪتاب لکيائين ۽ هن ڪتاب تي سنڌ جي 92 عالمن ۽ بزرگن کان هڪ هڪ نوٽ لکرائي ان جي هيٺان دستخط يا مهر هڻائي، ڇپرائي عوام تائين پهچايائين ۽ عوام سامهون تقريرون شروع ڪيائين. هيءَ ڳالهه عام ٿيندي مولانا جي خلاف بلهہ بري وئي. خلافت جي حامين مولوين ۽ پيرن طرفان هيءَ ڳالهه عام ٿي تہ مولانا ترڪيءَ جي مخالفت ڪري اسلام دشمنيءَ جو اظهار ڪيو آهي، تنهڪري مولانا کي جتي بہ ڏسو تہ ماريوس.

اهڙي ڳالهه عام ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جا عالم ۽ پير پنهنجي دستخطن تان ڦري ويا (3) ۽ مولانا روپوشيءَ جي زندگي اختيار ڪئي جيڪا 1920ع کان وٺي 1923ع تائين جاري رهي ۽ انگريزن جيڪا خلافت جي خلاف امن سڀا ڪائم ڪئي هئي، مولانا ان جو بہ سرواڻ سڏجڻ لڳو. خلافت جي حامين هڪ تہ مولانا جي خلاف حل هنگامو ڪيو ۽ ٻيو تہ مولانا جي ڪتاب جي جواب ۾ خلافت تحريڪ جي حامي مولانا دين محمد وفائي ”اِظهَارُ الكَرَامَة“ نالي ڪتاب لکي ڇپرائي عام ڪرايو، پر هن ڪتاب ڪو خاص اثر نہ ڏيکاريو(4).

هن مضمون ۾ پڙهندڙن جي سهولت خاطر مولانافيض الڪريم جي ڪتاب ”تحقيق الخلافت“ جو مختصر پر جامع خلاصو پيش ڪجي ٿو تہ جيئن پڙهندڙن کي هن ڪتاب جي مواد متعلق ڄاڻ ملي. ڪتاب جي اختصار ۾ هيٺين ڳالهين جو لحاظ رکيو ويو آهي:

1. حوالن جي عربي عبارتن جي بدلي ۾ سنڌي ترجمي جو مفهوم آندو ويو آهي.

2. هڪ جهڙن ٻن دليلن مان صرف هڪ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

اڪرم ﷺ جن جي هن قول تي عمل سندن زماني کان اڄ تائين هلندو ٿو اچي ته خلافت هميشه قريش وٽ رهي آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪو سوال ڪري ته بنو اميه جي دور ۾ خارجين خلافت جي دعويٰ ڪئي هئي، بني عبيد مصر ۾ خلافت جي دعويٰ ڪئي هئي، عبدالمؤمن بن تومرت به خلافت جي دعويٰ ڪئي هئي، حالانڪ اهي قريشي نه هئا ۽ ڪيترن ئي مغربي ماڻهن به خلافت جي دعويٰ ڪئي جيڪي پڻ قريش نه هئا. ان جو جواب هيءُ آهي ته: بني عبيد وارا چوندا هئا ته اسان امام حسين ؓ جي اولاد مان آهيون، تنهنڪري ڪافي ماڻهن سندن ان نسبت جي ڪري هنن جي بيعت ڪئي. انهن کان سواءِ ٻين جيترن به خلافت جي دعويٰ ڪئي انهن تي بغاوت جو حڪم آهي، اهي بي وقار آهن. مطلب ته امامت ڪبري جو منصب قريش کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به حاصل نه ٿيندو، جيستائين قريش مان ه ماڻهو به موجود هوندا.

حافظ ابن حجر پنهنجي ڪتاب 'فتح الباري شرح صحيح البخاري' جي 106 صفحي تي (جلد 13 ڇاپو مصري) لکي ٿو ته: سموري جماعت هن ڳالهه کي مڃي ٿي ته خليفو قريش مان هجي. اهل علم مان بعض چون ٿا ته قريش جي هڪ خاص پاڙي مان هجي. خارجي ۽ بعض معتزلا چون ٿا ته، خليفو غير قريشي به ٿي سگهي ٿو. امامت ۽ خلافت جو حقدار اهو آهي جيڪو قرآن شريف ۽ حديث تي عمل ڪرائي سگهي، باقي خليفو عربي هجي يا عجمي هجي، ان سان ڪو به فرق نه ٿو پوي. ابن التين جو چوڻ آهي ته جڏهن کان ثابت ٿيو آهي ته خليفو قريش مان هجي ته غير قريش واري ڳالهه تي ڪنهن کي به اعتبار نه آهي. قاضي عياض چوي ٿو ته مسلمانن لاءِ شرط آهي ته سندن خليفو قريش مان هجي. هيءُ مسئلو هاڻي اجماع سان ثابت ٿي چڪو آهي. هن مسئلي تي اڳين عالمن مان ڪنهن کان به اختلاف منقول نه آهي. تنهنڪري خارجين ۽ معتزلن جي قولن تي عمل نه ڪجي ان ڪري ته اهي مسلمانن جي خلاف آهن.

شاهه ولي الله پنهنجي ڪتاب 'حجة الله البالغه' جي 137 صفحي تي (جلد ٻيون ڇاپو مصري) لکي ٿو ته: حضور اڪرم (ﷺ) جن جو فرمان آهي ته "خليفا قريش مان هئڻ گهرجن". هن ڪري ته قرآن شريف قريش جي زبان تي نازل ڪيو ويو آهي. اڪثر جيڪي حدون ۽ جيڪي زندگيءَ جا اصول ٻڌايا ويا آهن اهي به قريش جي رواج مطابق آهن. قريش، حضور اڪرم (ﷺ) جن جي قوم آهن. اهي دين تي عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي گهڻي صلاحيت رکن ٿا، تنهنڪري خليفو قريش مان هئڻ گهرجي.

خلافت جي معاملي ۾ هيءَ ڳالهه به سمجهڻ ضروري آهي ته دنيا جا مسلمان بنواميه جي خلافت ۾ يزيد جي خلافت کي تسليم ڪن ٿا ڪن ۽ امام حسين (ؓ) کي شهيد سمجهن ٿا، جيڪڏهن قريش جي خلافت کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي خلافت قبول ڪجي ته يزيد جي خلافت صحيح مڃڻي پوندي ۽ امام حسين (ؓ) جي شهادت قائم نه رهندي.

امام ابوحنيفه (رحمه الله) جهڙي ڪامل بزرگ ۽ پرهيزگار به منصور عباسي خليفي جي مقابلي ۾ حضرت زيد ابن امام زين العابدين ابن امام حسين (ؓ) کي پاڻ به خليفو مڃيو ۽ ٻين کي اهڙي هدايت ڪئي حالانڪ منصور به قريشي هو.

هن وقت جيڪي ماڻهو ترڪيءَ جي خلافت متعلق زور ڏين ٿا، اهي مسلمانن ۾ فساد جو سبب بڻيا. هندستان جا مسلمان ٻن جماعتن ۾ ورهائجي ويندا، هڪ جماعت ترڪيءَ جي حمايت ڪندي ۽ ٻئي جماعت عربن جي طرفدار ٿيندي، اهڙي طرح مسلمانن ۾ هڪ اجايو اختلاف پيدا ٿي ويندو. ٻيو هيءُ به امڪان آهي ته ترڪيءَ وارا هن اختلاف جي ڪري حجاز شريف تي چڙهائي ڪن ۽ حرمين شريفين ۾ خون ريزي ٿئي جيڪا ڳالهه مسلمانن لاءِ نقصان ڪار آهي. هن وقت دنيا جي ڪنهن به حصي تي جيڪڏهن مسلمان خليفو مقرر هجي ته اهو حرمين الشريفين ۾ فساد نه ڦهلائيندو ۽ نه وري اهڙا حالات پيدا ڪندو جنهن سان حرمين الشريفين جي بيحرمتي ٿئي. بلڪ حرمين الشريفين ڏي ويندڙ مسافرن لاءِ سهولتون پيدا ڪندو حالانڪ ترڪيءَ جي خليفي اهڙي قسم جي ڪا به ڪوشش نه ورتي آهي جنهن سان حاجين کي سفر ۾ سهولت ميسر ٿئي، پوءِ ڪهڙي ضرورت پئي آهي ته اهڙي خلافت جي پٺ ڀرائي ڪجي ۽ مسلمانن

(56) خادم الفقراء خيرمحمد من مقام چنہ جويہ تعلقو ميروخان
(57) خادم العلماء قاضي عبدالله وينل ڳوٺ پاڳارو تعلقو رتوديرو.
(58) خادم دين فقير ڪريم بخش ساڪن ڳوٺ دودو خان پنو.
(59) محمد صديق خليفہ مدرسة الاسلام لطيفيہ حيدرآباد سنڌ تاجر ڪتب پڙ فقير.
(60) مولوي محمد ڏيرو وينل ڳوٺ ڏيرا تعلقو ڪڪڙ.
(61) مولوي محمد عمر رهنڊ ڳوٺ ملڪ تعلقو ڪڪڙ.
(62) مولوي محمد علي ڏيرو وينل ڳوٺ ڏيرا تعلقو ڪڪڙ.
(63) مولوي عبدالحق رهنڊ ڳوٺ ملڪ تعلقو ڪڪڙ.
(64) مولوي شجاع محمد ڳوٺ ٿلهو تعلقو ڪڪڙ.
(65) مولوي غلام رسول رهنڊ ڳوٺ لتو ديرو تعلقو ڪڪڙ.
(66) مولوي عبدالنبي رهنڊ لتو ديرو تعلقو ڪڪڙ.
(67) فقير محمد احسان خلف مولوي شفيع محمد قريشي ساڪن پاٽ تعلقو دادو.
(68) فقير مولوي نورمحمد شاھ ساڪن شهر سوجهرو تعلقو وارھ ضلعو قنبر- شهدادڪوٽ.
(69) فقير محمد عظيم ساڪن شهر خدادادخان پناڻ تعلقو دادو.
(70) فقير گل محمد ساڪن شهر گنهور آباد تعلقو وارھ قنبر- شهدادڪوٽ.
(71) مسڪين عبدالڪريم جلباڻي ساڪن شهر الهرڪيو جلباڻي تعلقو وارھ
(72) حقير محمد عبدالرحمٰن ابراهماڻي ٽڙي هاجران تعلقو وارھ
(73) محمد صالح ابڙو مستمد درگاھ فضل الهي از گاجي کهاوڙ تعلقو وارھ.
(74) سيد عبدالحق شاھ سڪنہ جاني بند تعلقو وارھ
(75) عبدالهادي ڳوٺ وڏيرو الله بخش تعلقو وارھ
(76) عبدالڪريم پنو مولوي معلم لاڙڪاڻو.
(77) مولوي محمد عاقل، شهر عاقل تعلقو لاڙڪاڻو.
(78) مولوي محمد بچل ساڪن لاڙڪاڻو.
(79) الفقير غلام حسين الوليدائي.
(80) مولوي تاج محمد عبدالحق سکر.
(81) مولوي مولابخش ساڪن شهر ملاآباد تعلقو ڏوڪري.
(82) غلام محمد ساڪن سونو جتوئي تعلقو لاڙڪاڻو.
(83) الحاج ابوالقاسم محمد عبدالواحد
(84) مولوي غلام عمر سونو جتوئي تعلقو لاڙڪاڻو.
(85) مولوي عبدالرحيم سونو جتوئي تعلقو لاڙڪاڻو.
(86) فقير محمد صالح شاھ سيد بخاري مقام آريجہ تعلقو لاڙڪاڻو.
(87) فقير عبدالغني عفي عنہ رڪيل تعلقو لاڙڪاڻو.
(88) سيد صالح شاھ ساڪن حيدرآباد سنڌ پيش امام مسجد شهبازي خان ٽنبو وليّ محمد
(89) محمد عثمان ساڪن داد شاھ
(90) مولوي عبدالڪريم المدرس صدر بازار ڪراچي سنہ 14 رمضان المبارڪ 1337ھ
(91) غلام رسول المتوطن في بلديہ محرابپور.
(92) هڪ نالو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي جيڪو اصلي ڪتاب ۾ 50 نمبر تي آهي.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي . ”نواب شاھ ضلعو: تاريخي شهر ۽ شخصيتون“، ص: 63، طبع: ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، 1987ع.
2. حوالو ساڳيو، ص:64
3. پير علي محمد راشدي- ”اهي ڏينهن اهي شينهن“، جلد ٻيون، ص:245 ، طبع: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1981ع.
4. سارا ايف.ڊي انصاري- ”سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ“ (سنڌي)، ص: 112، طبع: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2008ع.

ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري

# قلندر لعل شهبازؒ تي نئين سر تحقيق جي ضرورت

حضرت قلندر لعل شهبازؒ جي اسم گراميءَ کان سنڌ جو هر فرد واقف آهي، ڪيس "قلندر لعل شهباز"، "سيوهڻي سرڪار"، "سنڌڙي دا شهباز" جهڙن لقب القابن سان ياد ڪيو ويندو آهي. قلندر لعل شهبازؒ ڏانهن عقيدت جي بنياد تي ئي ڏٺو وڃي ٿو. جيڪي سماج، سياسي ۽ معاشي طرح پرسڪون نہ رهندا آهن، انهن سماجن ۾ فرد اندر يا تہ بغاوت جا جذبا ڪَرُ ڪڻندا آهن يا اهي فرد پنهنجي ورثي ۾ مليل برداشت کي سامهون رکندا آهن.

سنڌي سماج بہ اهڙي صورتحال مان اڄ بہ گذري رهيو آهي. هن ڏکوئيندڙ صورتحال دوران عام فرد روحاني سلسلن ڏانهن گهڻو راغب رهيو آهي ۽ نتيجي ۾ سنڌ اندر تصوف جي تحريڪ هڪ جاءِ تي اچي پنهنجي اصل صورت وڃائي ويني ۽ صوفي بزرگن جي پوئلڳن درگاهن کي عام جي روحاني آسودگي، شعور ۽ ساڃاهہ جي ڦهلاءَ جي بجاءِ پنهنجن ذاتي ۽ مخصوص مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. نتيجي ۾ بزرگن ڏانهن هٿ ٺوڪيون ڳالهيون/ڪرامتون منسوب ڪيون ويون، جنهن سبب اولياءِ ڪرام، صوفين ۽ بزرگن جو اصل پيغام ۽ فڪر ڏنڌ ۾ گم ٿيندو ٿو وڃي. مگر هن صورتحال ۾ مايوس ٿيڻ جي بجاءِ شعور، ساڃاهہ، سمجهہ رکندڙ فردن/محققن/اديبن/دانشورن کي پنهنجي قلم جي ڪرت سان صوفياءِ ڪرام جي زندگين توڙي انهن جي فڪر کي چنڊي ڦوڪي حقيقي رخ ۾ پيش ڪرڻو پوندو.

قلندر لعل شهبازؒ ناميارو عالمِ دين، بزرگ، روحانيت جو صاحب، اهل علم ۽ اهلِ دانش شخص هو. مگر اڄ تائين هن جي سوانح حيات، هن جي تعليم تربيت، علم ۽ فهم جا معاملا، خانداني پس منظر، سنڌ ڏانهن هجرت، سيوهڻ ۾ رهائش سميت ساڻن لاڳاپيل ڪيترائي موضوع ۽ مضمون، مستند



۽ واضح نہ ٿيا آهن. سنڌ جي مشاهيرن توڙي تاريخ بابت ڄاڻ ڏيندڙ جن بہ ڪتابن ۾ قلندر لعل شهبازؒ بابت معلومات درج آهي، افسوس سان ٿو چوڻو پوي، اها سموري معلومات گهڻي ڀاڱي تضادن سان ڀريل آهي.

ٻولي ۽ ادب جي شاگرد جي حيثيت ۾ هت مختصر طور قلندر لعل شهبازؒ بابت ڪن نُڪتن جو ذڪر ڪندس جنهن جو مقصد هن وقت تائين سيوهڻي سرڪار بابت لکيل مواد جي اهميت يا ان جي مستند هجڻ بابت اسان ڪا حتمي راءِ جوڙي سگهون.

اسان سڀ ڄاڻون ٿا تہ قلندر لعل شهبازؒ آذربائيجان جي هڪ شهر 'مروند' مان سنڌ پهتو. تاريخ جي ڪتابن توڙي مشاهيرن جي تذڪرن ۾ سندس نالو شيخ عثمان مرونديؒ لکيل آهي. تحفة الڪرام، حديقة الاولياء، تذڪره مشائخ سيوستان جي صاحبن اهو ئي نالو ڄاڻايو آهي (1).

ڪنهن بہ شخصيت بابت ڄاڻڻ وقت سندس جنم تاريخ، خانداني نسب توڙي علمي مرتبو اسان جي سامهون رهندو آهي، مگر قلندر لعل شهبازؒ متعلق اهڙي معلومات اختلافن سان ڀريل آهي، جنهن جو هت مختصر مطالعو ضروري آهي.

جي هٿيار سان ڪٺي وجي ٿي. شيخ اياز هن ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي ئي هڪ نياڻي جي جذبن، خواهشن ۽ محبتن جو احوال قلمبند ڪندي لکيو آهي ته: ”هن عورت کي اهو سنگسار ڪري جنهن نظر يا زبان سان ۽ خيال ۾ به سياه ڪاري نه ڪئي هجي. مون رڙ ڪري جواب ڏنو جنهن نه ڪئي آهي، انهيءَ کي به ڪهڙو حق آهي هي رت شب خيز آهي، پاڪيزه آهي، هر گناهه ثواب کان بالاتر آهي، هي رت عبادت آهي، ان تي هٿ کڻڻ جو ڪنهن کي به حق نه آهي، نه انسان کي نه فرشتي کي“. جمال ابڙو سندس ان ۽ لکيل بين ڪهاڻين جي تعريف ڪندي لکي ٿو ته:

”سندس شاعريءَ سبب سندس افسانه نويسيءَ جو پهلو ماڻهن کان اوجهل رهيو. مون کي موجوده ڪهاڻي نويسيءَ جو ابو سمجهيو يا سڏيو وڃي ٿو، ان ۾ اهو سهرو به شيخ اياز تي آهي. مون ڪاليج وارن ڏينهن ۾ 1941ع کان 1947ع دوران سندس ڪهاڻيون- ”سفيد وحشي“، ”ڪلٽي“ وغيره پڙهيون. جن مون تي اهڙا اڻ مٽ نقش ڇڏيا جو اڄ ڏينهن تائين اڌ صدي گذرڻ کان پوءِ به، نه مٽيا آهن. منهنجون سڀ ڪهاڻيون ۽ شيخ اياز جو هڪڙو ”مشيرنامو“(15).“

شيخ اياز جي ڪهاڻين جو مطالعو ڪبو ته انهن جا اڪثر موضوع هيٺيان نظر ايندا:

1. طبقاتي سماج جون اوڻايون 2. وڏيرن جا هارين مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ هارين جي بک ۽ بدحالي 3. سنڌي سماج ۾ عورتن سان ٿيندڙ ناانصافي. جنهن جو اندازو ڪهاڻي ”نظيران“ جي هيٺين سٽن مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ ليکڪ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”اهي عورتون جيڪي گهرن اندر رهن ٿيون ۽ مردن جي استحصال جو شڪار ٿين ٿيون پر پوءِ به درگذر ڪري صبر جو وقت گذارين ٿيون. ڪيڏي نه! عورت اندر برداشت ڪرڻ جي طاقت آهي!“

گوبند مالهي ورهاڱي کان پهرين ورتل سندس ادبي ڪاوشن خاص ڪري افسانه نويسي کي خراج تحسين پيش ڪندي لکي ٿو ته:

”اياز، ”نظيران“ ۽ ”سفيد وحشي“ جهڙيون ڪهاڻيون به لکيون ۽ ”اڳتي قدم“ مخزن به شروع ڪيائين، سنڌ ۾ انقلابي ادب جو علمبردار شيخ اياز ئي هو. هن جهونن ڳاٽ ڳٽين اديبن کي قلم کڻڻ لاءِ للڪاريو ۽ نون اڀرندڙ اديبن کي لکڻ لاءِ پڻ اتساهيو آماده ڪيو ۽ همٿايو(16).“

ورهاڱي کان پوءِ هن نئين ٺهيل ملڪ ۾ سنڌين سان جيڪي ڪجهه وهيو واپريو، ان کان هر پڙهيو لکيو ماڻهو بخوبي واقف آهي. هڪ پنهنجي هم وطن، هم زبان، ۽ هم قوميت رکندڙ ماڻهن جي لڏي وڃڻ ته ٻئي طرف وري ڌاري قوم، ڌاري تهذيب ۽ ڌاري ٻولي جي ماڻهن جي سنڌ مٿان يلغار سنڌين جي سوچ سمجهه کي منجمند ڪري ڇڏيو ته ڇا صحيح آهي ۽ ڇا غلط آهي. سنڌي قوم جي ان شڪست حاليءَ کي ختم ڪرڻ ۾ سنڌ جي باشعور پڙهيل لکيل اديبن پنهنجا قلم اڳتي وڌايا ۽ پنهنجي قوم، ٻولي، ۽ تهذيب تمدن جي تحفظ ۽ بقا لاءِ قومي سطح تي جدوجهد جو اعلان ڪيو، ڪيترائي ادبي رسالا ادبي ميدان تي نمودار ٿيا، جن ۾ مهراڻ نئين زندگي نمايان آهن. اڃا ڪجهه وقت ئي مس گذريو ته سنڌ مٿان هڪ زوردار وار ون يونٽ جي قيام جي اعلان سان ڪيو ويو جنهن سنڌي قوم جي شناخت ئي ختم ڪري ڇڏي. سنڌي پنهنجي ئي سرزمين تي بي گانه ۽ بي وس نظر اچڻ لڳا. بقول فتاح ملڪ جي ته:

”اهو وقت عجيب وقت هو جڏهن سنڌ مٿان ون يونٽ لڳو، ان کان پوءِ مارشلا لڳائي ويئي، سنڌي ٻولي کي ختم ڪيو ويو، لفظ سنڌ ڳالهائڻ تي بندش وڌي ويئي، اردو کي قومي زبان قرار ڏنو ويو، قومي نشرياتي ادارن تي اردو جو مڪمل غلبو ٿيو، سنڌ جا شهر، بندر ۽ بازارين زمينون ۽ نوڪريون سڀ ڪجهه کسجي ويو، ڇا ڇا ظلم نه ٿيو!(17)“

اهڙي گهُٽ ۽ ٻُوسٽ واري ماحول ۾ ساهه کڻڻ هڪ باشعور ذهن لاءِ گناهه جي مترادف هو. انهي ڪري ان وقت ۾ سنڌ جي مخلص ۽ محب وطن طبقي، جن ۾ اديبن، دانشورن ۽ شاعرن کان علاوه ڪجهه سياستدان ڪجهه سماجي شخصيتون ڪجهه

رياضت برڙو

# خوبصورت شعرن ۾ سمايل خيالن جي خوشبوءِ

(نالي واري شاعر نواز علي 'نياز' جعفري جي شاعريءَ بابت ڪجهه ويچار)

سنڌي شعر ۽ ادب جي تاريخ ۾ ويهين صدي عيسويءَ کي وڏي حيثيت حاصل آهي. هن صديءَ جي پهرين 50 سالن ۾، اسان کي سنڌي غزل گو شاعريءَ، مشاعرن ۽ ادبي ڪانفرنسن جي حوالي سان جنهن شهر جو نالو سڄيءَ سنڌ ۾ جرڪندي نظر اچي ٿو، اهو سنڌ جي پنج هزار سالا تهذيبي يادگار موهن جي دڙي کان ٿوري پنڌ تي وسندڙ لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو آهي. مان چاهيان ٿو، ته لاڙڪاڻي ۾ ان مشاعراتي دؤر بابت، پس منظر چٽو ڪرڻ لاءِ، نالي واري محقق پير حسام الدين راشدي جي مشهور ڪتاب "هو ڏوٽي هو ڏينهن" (1977ع) مان اقتباس ڏيان. پير صاحب لکي ٿو:

"لاڙڪاڻي ۾ سنڌي زبان جي ادب ۽ شعر و سخن جو به ڏاڍو چرچو هوندو هو، گويا ان وقت، جيستائين مسلمانن جو تعلق آهي، لاڙڪاڻي کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. 'سانگي'، 'گدا' ۽ 'قليچ' جي دؤر ۾ اهو شرف حيدرآباد کي هو، اتي اهو چهچٽو هوندو هو، جڏهن اتي مجلسان منتشر ٿيون ۽ جڏهن اها راند ڦِٽي، تڏهن لاڙڪاڻي جو وارو وريو. حيدرآباد تي جنهن وقت خزان آئي، ان وقت لاڙڪاڻي ۾ ادبي بهار جي آمد ٿي. سنڌي ادب ۽ سنڌ جي ادبي تحريڪن جو سمورو معاملو ۽ مرڪز لاڙڪاڻي منتقل ٿي ويو. 'سانگيءَ' کي خدا جنت ۾ جايون ڏئي، هميشه پاڻ وٽ شعر و سخن جي مجلس مچائيندو هو، شاعرن کي گڏ ڪري ڪائنس هر طرح غزل پڙهائيندو هو. انهيءَ مجلس کي "شعربازي" چئبو هو. مشاعري جي نالي مان اڃا ڪوبه واقف ڪونه هو. لاڙڪاڻو ٿي سنڌ ۾ پهريون شهر آهي، جتي انهيءَ طرحي شعربازيءَ جي ميڙ يا محفل کي، هندستاني طرز تي، "مشاعرو" سڏيو ويو ۽ پهريون پيرو مشاعري جا



گهڻو ڪري سيڻي آدابم سواءِ پان ۽ ٿڪدان جي، انهن مشاعرن ۾ استعمال ڪيا ويا(1)."

مشاعرن جي ابتدا 1919ع ڌاري، هڪ پنجابي وٽرنري ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقيءَ ڪئي، جيڪو اردوءَ جو سٺو شاعر ۽ اڪبرالهه آباديءَ جو شاگرد هو(2). "ڊاڪٽر صاحب مرحوم لاڙڪاڻي جي شاعرن کي گڏ ڪري اهي مشاعرا شروع ڪرايا. فقير علي محمد قادري مرحوم و مغفور ان دؤر جو پختہ مشق شاعر هو... منهنجو استاد حضرت 'خادم' لاڙڪاڻوي، پيارو ۽ مٺو دوست ميان غلام سرور قادري ۽ اسان جو مرحوم نواز علي خان 'نياز' به انهيءَ ابتدائي دؤر جا قادرالڪلام شاعر هئا. قادرين جو خاندان ۽ جعفرين جو گهراڻو زماني ۾ گويا علمي ۽ ادبي تحريڪ جو روح ۽ جان هو(3)."

زود رنجي، تلخ گوئي ڏي ڇڏي،
ڏي تون هر ڪنهن کي محبت روز شب.
(نواز علي 'نياز')

اها پيار ۽ محبت جي پرچار ڪرڻ، اسان جي سنڌ جي شاعرن جي بنيادي سڃاڻپ آهي. جنهن جو اظهار پنهنجي خاص انداز ۾ جعفري گهراڻي جي اهم پيشرو شاعر نواز علي 'نياز' مٺئين شعر ۾ ڪيو آهي. نواز علي 'نياز' جعفري (جنم: 18- آڪٽوبر 1892ع وفات: 12- نومبر 1959ع) پنهنجي وقت جو برجستو،

آزاد قاضي

# "ديوان بيدل" (از_ گدومل هرجاڻي) بابت ڪجهہ حقيقتون

(مقالي- "اڇي پڳ مَ پس... 'ديوان بيدل' جا مؤلف" جي وراڻي)

ٽماهي "مهراڻ" هڪ اهڙو تحقيقي رسالو آهي، جنهن ۾ هر ڀيري نت نئون مواد شايع ٿيندو رهي ٿو. گذريل 2011/3ع واري پرچي ۾ خبر ناهي ڪيئن اها سَهَوَ ٿي ويئي آهي، جو منهنجي هڪ مهربان جو عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ هرجاڻي گدومل واري 'ديوان بيدل' بابت اڳ شايع ٿيل 13 صفحن تي مشتمل مضمون ٻيهر شايع ڪيو ويو آهي. جنهن جو عنوان آهي: "اڇي پڳ مَ پَس... ديوان بيدل جا مؤلف (عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ گدومل هرجاڻي جي محنتن جو تنقيدي جائزو)" اهو مضمون هن کان اڳ بيدل ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مواد تي مشتمل ڪتاب بيدل-9 (2009ع) واري پرچي ۾ "ديوانِ بيدل جا مؤلف: گدومل هرجاڻي ۽ عبدالحسين شاهہ موسوي (ٻنهي مؤلفن جي محنت جو تنقيدي جائزو)" عنوان سان ڊيمي سائيز جي 22 صفحن تي شايع ٿيل آهي ۽ شايد ڪنهن ڪراچيءَ جي غير معروف پرچي ۾ پڻ ڇپرو ڪرايو ويو هو. ان مضمون ۾ جيڪو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، ان کي هر سنجهدار شخص اعتراض واري نظر سان ڏسي ٿو.

مٿي ذڪر ڪيل مضمون دراصل هڪ خاص مقصد سان لکرايو ويو هو، جنهن جي بار بار پرچار ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي ٿي. اهو مواد مون پاران لکيل ٻن مضمونن- گدومل ڪنڌ مل ۽ ديوان بيدل (شايع ٿيل بيدل-6) ۽ "ديوانِ بيدل گدومل ۽ عبدالحسين موسويءَ جو تقابلي جائزو" (شايع ٿيل بيدل-8) جي ميدان ۾ اچڻ ۽



گدو مل ڪنڌ مل هرجاڻي

گدومل جي ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيل "ديوانِ بيدل" جي نئين سر شايع ٿيڻ کان پوءِ لکرايو ويو هو. ان جي پويان خاص مقصد اهوئي هو تہ 25 ڪتابن جي مصنف/ مؤلف گدومل هرجاڻي جنهن 1940ع ۽ 1942ع ۾ ٻن حصن تي مشتمل ديوانِ بيدل شايع ڪرايو هو. جنهن تي ان وقت جي 'ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر' (هاڻوڪو سنڌي ادبي بورڊ) کيس -/500 رپيا انعام پڻ ڏنو هو ۽ ڪن عالمن کيس همت افزائي وارا خط پڻ لکيا هئا. ورهاڱي ٿي وڃڻ بعد گدومل پرڏيهہ هليو ويو، تڏهن اتي بہ صوفين واري سار هيٺ ڪجهہ ٻين ساٿين جي صلاح سان ڪليان ڪئمپ ممبئي ۾ 'صوفي ساهتيہ منڊل نالي' ادارو برپا ڪرايائين. جنهن صرف گدومل جا بيدل ۽ بيڪس جي حوالي سان ست (7) ڪتاب ڇپرا ڪيا. انهن ڪتابن مان هڪڙو ڪتاب "ديوانِ بيدل ۽ بيڪس" (گڏيل) پڻ هو. اهو هن 1960ع ۾ ڇپرو ڪيو. ان وقت تائين سنڌي ادبي بورڊ پاران صوفي بزرگن جو ڪلام شايع ڪرڻ واري اسڪيم شروع ٿي چڪي هئي. جنهن تحت عبدالحسين موسوي صاحب اداري کي ڪتاب "ديوانِ بيدل" تيار ڪري ڏنو، جيڪو




چاڪاڻ تہ: ”عقيدت جو طلسم گهٽين ڪاوشن کي ٻئي درجي جي شيءِ بڻائي وجهي ٿو. احترام جي هڪ غلط سمجهاڻي اها آهي تہ ماڻهو جيڪي ڏسي سو پنهنجي موصوف جي شان وٽان نہ سمجهي بيان ۾ نہ آڻي.“ (عشق ڪيم اظهار، ص 10)

اهڙن سوچن واري صورتحال ۾ اڪثر ماڻهو تنقيد ۽ مخالفت ۾ فرق نہ ڪري سگهندا آهن ۽ وڏي ڳالهہ تہ صوفيائي فڪر جي بنياد رواداري ۽ حقيقت پسندي وارن نُڪتن کي بہ نظرانداز ڪندي عارضي مفاد ۽ ذاتي پسند ناپسند هيٺ پنهنجي قلمي قوت ضايع ڪندا آهن. اهڙوئي معاملو گدومل جي سلسلي ۾ ٿيو آهي. گدومل کي غير منطقي حوالن ۽ خيالي دليلن سان علم کان اڻواقف ۽ سمجهہ کان وانجهيل اديب ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. عجب اهو آهي تہ ان لکت ۾ هڪ طرف گدومل هرجاڻي بابت راءِ زني ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. (مهراڻ، ص 70) ٻئي پاسي سندس شخصيت ۽ ڪردار بابت ”تنگ نظر“، ”پاڻ پڏائڻ جي بوءِ وارو“ (مهراڻ 1972ع) تحقيق کان اڻ واقف، ڪريل ذهنيت جو مظهر (مهراڻ، ص 62) جهڙا جملا استعمال ڪيا ويا آهن. اهڙي قسم جي لکڻين ۾ پنهنجي مخصوص خيالن کي تقويت ڏيڻ لاءِ فرضي قصا جوڙي انهن کي علمي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ ”ٿيو هوندو“، ”ويو هوندو“ ۽ ”ڪيو هوندو“ جهڙن مبهم جملن جو سهارو ورتو ويو آهي. دوستن جو ان ڳالهہ تي زور ڏيڻ تہ ”گدومل، موسوي صاحب واران هوبهو ديوانِ بيدل نقل ڪرڻ جي ڳالهہ لکي آهي. پر ائين ڪونهي ان ۾ تہ تبديليون ٿيل آهن“. انهن تبديلين جي بنياد تي ٿي اصل کي نقل، نقل کي اصل ظاهر ڪرڻ لاءِ ايڏو تفصيلي مضمون لکيو ويو. برابر تبديليون ٿيل آهن. اهڙي قسم جا جيڪي بہ ڪم ٿين ٿا اهي جيئن جو تيئن ڪونہ هوندا آهن، انهن ۾ ٿوري گهڻي ڦيرڦار لازمي ٿيل هوندي آهي. جنهن جو مون پنهنجي تقابلي جائزي واري مضمون ۾ مختصر طور ذڪر ڪيو آهي.

علمي ڪوتاهي گدومل هرجاڻي سوڏو ڪنهن کان بہ ٿي سگهي ٿي، ڪوبہ ماڻهو غلطين کان پاڪ ڪونهي، انهن جي نشاندهي ڪرڻ ڪا خراب ڳالهہ ڪونهي پر اها ڪيڏي نہ عجب جي ڳالهہ آهي تہ ”گدومل جو مسودو، سنڌ ۾ رهجي ويو.“ سندس بقول اهو ڦيرڦار سان 1956ع ۾ شايع ٿيو. پر گدومل وارو اهوئي مواد ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيل هو. هاڻ ڪنهن ڪنهن تان مواد ڪنيو، ان ڳالهہ جو اندازو پڙهندڙ پاڻ ئي ڪري سگهن ٿا.

صوفيائو ڪلام شايع ڪرڻ جي منع ۽ اهڙي ڪوشش ڪرڻ واري کي آيل تڪليفن جو گدومل واران تفصيل سان ذڪر ڪي ڳالهہ مان ڳالهڙو ڪرڻ لاءِ ٻي جا تنقيد جو نشانو بنايو ويو آهي. جڏهن تہ اهڙيون ڳالهيون خالص عقيدي پريي عشق سان واسطو رکن ٿيون، جنهن ۾ مشرق جا ماڻهو هوندن ٿي گرفتار آهن. مختلف


650 INDIA
Kifleel Mian
New Market
ROHRI (Sind)
Pakistan


NRNR
Deposit with Canara Bank. For attractive interest and high yield rate.
CANARA BANK
D. K. [illegible]
B-48



[illegible]



حفيظ قريشي

چريو ڪريو

جيجي سنڌيا شاھ

ڪئليندر ڪان
چورايل هڪ رات

سدرة المنتهيٰ



ميرزا دبير



بهادر ٽالپر



شبير حسين ’شبير‘

# ڪهاڻيون

ڳالهہ تہ نظرالاسلام هتي ڪئي هئي. جڏهن هو پنهنجي ڳوٺ آيو هو، تڏهن هن ٻيڙيءَ جو سير ڪندي هڪ گيت چيو هو، مون کي اهو گيت ياد آهي، امان ميگهي... گيت جهونگارڻ لڳي:

"ڌرتي تہ امڙ آهي
ماڻهو سڀ هڪ برابر آهن
سيني جا حق هڪ جيترا آهن
ڀلي ڀاڻي هجي يا نواب
ڪو نہ هيٺي کي هاڻي ڦري
ڪو نہ مسڪين تي ظلم ڪري
جل تہ جيون آ
ڌرتي امڙ آ
ماڻهو..."

ٻئي جهونگاري رهيا هئا... مون کي هو ٻئي مقدس ويلن ۾ پراڻن جهڙا سچا ۽ امر لڳي رهيا هئا.

"رات ڪٽي ويندي پر... ڌرتي جي ڏکن جون ڳالهيون نہ ڪٽنديون، ان ڪري هاڻ مهمان کي آرام بہ ڪرڻ ڏيو. ڪيس پري بہ وڃڻو آهي." اهو چئي برڪا موڪلائي اٿڻ لڳي، پوءِ سيئي موڪلائي روانا ٿيا.

رات ڏاڍي سٺي ننڊ آئي، ڪير مون کي خواب ۾ چئي رهيو هو: "پٽ تون اجا تائين سُتو پيو آهين، آءٌ چار ٻيڙا پار اُڪاري آيو آهيان"، "پٽ اُٿي نيرن ڪر..." اک پٽيم تہ ڀاڻي نيرن ڪٽي بيٺو هو...

چانورن جي مٽي ماني ڦهوي ساڻ مزو ڏنو...

برڪا جهڪي سلام ڪيو، مون ڪيس مٺي تي هٿ رکي موڪلايو، نڏڙو سانوڻ ۽ جهرنا اڃا ننڊ ۾ هئا...

ڀاڻي پتڻ تي اچي موڪلائيندي، بسرام پور جو گس ٻڌايو، جتان ڍاڪا لاءِ ٽيڪسيون ملنديون آهن...

ڀاڻي ڀاڪر ٻائي، وڏيءَ اڪير سان موڪلائي وري اچڻ جو واعدو ورتو.

چاٽگام جي جبلن مٿان ڳاڙهو سج نسري، ڌرتيءَ کي اوندهہ کان آجو ٿيڻ جي واڌائي ڏئي رهيو هو.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: ڪليات حسن-4
موضوع: شاعري
شاعر: مير محمد حسن علي خان "حسن" ٽالپر
ڇپائيندڙ: حسن ٽالپر اڪيڊمي 2011ع
سائيز: ڊبل ڪرائون
صفحا: 464

هيءُ ڪليات، ٽالپر گهراڻي جي فرد هزهائينس مير محمد حسن علي خان 'حسن' ٽالپر جي شاعريءَ تي مشتمل آهي. مير محمد حسن علي خان ٽالپر سنڌ جي آخري ٽالپر تاجدار مير محمد نصير خان ٽالپر جو فرزند هو. هو اعليٰ پائي جو شاعر هو. سندس ڪلام جو گهڻو حصو 'اهلبيت' جي شان ۾ چيو اٿس، هيءُ ڪلام، ڪليات جو چوٿون جلد آهي، هن کان اڳ 3 جلد ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

**ميرزا فتح علي بيگ 'شاهد'**
حيدرآباد

**بهادر ٽالپر**

# هڪ صبح جي ڪهاڻي

ان ڪان اڳي جو آءٌ اوهان کي هنن وڻن ٽڻن، برن باغيچن، درن ديوارن، پکين، سمندن، ڍنڍين ڍورن، جبلن ٽڪرين، شهرن جي روڊن رستن، ڳوٺن جي پٽن پيچرن، جهوپڙين لانڍين، محلن ماڙين، ميل فيميل ڪلبن ۽ بين شين سان هڪ صبح جي ڪهاڻي شيئر ڪريان پر مون کي الائي ته ڇو يقين آهي ته اها ڪهاڻي رات ۽ رات جي ڪاري وجود کان پنهنجي شروعات چاهي ٿي.

رات جيڪا رعنائي ۽ حسن به رکي ٿي. ستارن جو فراڪ پهريل اها رات ڪڏهن ڪڏهن چانڊوڪيءَ جو چولو به پائي ٿي وٺي ۽ جمالياتي حس رکندڙن کي حيران ڪرڻ لاءِ هر جتن ڪري ٿي ۽ اهڙا جتن هوءَ ان لاءِ به ڪري ٿي ته جيئن ماڻهو پنهنجا هڙئي خواب وٽس ئي گروي رکي ڇڏين... رات ڏينهو جيان ڏنگي به ٿي ته ڪن ماڻهن جي مٿن تي ڪنهن مهربان ماءُ وانگر هٿ به رکي ٿي! ان ئي رات ۾ ڪڏهن ستارا پنهنجي سموري سونهن وڃائي ويهندا آهن ۽ ان ئي رات جون چانڊوڪيون ڪڏهن ڪاراڻجي وينديون آهن...

رياست جو قانون- جنهن ۾ هڪ اُجري صبح جي دلفريب نويد هوندي آهي سو رات جو همنوا بنجي بيهندو آهي ۽ اوهان ۽ اسان سڀ پنهنجي گهر جي چار ديواري اندر سڪون جي ننڊ سمهي نه سگهندا آهيون. اکين جي آڪاس ۾ امن آشائن جا اڇا ڪبوتر اڏامندي ئي ساهه ڏئي ويندا آهن. نه رڳو ايترو پر ان رات ۾ وڏا وڏا بازيگر پيدا ٿيندا آهن.... جن زندگيءَ لاءِ پوءِ ڪڏهن به ڪا بازي هارائي نه هوندي آهي. اهي رياست جي قاعدي قانون توڙي بي هر شيءِ کي شڪست ڏيندا آهن. اهي محفلن جا اهڙا ته مور هوندا آهن جو هوند هنن بنا محفلون ئي ٻسيون ٻسيون رهجي وڃن... هونئن ته ڪيترائي ڪم ڪري سگهندا آهن ۽ انهن

تاريخ ۾ اهڙا ڪافي ڪم ڪيا به آهن جن جي ڪري هو هر وقت ۽ هر دم ياد رکيا پيا وڃن... ۽ اڳتي لاءِ به ياد رکيا ويندا... پر هنن جو وڏو "ڪارنامو" رات جي رعنائي ۽ حسن ۾ ويتر وڌيڪ اضافو ڪرڻ آهي ته جيئن ماڻهو موهجي ان رات سان گڏجي رقص ڪن! ڪهڙو اڀاڳو چاهيندو ته اهڙي رات سان رقص نه ڪري!؟ ۽ ڪهڙو سڀاڳو پوءِ چاهيندو ته ان رات کان پوءِ ڪو سُهاڻو صبح به ٿئي!؟

اهي بازيگر ڊاڪٽرن جي روپ ۾ عام ماڻهن جي مسيحائي ڪندي به ڏسبا آهن ته جيئن سندن مرض جي تشخيص ڪري ان لاءِ ڪا مناسب مرهم تجويز ڪري سگهن.... اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن جي ئي تجويز ڪيل دوا سان مرڳو سندن مرض ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي وڃي ۽ نيٺ وڃي مريضن جو موت واقع ٿئي.

اهي اٽڪلي بازيگر ڪيترين ئي اٽڪلون ڄاڻندا آهن ۽ ايئن معاشري جي برک حڪيمن جي حڪمت به سندن اڳيان هيچ بڻجي پوندي آهي. ٻن اکرين جي نڪاءَ سان هو ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪري سگهندا آهن. هو هن ڳالهه ۾ اڃا به وڌيڪ داناءَ آهن جو هو ماڻهن کي پنهنجو ديوانو بنائي ڇڏيندا آهن. سندن باري ۾ جيڪڏهن ڪو شخص ڪٿو لفظ ڪڍندو ته ماڻهو ڪيس مارڻ لاءِ به تيار ٿي ويندا....

اهي بازيگر هرويرو نائيٽ ڪلبن ۾ وڃي نازنينن جا نخرا نه کڻڻ چاهيندا آهن البت نازنينون سندن ئي درن تي پاڻ وڃي دستڪ ڏينديون آهن ۽ پوءِ اسپتالن ۾ ايبارشن جو عمل هلي يا ڄم روڪ جا ڪي اُپاءَ ٿين... انهن سان بهرحال اهڙن بازيگرن جو ڏور جو واسطو به نه ٿو هجي!!

هو فٽ پاٿن تي وينل گداگرن جي ترڻ تي ڪجهه ڏوڪڙ رکڻ ڪاڻ پنهنجي گاڏيءَ مان لهندي به دير

هن سٽريل زماني ۾ مون جي بڪ، تنهن جي بڪ کان گهٽ سولائيءَ سان مٽائي ٿي سگهجي. گهٽين ۾ گهمندي گهمندي، وڏيون سٺيون جايون ڏسي، مون سوچيندو ته اندر ڪهڙي نه سهڻي ڪمانگري هوندي، منجهن خوب صفائي وغيره به هوندي. اهڙا ڀيا به ڪيترا اوچا ۽ سڪدائڪ خيال پيا مون ۾ اڀرندا. ماڻهو جيڪي رستي ۾ گذبا، تن جو ڪپڙا سٺا سهڻا هوندا. هو ڏاڍيءَ فضيلت سان پيا هلندا، ڪنهن خاص ادا سان پاسو ڪندا هلندا، جيئن توهان جي هستيءَ جو دکدائڪ پاڇو مٿن نه پوي. سچ ته بکايل جو مون، ڍاول جي مون کان وڌيڪ قوت وارو ۽ صحتمند آهي. ان مان ڍاول جي باري ۾ به مزيدار اندازو لڳائي سگهجي ٿو!

**مئڪسم گورڪي**

سنڌيڪار: سندري اُتم چنداڻي

ڪهاڻي- ”سرءُ جي هڪ سانجهي“ تان ورتل ٽڪرو

”مهراڻ“ 2-1965/3ع، ص 113



عبدالقيوم صائب



پائو درمحمد پُرڙو

طارق عالم ابڙو...

رئوف عباسي



عبدالرزاق ڪلهوڙو

# متفرقه

پائو درمحمد پرڙو

# ”سچل سرمستؒ ۽ ان جا همعصر شاعر“ ۽ ”سچل- ساڃاهه شعور“

## (ڊاڪٽر مخمور بخاري جي تحقيقي ڪتابن جو تعارف)

”سچل سرمستؒ ۽ ان جا همعصر شاعر“ ۽ ”سچل- ساڃاهه شعور“ هي ٻئي ڪتاب تحقيق جي دائري ۾ اچن ٿا ۽ نوجوان محقق ڊاڪٽر مخمور بخاري جي تحقيق جو ثمر آهن. ڊاڪٽر مخمور بخاري تحقيق جي حوالي سان نئين ٽهيءَ ۾ هڪ نمائنده محقق آهي. سندس اصل نالو سيد رشد الله شاهه بخاري، پاڻ هالن نون جو وينل آهي. پاڻ سنڌيءَ جو ليڪچرار آهي.

”سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر“ مخمور بخاري جو پي ايچ ڊي مقالو آهي جيڪو هن ڊاڪٽر نواز علي شوق جي نگرانيءَ ۾ لکيو ۽ ڪراچي يونيورسٽي ان تي کيس فيبروري 2008ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني. ڊاڪٽر مخمور بخاري اهو پي ايچ ڊي ڊاڪٽر آهي، جنهن کي سڀ کان ننڍي عمر يعني 29 سالن ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملي.

هيءُ ڪتاب عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتي حڪومت سنڌ 2011ع ۾ حضرت سچل سرمستؒ جي 190هين عرس جي موقعي تي خاص اشاعت هيٺ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب جي قيمت 300 رپيا آهي.

”سچل- ساڃاهه شعور“ حضرت سچل سرمستؒ تي لکيل مختلف تحقيقي مقالن تي مشتمل آهي. جنهن کي مسٽر قربان منگي چيئرمن پوپٽ. پبلشنگ هائوس خيرپور آگسٽ 2011ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب جي قيمت 200 رپيا آهي.

ٻئي ڪتاب پڪي بائينڊنگ ۾ خوبصورت ٽائٽل ۽ ڪلر سان ڊيمي سائيز ۾ ڇپيل آهن. پهريون ڪتاب 352 صفحن تي ۽ ٻيون ڪتاب 143 صفحن تي مشتمل آهي. هنن ٻنهي ڪتابن تي لائق محقق جي نهايت ڪٺن محنت ۽ عرق ريزي شامل آهي. هي ٻئي ڪتاب خالص تحقيقي ڪتاب آهن. هنن ڪتابن جي تياريءَ ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ کي ڪيترن ئي ڪتبخانن ۽ شخصيتن کان استفادو ڪرڻو پيو آهي. ٻئي ڪتاب حضرت سچل سرمستؒ جي حالات ۽ واقعات سميت سندن عملي زندگيءَ جو چڱيءَ پر احاطو ڪن ٿا. هتي ٻنهي ڪتابن جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو:

### سچل سرمستؒ ۽ ان جا همعصر شاعر:

هيءُ ڪتاب پنجن بابن تي ورهايل آهي ۽ هر باب مختلف عنوانن تي محيط آهي.

پهرين باب ۾ سچل سرمستؒ جي سوانح، سلسلهٔ نسب ۽ سندن آباءَ اجداد جو ذڪر ٿيل آهي. ٻي باب ۾ سچل سرمستؒ جي دور جو سياسي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. ٽئين باب ۾ سچل سرمستؒ جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو اپياس هيٺ آندو ويو آهي. چوٿين باب ۾ سچل سرمستؒ جا همعصر شاعر، طالب، ٻالڪا، عقيدتمند ۽ دوست اڀياس هيٺ آندا ويا آهن.



پنجين باب ۾ سچل سرمستؒ جا همعصر شاعر- تقابلي اڀياس هيٺ آندا ويا آهن ۽ آخر ۾ ببليوگرافي پيش ڪيل آهي. جنهن ۾ سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزي ڪتاب رسالا ۽ 15 ڪتبخانا وزٽ ڪيل آهن.

هن ڪتاب بابت پبلشر عبدالعزيز عقيلي لکيو آهي ته:

”سچل سرمستؒ ۽ ان جا همعصر شاعر“ ڊاڪٽر مخمور بخاري جي Ph.D جي ٿيسز آهي. هن تحقيق ۾ سچل سائين جي سوانح، فڪر ۽ فن سان گڏوگڏ سندس ويجهو رهندڙ شاعرن جو تقابلي اڀياس پيش ڪيو ويو آهي، جنهن سان يقيناً سچل شناسيءَ جي حوالي سان ڪي نوان پهلو اجاگر ٿيندا.“

پيش لفظ ۾ سچل سائين جي ڪلام بابت ڊاڪٽر مخمور بخاري لکيو آهي ته:

”سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن ۾ سچل سرمستؒ بنهه منفرد شاعر آهي. هن سنڌ ۾ شاعريءَ جي اسلوب ۾ تمام گهڻي حد تائين تبديلي آندي سچل سائين نه رڳو شعر جي اسلوب ۾ تبديلي آندي پر هن سنڌي ڪافي جي گهاڙيتن ۾

پڻ تبديلي آندي، ان سان گڏوگڏ مسلسل بيت، جهولڻو، جهولڻو ڪافي ۽ گهڙولي جهڙيون صنفون به شاعريءَ ۾ مروج ڪيون.“

هن ڪتاب بابت هو لکي ٿو ته:

”سچل سرمستؒ ۽ ان جا همعصر شاعر“ درحقيقت منهنجي پي ايڇ ڊي جو تحقيقي مقالو آهي، جيڪو نامياري محقق ۽ سچل شناس پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي رهبريءَ ۾ 2007ع ۾ مڪمل ڪيو ويو.“

مجموعي طرح هيءُ ڪتاب حضرت سچل سرمستؒ، ان جي همعصر شاعرن سميت ان دور جي سياسي، سماجي ۽ علمي ادبي حالات تي تحقيق انداز ۾ گهڻي طرفي روشني وجهي ٿو. حضرت سچل سرمستؒ جي پيدائش 1739ع ۾ ٿي. هن ئي دور ۾ ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي حڪومت وارو دور هو، جڏهن ڪلهوڙن جو دور پڄاڻيءَ کي رسيو، تڏهن سچل سائين جي عمر 45 سال هئي ۽ هو ان دور ۾ علمي طرح پڪو پختو ٿي چڪو هو ۽ گڏوگڏ هن دور جي حالات جو ڪيس چڱيءَ طرح مشاهدو ۽ مطلعو هو ۽ هيءُ دور ئي سنڌي شاعريءَ جو عروج وارو دور هو. هن ئي دور ۾ سچل سرمستؒ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ انقلاب آندو. جهولڻو گهڙولي، ريختو، جهولڻو ڪافي وغيره ترقي ڪري عروج ماڻيو. حضرت سچل سائينؒ نه رڳو فڪري طور وڏو شاعر آهي پر هن سنڌي شاعريءَ جي فن ۾ وڏي وسعت پيدا ڪئي. هڪ طرف بيت، ڪافي، ڏوهيڙي، مرثيي، غزل ۽ مثنوي جهڙين صنفن کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو پر ساڳئي وقت جهولڻو، جهولڻو ڪافي، ۽ گهڙولي جهڙيون نيون صنفون به سنڌي شاعريءَ ۾ متعارف ڪرايون.

تحقيق جي فن ڪله جي ڀيٽ ۾ اڄ ترقي ڪئي آهي، اڄ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ نيٽ جو دور آهي. هن دور ۾ بين فنونن سميت تحقيق جي فن به تڪڙيون ٻرانگهون ڀريون آهن. ڪلهه اسان جا اسڪالر حضرات تحقيق جي خام مال گڏ ڪرڻ ۾ سالن جا سال لڳائيندا هئا، پر اڄ فقط نيٽ تي ويهي ڪلڪ ڪرڻ سان دنيا جي ڪنهن به خطي بابت پوري ڄاڻ ملي وڃي ٿي. ڪلهه اسان جا اسڪالر حضرات تاريخي ماڳن، مڪانن، شهرن ۽ شخصيتن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ سوين ميل سفر ڪري انهن تائين ڪهي ويندا هئا پر اڄ اهي سمورا ڪم گهر ويٺي نيٽ تان حاصل ڪيا وڃن ٿا.

تحقيق جي حوالي سان موجوده نئين ٽهي وڏي خوشنصيب آهي جو هن کي هاڻي ايڏا وڏا ڪشالا ۽ ڪشٽ ڪرڻا نه ٿا پون جيڪي ڪالهه اسان جي سينئر اسڪالرن کي درپيش ايندا هئا.

**سچل- سچائي شعور:**



هيءُ ڪتاب به ڊاڪٽر مخمور بخاري جي تحقيق جو ثمر آهي. ڪتاب تي مهاڳ خواجه فريد چيئر اسلاميه يونيورسٽي بهاولپور جي انچارج ڊاڪٽر جاويد چانڊيي صاحب لکيو آهي. هو ڊاڪٽر مخمور بخاري جي تحقيقي ڪم بابت لکي ٿو ته:

”هيءُ ڪم جيستائين ڇپبو تيستائين ڊاڪٽر مخمور سچل شناسيءَ جي واٽ تي هلي ٿو پيو. رستي مان ڏِپ ۽ ڪنڊا صاف ڪندو نوان موضوع، نوان خيال، تاريخ جي غلط فهمين جي ڌُڌڙ ڌوڙ ۾ لڪل سچائين کي صاف ۽ اجرو ڪري اسان جي آڏو پيش ڪري رهيو آهي. اهڙن نون خيالن سان ڀرپور انهيءَ جا 8 تحقيقي مضمون، جيڪي منهنجي نظر ۾ سچل شناسي ۾ ”هشت بهشت“ برابر آهن، هن ڪتاب جي روپ ۾ اسان جي هٿن ۾ آهن.“

ڊاڪٽر جاويد چانڊيي صاحب مهاڳ ۾ لکيو آهي ته:

”شعر ۾ صوفيانه روايت جا وڏا مرڪز ملتان ۽ اُچ رهيا آهن، جيڪي سرائڪي ٻوليءَ جا وڏا مرڪز آهن. ڀريون صوفي شاعر، جنهن هند سنڌ کي متاثر ڪيو، اهو هو- بابا فريدؒ بابا فريد جي ٻولي شاهه حسين، بلهي شاهه، علي حيدر ملتاني، قاضي قادن ۽ شاهه لطيفؒ تائين پنهنجا اثر ڇڏيا.“

ڊاڪٽر مخمور بخاري سنڌ ۾ اردو شاعريءَ جي رواج جي حوالي سان ڳالهه ڪندي ٻڌائي ٿو ته:

”انهن سمورن شاعرن جي اردو ’دڪني اردو‘ آهي جنهن ۾ ”سين“، ”سُون“ ۽ ”ڪرن“ وغيره لفظ ملن ٿا. ان کان سواءِ سچل جي اردو ۾ جمع جو طريقو به

دکني زبان وانگر الف نون اضافي وارو آهي، مثلاً: فريادان، بهاران، هزاران، پڪاران وغيره.“

ڊاڪٽر جاويد چانڊيئي هن ڪتاب بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

”ڊاڪٽر بخاري جي مضمونن جي انهيءَ مالا ۾ اهڙا چمڪندڙ موتي آهن جيڪي سچل سائينءَ جي شاعري جي حُسن کي آشڪار ڪرڻ لاءِ اسان کي سوجهرو ڏين ٿا. سچل سائين جي ڪلام جي گهڻ پلسائين تحقيق مان هر شاندار پهلو اسان جي سامهون اچي ٿو.

منصور ڪان غلام حيدر گوڏڙئي فقير تائين سچل جا پيشرو ۽ پوءِ لڳ سچل جو دور، سياسي، ادبي ۽ سماجي تاريخ، سچل جي حوالي سان سنڌ، سنڌي ثقافت، سنڌي زبان ۽ سنڌي شاعريءَ جي اثرن جو بلوچستان ۽ سرائڪي علائقي تائين ڪيترائي موضوع آهن جيڪي هن ”هشت بهشت“ يا اٺ ڪندي هيري ۾ جرڪن ٿا.“

ڊاڪٽر مخمور بخاري پنهنجي پاران ۾ لکي ٿو ته:

”سچل- ساڃاھ شعور“ جي نالي سان هن مختصر ڪتاب بابت آءٌ ڪا وڏي دعويٰ نه ٿو ڪريان ۽ نه ئي ڪنهن خوشفهمي ۾ پاڻ کي سچل شناس سمجهان ٿو. مون شعوري طور هيءُ ڪتاب نه لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ سچل سرمستؒ متعلق ڪجھ مضمون آهن جن کي ترتيب سان پيش ڪيو ويو آهي. هي مضمون لڳ ڀڳ چئن سالن جي عرصي ۾ لکيا ويا.“

هن ڪتاب ۾ ڪل نو (9) مضمون شامل آهن جن مان هڪ اردو مان ترجمو آهي. هنن سمورن مضمونن ۾ سچل سائين جي فڪر جي مختلف رخن تي روشني پوي ٿي. ڪن اهڙن موضوعن کي به ڇُهيو ويو آهي جن تي اڳ اهڙي انداز سان نه لکيو ويو هو. خاص طور ”منصوري روايات ۽ سرمستي آواز“ ۽ ”سچل سرمست ۽ سامي جي فڪري مماثلت“. سچل ۽ منصور بابت ته لکيو ويو آهي پر هن مضمون ۾ حسين منصور جي عربي شعر سان سچل جي شعر جي ڀيٽ ڪيل آهي. ”سچل سرمست هفت زبان شاعر يا چئن ٻولين جو شاعر“ مضمون ۾ دليلن سان واضح ڪيو ويو آهي، ته سچل سائين سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ اردو ۾ شاعري ڪئي.

ان ڪان علاوه ٻيا هيٺيان مقالا هن ڪتاب ۾ شامل آهن:

- سچل سرمستؒ جو پنهنجي دور تي اثر
- سچل سرمستؒ جو وطن دوستيءَ وارو ڪردار
- سچل سرمستؒ وٽ پاڻ سڃاڻڻ جو فڪر
- غلام حيدر گولڙو دم درازي ديد (فقير غلام حيدر گوڏڙئي جي ڪلام جو جائزو)
- رمز رنديءَ جو عجائب روهڙيءَ ۾ راز هو
- بلوچي براهوي عارفانہ شاعريءَ ۾ سچل سرمستؒ جو رنگ

مجموعي طرح هيءُ ڪتاب، سچل سرمستؒ جي صوفيانہ فڪر جو چڱي پر احاطو ڪري ٿو. هن ڪتاب جي اهميت ڊاڪٽر جاويد چانڊيئي جي لکيل عالمانہ مهاڳ سبب هيڪاري وڌي وئي آهي. هيءُ ڪتاب نون تحقيق ڪندڙ اسڪالرن سميت استادن ۽ شاگردن سميت عام و خاص لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو. ۽ لکيل پڙهيل ماڻهوءَ جي ڪتبخاني ۾ سچل شناسيءَ جي ڪارنر طور هي ٻئي ڪتاب اهميت رکن ٿا.

هنن ٻنهي ڪتابن ڪان علاوه ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو هڪ ڪتاب هالا جي ادبي تنظيمن تي 2004ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي، ان ڪتاب جو ٽائيٽل آهي- ’هالا جي ادبي تنظيمن جو تنقيدي جائزو‘. هيءُ ڪتاب سيف بخاري اڪيڊمي هالا ڇپائي پڌرو ڪيو. ڊاڪٽر بخاري 2007ع ۾ ماهوار ’مٿياري‘ ميگزين جو شاھ لطيف اسپيشل ايڊيشن پڻ ترتيب ڏنو آهي.

ڪتابي دنيا ڪان علاوه مخمور بخاري ”مرزا قليچ بيگ انٽرنيشنل ڪانفرنس“ جيڪا 2009ع ۾ منعقد ڪئي وئي، ان ۾ پنهنجو مقالو پڙهيو، انهيءَ سال ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي پاران سڏايل ”نيشنل ڪلهوڙا ڪانفرنس“ ۾ به پنهنجو پيپر پڙهي چڪو آهي. ازان سواءِ شاھ لطيف، سچل سرمست، بيدل فقير، قلندر شهباز وغيره جهڙن صوفي شاعرن تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ پڻ پنهنجا تحقيقي ۽ علمي پيپر پڙهندو رهي ٿو.

## شيخ اياز جي ورسي تقريب - ڀٽ شاهه

28 ڊسمبر 2011ع



نامور اديبن جو وفد سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي سربراهي ۾
شيخ اياز جي مزار تي ورسي جي موقعي دوران حاضري ڀريندي



جناب الهڏنو وگهيو (سيڪريٽري بورڊ)، دين محمد ڪلهوڙو (ايڊيٽر مهراڻ)،
سيد سڪندر علي شاهه (پبليڪيشن آفيسر) ۽ حافظ احمد الدين انڍڙ (پي آر او)
شيخ اياز جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهڻ بعد فاتحه پڙهي رهيا آهن

## شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ ۽ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جو جنم ڏهاڙو تقريب
4- آڪٽوبر 2011ع



جناب الهڏتو وگهيو(سيڪريٽري بورڊ) ۽ بورڊ جو ٻيو اسٽاف مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي مزار تي فاتحه پڙهندي.



جناب الهڏتو وگهيو سيڪريٽري بورڊ جي سربراهي ۾ بورڊ جو اسٽاف شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهيندي



جناب نظر محمد ڳاهو(چيئرمين فنانس ڪميٽي)، جناب سرفراز راڄڙ، جناب الهڏتو وگهيو، ميڊم نسيم پنهور، حافظ احمد الدين انڍڙ، گلبدن جاويد، محمد يوسف جويو، جمن ڀٽي ۽ حاڪم علي چانڊيو مخاطب آهن



تقريب ۾ شريڪ حضرات